جاوید احمد غامدی

# الاسلام

سندیکار

احمد الدین سندي

المورد

علمي ۽ تحقيق جو ادارو

# الاسلام

**جاويد احمد غامدي**

سنڌيڪار

**احمد الدين سنڌي**

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org

**المورد**

علم ۽ تحقيق جو ادارو

"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ڇاپو: 2018ع
ڪتاب جو نالو : الاسلام
ليڪ: جاويد احمد غامدي
سنڌيڪار: احمد الدين سنڌي
ڇپائيندڙ : المورد لاهور

ISBN 978-969-681-016-2

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org

**"AL ISLAM"**
(Introduction of Islam)
By: Javed Ahmed Ghamdi
Translated By: Ahmeduddin Sindhi
**Published by: "Al-Mawrid"**



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

# فهرست


سنڌيڪار پاران: احمد الدين سنڌي ........................ 5
مهاڳ : جاويد ........................................ 9
حق وارو دين ........................................ 11


## پاڳو پهريون: الحكمة


1 ايمانيات ........................................ 23
2 اخلاقيات ........................................ 59


## پاڳو ٻيو: الكتاب


1 عبادت جو قانون ........................................ 89
2 معاشرتي قانون ........................................ 123
3 سياست جو قانون ........................................ 148
4 معيشت جو قانون ........................................ 152
5 دعوت جو قانون ........................................ 160
6 جهاد جو قانون ........................................ 167
7 حدون ۽ سزائون ........................................ 173
8 کاڌو ۽ پيتو ........................................ 182
9 رسمون ۽ اخلاق ........................................ 186
10 قسم ۽ ان جو ڪفارو ........................................ 188


www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

# سنڌيڪار پاران

سال 2018ع جو جنوري مهينو سرد هوائون سان گڏ پنهنجا پساهه پورا ڪري رهيو هو جو هڪ ڏينهن سنڌيڪا اڪيڊمي جي چيئرمين، نور احمد ميمڻ صاحب طرفان فون ڪال آئي ته هڪ ڪتاب پندرهن ڏينهن جي اندر ترجمو ڪرڻو آهي. پڇا ڪرڻ تي ٻڌايائين ته جاويد احمد غامدي صاحب جو ڪتاب آهي جنهن جو موضوع اسلام جو تعارف آهي. وقت تمام ٿورو هو ۽ ڪجهه ٻيون مصروفيتون به هيون، تنهن هوندي به مون حامي ڀري ۽ فيبروري جي ڏهين تاريخ تي باقاعده ڪم شروع ڪيو، جيڪو الحمد لله اڄ مڪمل ڪيو.

هي جاويد احمد غامدي صاحب جي ڪتاب ”الاسلام“ جو ترجمو آهي، جيڪو اسلام جو تعارف تمام ئي سهڻي نموني پيش ڪري ٿو. ترجمي دوران مون ان ڳالهه کي محسوس ڪيو ته غامدي صاحب پنهنجي هن ڪتاب اندر جيڪي به ڳالهيون ڪيون آهن، سي لڳ ڀڳ قرآني آيتن جو ترجمو ڪري پيش ڪيون آهن ۽ ڪيترن جائن تي پنهنجي راءِ به پيش ڪئي آهي. انهن سمورين ڳالهين باوجود ضروري نه آهي ته مان سندس سمورين يا ڪن ڳالهين سان اختلاف يا اتفاق رکندو هجان. مان جيڪو به ڪتاب ترجمو ڪندو آهيان، ان جو مقصد ڪنهن به ليکڪ جي خيالن ۽



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نظرين کي پڙهندڙن تائين پهچائڻ هوندو آهي، ان جي مڪمل يا جزوي ترديد يا تائيد بلڪل ئي نہ هوندو آهي. اهو پڙهندڙن جي مٿان آهي تہ اهي ڪنهن بہ نظريي کي ڪهڙي نظر سان ڏسن ٿا. البتہ هڪ مؤمن مسلمان جي لاءِ اها ڳالهہ لازم آهي تہ هو سدائين حق واري واٽ لاءِ جاکوڙيندو رهي ۽ جڏهن تحقيق ۾ ڳولا ڦولا کان پوءِ ڪيس ڄاڻ حاصل ٿي وڃي تہ حق واري واٽ ڪهڙي آهي، تہ ان تي بنا ڪنهن تعصب جي هلي پئي ۽ الله تعاليٰ کان سدائين انهيءَ حق واري واٽ تي ثابت قدميءَ سان هلڻ لاءِ دعا ڪندو رهي. هڪ مسلمان لاءِ اها ڳالهہ بہ ضروري آهي تہ ڪنهن بہ نظرئي کي ٻڌي، انڌو ٿي ان جي ڪڍ لڳي نہ پئي، پر هر رخ کان ان جي حق هئڻ بابت تحقيق ڪري، ڪٿي ايئن نہ ٿئي جو ٻاهرائي اختيار ڪندي ڪو غلط عمل ڪري وڃي ۽ پوءِ اڳتي هلي ان جو بڇڙو نتيجو ڀوڳيندو رهي. قرآن پاڪ ۾ سورة الحجرات جي ڇهين نمبر آيت اندر بہ اهڙي ئي قسم جو حڪم ڏنو ويو آهي.

ان ڪري مان پنهنجن سمورن پڙهندڙن کي گذارش ڪندس تہ هو ڪنهن بہ ڳالهہ يا نظريي جو مطالعو ڪرڻ وقت مٿين اصول کي سامهون رکن ۽ ان بابت هر رخ کان تحقيق ڪندي حق واري واٽ تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪن ۽ جڏهن حق ثابت ٿي وڃي تہ الله تعاليٰ جو خوف رکندي دل ۾ رکندي، انهيءَ حق واري ڳالهہ تي عمل ڪن جو سياڻي قيامت جي ڏينهن ڪين الله تعاليٰ اڳيان حاضر ٿي پنهنجي سمورن عملن جو حساب ڏيڻو آهي.

الله تعاليٰ کان دعا آهي تہ هو اسان کي پنهنجي حڪمن ۾ حق واري واٽ تي هلڻ ۾ پنهنجي رسول ڪريم ﷺ جي مڪمل


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اطاعت ۾ فرمانبرداري ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. (آمين)

هڪ ٻئي اهم ڳالهه جيڪا مان پنهنجي قارئين سان ونڊڻ چاهيان ٿو سا هيءَ ته مان نسبي لحاظ کان بلوچ خاندان سان تعلق رکان ٿو جنهن ڪري هن کان اڳ منهنجي سمورن ترجمو ڪيل ڪتابن ۾ نالو ”احمدالدين شربلوچ“ آهي. پر جيئن ته مون سنڌ ڌرتيءَ تي جنم ورتو آهي ۽ سنڌ سان مون کي محبت آهي، ان ڪري هن کان اڳتي منهنجو ادبي نالو ”احمدالدين سنڌي“ ڪري لکيو ۽ پڙهيو وڃي.

توهان جي دعائن جو طالب
**احمدالدين سنڌي**
ليڪچرار (اسلاميات)
گورنمينٽ گرلس ڊگري ڪاليج، پڊعيدن
فون: 0302-2019119

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

# مهاڳ

الله تعاليٰ وٽ دين رڳو اسلام آهي. مون هن دين کي جهڙي طرح سمجهيو آهي، پنهنجي ڪتاب ”ميزان“ ۾ بيان ڪري ڇڏيو آهي. هي ڪتابڙو ان جو تت آهي، جنهن ۾ ڪتاب جو نچوڙ اُن جي علمي بحث مباحثي ۽ دليلن کان جدا ڪري سادي طريقي سان پيش ڪيو ويو آهي.

دين جي سمجهه ۽ ان کي بيان ڪرڻ لاءِ هن وقت تائين جيڪو ڪجهه لکيو اٿم ۽ جيڪو ڪجهه بيان ڪيو اٿم، سو پنهنجي مربي استاد امام امين احسن اصلاحي جي فيض ۽ تربيت جو نتيجو آهي. انهيءَ ڪري پنهنجي ٻين سمورن ڪتابن وانگر منهنجو هيءُ ڪتاب بہ ان جي نانءِ آهي:

*طبع تو داد سر خط مشق سخن بما*
*گویی برات نور ز خاور گرفته ایم*

**جاويد**

المورد، لاهور

25 ڊسمبر 2007ع



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

بسم اللہ الرحمن الرحیم

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

مقدمو

# حق وارو دين

دين الله تعاليٰ جي هدايت آهي، جيڪو هن پهرين انسان جي فطرت ۾ الهام فرمايو ۽ ان ڪان پوءِ، ان جي سموري ضروري وضاحتن سان گڏ، پنهنجي پيغمبرن جي وسيلي سان انسانذات کي ڏنو آهي. انهيءَ سلسلي جا آخري پيغمبر حضرت محمد ﷺ جن آهن. ايئن هاڻي دين جو مآخذ رڳو محمد ﷺ جن جي ذات سڳوري آهي ۽ دين حق هاڻي اهوئي آهي، جنهن کي پاڻ سڳورا پنهنجي قول، فعل ۽ تقرير[1] سان دين سڏن.

رسول الله ﷺ کان هي دين پاڻ سڳورن جي اصحابن جي اجماع[2] ۽ قولي ۽ عملي تواتر[3] سان اسان تائين پهتو ۽ ٻن صورتن ۾ اسان تائين پهتو آهي:

1. قرآن مجيد ۽ 2. سنت

قرآن مجيد اهو ڪتاب آهي جيڪو الله تعاليٰ پنهنجي آخري پيغمبر حضرت محمد ﷺ تي نازل فرمايو آهي ۽ پنهنجي نازل ٿيڻ کان پوءِ اج تائين مسلمانن وٽ، ان جي طرفان اهڙو تہ ڇڻائيءَ سان

---

1 ان جو مطلب هي آهي تہ ڪا شيءِ پاڻ سڳورن جي سامهون دين جي حيثيت سان پيش ٿي ۽ پاڻ ان کان منع نہ فرمايائون.

2 يعني بنا ڪنهن اختلاف جي مڪمل اتفاق سان.

3 يعني بنا ڪنهن سلسلي جي ڪٽجي وڃڻ جي، پيڙهين کان پڙهندي، لکندي، بيان ڪندي ۽ ان تي عمل ڪندي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

موجود آهي، جو هي اهو ساڳيو ئي ڪتاب آهي، جيڪو حضرت محمدﷺ تي نازل ٿيو هو ۽ جنهن کي پاڻﷺ جن جي اصحابن سڳورن پنهنجي اجماع ۽ قولي تسلسل ۽ مڪمل حفاظت سان، بنا ڪنهن ننڍڙي تبديليءَ جي دنيا تائين پهچايو آهي.

سنت دين ابراهيمي جي اها روايت آهي، جنهن کي نبي ڪريمﷺ، اُن جي تجديد ۽ سڌاري کان پوءِ[4] ۽ ان ۾ ڪجهه واڌارن سان پنهنجي مڃيندڙن ۾ دين جي حيثيت سان جاري فرمائي آهي.

اِنهيءَ (سنت) ۾ ۽ قرآن مجيد ۾ ثبوت جي لحاظ کان ڪوبہ فرق نہ آهي. اهو جهڙي طرح سان اصحابن جي اجماع ۽ قولي تسلسل سان مليو آهي، هيءَ بہ ايئن ئي انهن جي اجماع ۽ عملي تسلسل سان ملي آهي ۽ قرآن وانگر ئي هر دور ۾ مسلمانن جي اجماع سان ثابت ٿئي ٿي.

هن دين جي حقيقت جيڪڏهن هڪ لفظ ۾ بيان ڪئي وڃي تہ قرآن جي اصطلاح ۾ اها الله جي "عبادت" آهي. ان جي معنيٰ عاجزي ۽ هيٺائيءَ جي آهي. اها شيءِ جيڪڏهن الله تعاليٰ جي صحيح سڃاڻ سان پيدا ٿئي ٿي تہ پنهنجو پاڻ کي تمام ئي محبت ۽ تمام ئي خوف سان ان جي اڳيان، آخري حد تائين جهڪائي ڇڏڻ واري صورت اختيار ڪري وٺي ٿي. اها حقيقت ۾ هڪ داخلي ڪيفيت آهي. خدا جو ذڪر، ان جو شڪر، ان جي

[4] يعني جيڪو وسارجي چڪو هو، ان کي تازو ڪرڻ ۽ جنهن ۾ ڪا غلطي ٿي رهي هئي، ان کي صحيح ڪرڻ کان پوءِ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ناراضگي جو خوف، ان سان گڏوگڏ اخلاص، ان تي ڀروسو ۽ ان جي اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ ۽ ان جي رضا تي راضي رهڻ، انهيءَ ڪيفيت جا اندروني اهڃاڻ آهن. انسان جي ظاهري وجود ۾ اهائي شيءِ پوڄا جي شڪل يعني رڪوع، سجدن، تسبيح ۽ تحميد، دعا ۽ پڪار ۽ نذر و نياز جي صورت ۾ ظاهر ٿيندي آهي. وري جيئن تہ انسان هن دنيا ۾ پنهنجو هڪ عملي وجود بہ رکندو آهي، انهيءَ ڪري پنهنجي انهيءَ ظهور کان اڳتي وڌي، انسان جي انهيءَ عملي وجود سان واڳجي، پوڄا سان گڏوگڏ فرمانبرداري کي بہ پاڻ سان شامل ڪري وٺي ٿي. ان وقت اها انسان کان اها گهر ڪري ٿي تہ ظاهر توڙي باطن، ٻنهي ۾ هو خدا جو ٻانهو ٿي رهي.

الله ۽ ٻانهي جي وچ ۾ عبد ۽ معبود جي انهيءَ لاڳاپي جي لاءِ اها عبادت جڏهن پنهنجا بنياد مهيا ڪندي، رسمون طئي ڪندي ۽ دنيا ۾ انهيءَ لاڳاپي جي گهرجن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ حدون ۽ ضابطا مقرر ڪندي آهي، تہ قرآن جي ٻوليءَ ۾ انهيءَ کي دين جي نالي سان سڏيو ويندو آهي. انهيءَ جي جيڪا شڪل الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبرن جي وسيلي سان انسانن مٿان ظاهر ڪئي آهي، تنهن کي قرآن ڪريم ”دين الحق“ سڏي ٿو. ان جي باري ۾ انهن کي هدايت ڪري ٿو تہ اهي ان کي بلڪل صحيح ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ مڪمل طور تي قائم رکن ۽ ان ۾ ڪا بہ فرقيواريت پيدا نہ ڪن.

انهيءَ عبادت جي لاءِ ايمان ۽ اخلاق جا جيڪي بنياد هِن دين ۾ بيان ٿيا آهن، تن کي قرآن ڪريم ”الحڪمة“ ۽ ان جي ريتن رسمن ۽ پابندين کي ”الڪتاب“ سڏي ٿو. انهيءَ جي لاءِ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

هڪڙو ٻيو لفظ شريعت بہ آهن. ان جي معنيٰ بہ اها ئي آهي جنهن کي اسان لفظ ”قانون“ بہ چوندا آهيون.

”الحڪمۃ“ اصل کان وٺي هڪ ئي آهي، پر شريعت انساني تمدن ۾ ارتقا ۽ تبديلين سبب ڪنهن حد تائين مختلف رهي آهي.

آسماني ادب جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ توريت ۾ گهڻو ڪري شريعت، جڏهن تہ انجيل ۾ حڪمت بيان ٿي آهي. وري زبور انهيءَ ئي حڪمت جي مهاڳ طور الله تعاليٰ جي وڏائيءَ جو ترانو آهي ۽ قرآن انهن ٻنهي جي لاءِ ادب جو هڪ جامع شاهڪار آهي جيڪو قومن کي انهن جي بداعمالين کان ڊيڄارڻ ۽ نيڪ عمليءَ لاءِ سٺي بدلي جي خوشخبري ڏيندڙ صحيفي جي حيثيت ۾ نازل ٿيو آهي.

’الحڪمۃ‘ جي تعبير جن ڳالهين ۾ اختيار ڪئي وئي آهي سي بنيادي طور بہ آهن:

هڪ ايمانيات.

ٻيو اخلاقيات.

’الڪتاب‘ جي سِري هيٺ جن ڳالهين تي بحث ڪيو ويو آهي سي هي آهن:

(1) عبادتن جا قانون، (2) معاشرت جا قانون، (3) سياست جا قانون، (4) معيشت جا قانون، (5) دعوة جا قانون، (6) جهاد جا قانون، (7) حدن ۽ سزائن جا قانون، (8) کائڻ پيئڻ، (9) ريتون رسمون ۽ معاشرتي ادب ۽ (10) قسم ۽ انهن جو ڪفارو.

اهو ئي سمورو دين آهي. الله تعاليٰ جا جيڪي پيغمبر هن دين کي کڻي آيا، تن کي نبي چيو ويندو آهي. قرآن مان خبر پوي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ٿي تہ انهن مان ڪي ”نبي“ هجڻ سان گڏوگڏ ”رسول“ جي عهدي تي بہ فائز ٿيا هئا.

”نبي“ جو مطلب آهي تہ انسانن مان ئي ڪنهن ماڻهوءَ تي وحي نازل ٿئي ۽ هو ماڻهن کي ان بنياد تي حق ٻڌائي ۽ سندس مڃيندڙن کي قيامت ۾ چڱي نتيجي جي خوشخبري ڏئي ۽ نہ مڃيندڙن کي بڇڙي نتيجي کان خبردار ڪري. قرآن ڪريم انهيءَ کي ”انذار“ ۽ ”بشارت“ جي نالي سان سڏيو آهي.

”رسول“ جو مطلب هي آهي تہ نبوت جو درجو مليل شخص پنهنجي قوم جي لاءِ اهڙي طرح سان الله تعاليٰ جي عدالت بڻجي اچي جو جيڪڏهن سندس قوم کيس ڪوڙو ڪري تہ انهن جي باري ۾ خدائي فيصلو هن دنيا ۾ ئي انهن تي نافذ ڪندي، عملي طور تي انهن جي مٿان حق کي سوپارو بڻائي.

ان جو طريقيڪار هي هوندو آهي تہ الله تعاليٰ انهن رسولن کي پنهنجي جزا ۽ سزا کي ظاهر ڪرڻ لاءِ چونڊيندو آهي ۽ پوءِ قيامت کان اڳ ئي ننڍي قيامت ، انهن جي وسيلي ئي هن دنيا ۾ قائم ڪري ڇڏيندو آهي. انهن کي ٻڌايو ويندو آهي تہ جيڪڏهن اهي الله تعاليٰ سان ڪيل پنهنجي واعدي تي قائم رهندا تہ انهن جو ڪين اجر ۽ جيڪڏهن نافرماني ڪندا تہ سزا هن دنيا ۾ ئي ڏني ويندي. ان جو اهو نتيجو نڪرندو آهي جو انهن جو وجود، ماڻهن جي لاءِ الله تعاليٰ جي نشاني بڻجي ويندو آهي ۽ اهي الله تعاليٰ کي چڻ تہ ان سان گڏ زمين تي گهمندي ڦرندي ۽ انصاف ڪندي ڏسندا آهن. ان سان گڏوگڏ کين حڪم ڏنو ويندو آهي تہ جنهن حق واري ڳالهہ کي اهي پنهنجي ظاهري اکين سان ڏسي چڪا


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آهن، ان جي پرچار ڪن ۽ الله تعاليٰ جي هدايت بنا ڪنهن واڌ ي گهاٽ ي جي، مڪمل طور ماڻهن تائين پهچائن. قرآن جي تعبير موجب اها ”شهادت“ آهي. جڏهن اها حالت قائم ٿي ويندي آهي تہ اها دنيا ۽ آخرت، ٻنهي ۾ خدائي فيصلي جو بنياد بڻجي ويندي آهي. ايئن الله تعاليٰ انهن رسولن کي سوپارو ڪندو آهي ۽ ان جي دعوة جي انڪارين تي پنهنجو عذاب نازل ڪندو آهي.

شهادت جو اهو مرتبو رسولن کانسواءِ سيدنا ابراهيمؑ جي پيڙهيءَ کي بہ عطا ٿيو آهي. قرآن ڪريم انهيءَ کي ئي سامهون رکندي، ڪين الله تعاليٰ جي رسول ۽ سندس ٻانهن وچ ۾ هڪ جماعت سڏيو آهي ۽ ٻڌايو آهي تہ انهيءَ مرتبي جي لاءِ پاڻ اهڙيءَ ئي طرح چونڊيا ويا، جهڙي طرح انسانن مان الله تعاليٰ ڪن هستين کي نبوت ۽ رسالت جي لاءِ چونڊيندو آهي.

نبين ۽ رسولن سان گڏ الله تعاليٰ عام طرح سان پنهنجا ڪتاب پڻ نازل فرمايا. انهن جي نازل ڪرڻ جو مقصد قرآن پاڪ ۾ هي بيان ٿيو آهي تہ حق ۽ باطل جي لاءِ اهي تارازي ٿين تہ جيئن انهن جي وسيلي ماڻهو پنهنجي جهيڙن جو فيصلو ڪري سگهن ۽ اهڙي طرح حق جي معاملي ۾ پوري پوري انصاف تي قائم ٿي وڃن.

نبوت ۽ رسالت جو اهو سلسلو آدمؑ کان شروع ٿي محمد رسول اللهﷺ تي ختم ٿيو آهي. پاڻ سڳورن جي دنيا ۾ موڪلائي وڃڻ کان پوءِ وحي ۽ الهام جو دروازو سدائين جي لاءِ بند ٿي ويو آهي ۽ نبوت جو سلسلو ختم ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري ماڻهن کي دين تي قائم رکڻ لاءِ ”انذار“ جي ذميواري هاڻي قيامت تائين هن امت جي عالمن کي ادا ڪرڻي آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

هن دين جو نالو "اسلام" آهي ۽ ان باري ۾ الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ فرمايو آهي تہ انسانن کان انهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ دين قبول ئي نہ ڪندو.

"اسلام" جو لفظ جهڙي طرح سموري دين جي لاءِ استعمال ٿئي ٿو اهڙي طرح دين جي ظاهر کي بہ ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ ئي لفظ اسلام سان سڏيو ڪيو ويندو آهي. پنهنجي انهيءَ ظاهر جي لحاظ کان اهو پنجن ڳالهين تي آڌاريل آهي:

1. ان ڳالهہ جي شاهدي ڏني وڃي تہ الله کانسواءِ ڪوبہ معبود نہ آهي ۽ محمد ﷺ ان جو رسول آهي.
2. نماز قائم ڪئي وڃي.
3. زڪواة ادا ڪئي وڃي.
4. رمضان جا روزا رکيا وڃن.
5. بيت الله جو حج ڪيو وڃي.

دين جو باطن ايمان آهي. ان جو تفصيل بہ قرآن پاڪ ۾ بيان ٿيو آهي. ان لحاظ کان اهو بہ پنجن ڳالهين تي آڌاريل آهي:

1. الله تي ايمان.
2. ملائڪن تي ايمان.
3. نبين تي ايمان.
4. ڪتابن تي ايمان.
5. قيامت جي ڏينهن تي ايمان.

اهو ايمان جڏهن پنهنجي حقيقت جي لحاظ کان دل ۾ جاءِ ناهيندو آهي ۽ انهيءَ سان پنهنجي تصديق حاصل ڪري وٺندو آهي تہ پنهنجي وجود کان ئي ٻن ڳالهين جي گهر ڪندو آهي:



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

هڪ عمل صالح ۽ ٻيو ”تواصي بالحق“ ۽ ”تواصي بالصبر“.

عمل صالح جو مطلب هر اهو عمل آهي، جيڪو اخلاقي پاڪيزگيءَ جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندو آهي. انهيءَ جا سمورا بنياد عقل ۽ فطرت ۾ شامل آهن ۽ الله تعاليٰ جي شريعت انهيءَ ئي عمل ڏانهن انسان جي رهنمائي لاءِ نازل ٿي آهي.

’تواصي بالحق‘ ۽ ’تواصي بالصبر‘ جي معنيٰ پنهنجي ماحول ۾ هڪٻئي کي حق ۽ حق تي ڄمي رهڻ جي نصيحت ڪرڻ آهي. قرآن ڪريم ۾ ان کي ’امر بالمعروف‘ ۽ ’نهي عن المنڪر‘ سان ياد ڪيو ويو آهي. يعني اهي ڳالهيون جيڪي عقل ۽ فطرت جي ذريعي سان معروف (سٺيون سمجهيون ويل) آهن، پنهنجي ويجهي ماحول ۾ ماڻهن کي انهيءَ لاءِ تاڪيد ڪئي وڃي ۽ جيڪي منڪر (جن کي هرڪو برو سمجهندو هجي) آهن، تن کان ماڻهن کي روڪيو وڃي.

عام حالتن ۾ ايمان جون گهرجون اهي ئي آهن. پر انسان جنهن دنيا ۾ رهي ٿو انهيءَ لحاظ کان جيڪي حالتون ان کي پيش اچي سگهن ٿيون، تن جو خيال رکڻ سان، اِنهن ڪانسواءِ ٽي ٻئي گهرجون بہ پيدا ٿينديون آهن:

هڪ هجرت:

ٻيو نصرت:

ٽيون انصاف تي بيهڪ.

مؤمن ٻانهي جي لاءِ جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي پنهنجي پالڻهار جي عبادت تي قائم رهڻ سر جو سانگو لاهي ڦٽو ڪرڻ واري ڳالهہ بڻجي وڃي; ڪيس دين جي لاءِ ايذايو وڃي، ايتري تائين



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جو پنهنجي اسلام کي ظاهر ڪرڻ ئي سندس لاءِ ناممڪن بڻجي وڃي ته سندس اهو ايمان ڪانئس گهُر ڪري ٿو ته انهيءَ علائقي کي ڇڏي، ڪنهن اهڙي پاسي هليو وڃي جتي هو ڪليل طرح سان پنهنجي دين مٿان عمل ڪري سگهي. قرآن ڪريم انهيءَ عمل کي "هجرت" سڏي ٿوءِ پيغمبر جي طرفان، سندس دعوة کان پوءِ، پنهنجو پاڻ کي اهڙي قسم جي صورتحال ۾ ڏسي، ايئن (هجرت)نه ڪرڻ وارن کي دوزخ جي پُلڪار ٻڌائي وئي آهي.

ايئن ئي دين کي پنهنجي پرچار يا حفاظت لاءِ جيڪڏهن اهڙي قسم جي وک وڌائڻ جي ضرورت اچي وڃي، ته ايمان جي گهرج اها ئي آهي ته جاني توڙي مالي طرح سان دين جي مدد ڪئي وڃي. قرآن ڪريم جي لفظن مطابق اها الله تعاليٰ جي "نصرت" (مدد) آهي. ان جو مطالبو اهو آهي ته، ايمان جي اها گهرج جيڪڏهن ڪنهن وقت اڳيان اچي وڃي مومن ٻانهي کي دنيا جي ڪابه شيءِ ان کان وڌيڪ ڪيس پياري نه هئڻ گهرجي.

وري هِن دنيا ۾ انسان جا جذبا، نفرتون، ذاتي مفاد ۽ خواهشون جيڪڏهن دين ۽ دنيا جي معاملي ۾ ڪيس انصاف واري وات کان هٽائڻ گهرن ته اهو ئي ايمان ڪانئس گهُر ڪري ٿو ته مومن ٻانهو نه رڳو حق ۽ انصاف تي قائم رهي، پر جيڪڏهن اهي شاهدي ڏيڻ جي گهُر ڪن ته سر ترِيءَ تي رکي به انهن جو اهو مطالبو پورو ڪري، حق جي ڳالهه چوي ۽ حق واري ڳالهه اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏي، انصاف ڪري، انصاف واري شاهدي ڏئي ۽ پنهنجي عقيدي توڙي عمل ۾ انصاف ڪانسواءِ ٻي ڪابه شيءِ اختيار نه ڪري. قرآن ڪريم انهيءَ جي لاءِ "قيام



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

بالقسط“ جو لفظ اختيار فرمايو آهي.

هن دين جو مقصد جيڪو قرآن ڪريم ۾ بيان ٿيو آهي، سو قرآن جي اصطلاح ۾ نفس جي پاڪائي حاصل ڪرڻ آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ انسان جي انفرادي توري اجتماعي زندگي کي گناهن جي گدلاڻ کان پاڪ صاف ڪري، ان جي فڪر توڙي عمل کي صحيح رخ ۾ واڌ ويجهہ ڏني وڃي. قرآن پاڪ ۾ اها ڳالهہ هر هنڌ بيان ٿي آهي تہ انسان جي زندگيءَ جو بنيادي مقصد هميشہ واري بهشت جي بادشاهي آهي. ڪاميابيءَ واري انهيءَ مرتبي تي پهچڻ جي ضمانت رڳو انهن ماڻهن جي لاءِ آهي، جيڪي هن دنيا ۾ پنهنجو پاڻ کي پاڪ ۽ صاف ڪن. تنهن ڪري دين جو بنيادي مقصدپاڪائي حاصل ڪرڻ ئي آهي. الله تعاليٰ پنهنجا سمورا نبي انهيءَ ئي مقصد سان موڪليا ۽ سمورو دين انهيءَ ئي مقصد کي حاصل ڪرڻ ۽ انهيءَ مرتبي تائين پهچڻ ۾ انسانن کي رهنمائي ڏيڻ لاءِ نازل ٿيو آهي.

انهيءَ دين تي عمل ڪرڻ لاءِ جيڪو رويو ان جي مجيندڙن کي اختيار ڪرڻ گهرجي ، سو ”احسان“ آهي. احسان جو مطلب ڪنهن ڪم کي اُن جي تمام ئي بهترين طريقي تي پورو ڪرڻ آهي. انهيءَ جي صورت هيءَ آهي تہ انسان الله تعاليٰ جي ٻانهپ اهڙي طرح سان ڪري جو ڄڻ تہ هو کيس ڏسي رهيو آهي. ڇو جو جيڪڏهن هو کيس نٿو ڏسي سگهي تہ سندس پالڻهار تہ کيس ڏسي رهيو آهي.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

پاگوپھريون

# الحكمة

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

1

# ايمانيات

ايمان هڪ ديني اصطلاح آهي. ڪنهن شيءِ کي دل جي پوري ويساهه سان مڃيو وڃي ته انهيءَ کي ايمان چيو ويندو آهي. ان جو بنياد خدا تعاليٰ تي ايمان آهي. انسان جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار کي اهڙي طرح مڃڻ لڳي جو ان جي اڳيان ڪنڌ نوائڻ ۾ ان جي رضا تي راضي رهڻ جي بلڪل آخري درجي تائين، پنهنجي دل ۾ دماغ کي سندس حوالي ڪري ڇڏي، ته قرآن جي اصطلاح ۾ اهو مومن آهي. ايمان جي اها ئي حقيقت آهي جنهن جي آڏار قرآن ڪريم ان ڳالهه جي گهر ڪري ٿو ته، انسان جي قول ۾ عمل کي به سندس مٿان شاهدهئڻ گهرجي. ايئن هو هر نيڪيءَ کي ايمان جو گڻ ۾ ايمان واري جي لازمي وصف ٻڌائي ٿو.

ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته قانون جي نگاهه ۾ هر اهو ماڻهو مومن آهي، جيڪو زبان سان اسلام جو اقرار ڪري ٿو. اُن جو اهو ايمان گهٽ يا وڌ به ٿئو سڌي سگهجي. پر جيستائين حقيقي ايمان جو لاڳاپو آهي، ته اهو ڪڏهن به ڪا نظر ايندڙ شيءِ نه آهي. الله تعاليٰ جي ذڪر ۾ ان جي آيتن جي تلاوت ۾ پنهنجي ئي اندر توڙي ڪائنات جي اندر سندس نشانين جي ظاهر ٿيڻ سان ان ۾ جي ايمان ۾ترقي ٿيندي آهي. قرآن ڪريم انهيءَ کي هڪ اهڙي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

وڻ سان تشبيهہ ڏني آهي، جنهن جون پاڙون زمين جي اونهائين ۾ کُتل هجن ۽ ٽاريون آسمان جي ويڪر ۾ پکڙيل هجن.

ساڳيو ئي معاملو ايمان ۾ ڪوٺ جو آهي. انسان جيڪڏهن پنهنجي ايمان کي نفعو ڏيندڙ علم ۽ نيڪ عمليءَ سان لڳاتار وڌائيندو رهڻ بدران، ان جي گهرجن خلاف عمل ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي تہ اهو گهٽبو بہ آهي، اجا بہ ڪن حالتن ۾ تہ بلڪل ئي ختم ٿي ويندو آهي.

انهيءَ مان پڌرو ٿئي ٿو تہ ايمان ۽ عمل پاڻ ۾ لازم ملزوم آهن. تنهن ڪري جهڙي طرح ايمان سان گڏ عمل ضروري آهي، اهڙي طرح عمل سان گڏ ايمان بہ ضروري آهي. ڇوته ڪاري جي لاءِ قرآن هر جاءِ تي انهيءَ کي پهريون شرط ٻڌايو آهي.

اهو ايمان هيٺ بيان ڪيل پنجن ڳالهين بابت آهي:

1. الله تي ايمان
2. ملائڪن تي ايمان
3. نبين تي ايمان
4. ڪتابن تي ايمان
5. قيامت جي ڏينهن تي ايمان

## الله تي ايمان

الله انهيءَ هستيءَ جو نالو آهي، جيڪا زمين، آسمان ۽ سمورين مخلوقن جي خلقيندڙآهي. اهو نالو شروع کان ئي جهانن جي پالڻهار جي لاءِ خاص رهيو آهي. پاڻ سڳورنﷺ کان اڳ وارن عربن ۾، جاهليت ۾ بہ اهو نالو انهيءَ مفهوم جي لاءِ ئي استعمال



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ٿيندو هو. هي لفظ بہ دين ابراهيمي جي ان وقت تائين بچيل ريتن رسمن، جيڪي عربن کي ورثي ۾ مليون هيون، تن مان آهي.

انهيءَ هستيءَ جو اقرار هڪ اهڙي شيءِ آهي، جيڪو منڍ کان ئي انسان جي فطرت ۾ رکيو ويو آهي. قرآن پاڪ جو بيان آهي تہ هي معاملو هڪ واعدي ۽ ميثاق جي شڪل ۾ ٿيو آهي. انهيءَ واعدي جو ذڪر قرآن ڪريم هڪ واقعي جي حيثيت سان ڪري ٿو. انسان کي هتي امتحان جي لاءِ موڪليو ويو آهي، انهيءَ ڪري هي واقعو تہ سندس يادگيري مان وسارايو ويو آهي، پر ان جي حقيقت سندس دل جي صفحي تي اُڪريل ۽ سندس دماغ جي ڪنهن لڪل خاني ۾ ڪُتل آهي. انهيءَ کي ڪابہ شيءِ مِٽائي نٿي سگهي. ايئن ماحول ۾ جيڪڏهن ڪا شيءِ روڪيندڙ نہ هجي ۽ انسان کي اهو ياد ڏياريو وڃي تہ هو ان ڏانهن ايئن ڊوڙي ايندو جيئن ٻار پنهنجي ماءُ ڏانهن ڊوڙي ايندو آهي. جيتوڻيڪ هن ڪڏهن بہ پنهنجو پاڻ کي ماءُ جي پيٽ مان نڪرندي ناهي ڏٺو پر پوءِ بہ انهيءَ ويساهہ سان ڊوڙي ايندو آهي جو ڄڻ تہ هو منڍ کان ئي کيس سڃاڻيندو آهي. هو محسوس ڪندو آهي تہ الله تعاليٰ جو اهو اقرار سندس هڪ فطري ضرورت جي گهرج جو جواب آهي، جيڪو سندس اندر ئي موجود هو. هن انهيءَ کي ماڻي ورتو آهي تہ، سندس نفسيات جي سمورن گهرجن بہ ان سان گڏ ئي پنهنجي جاءِ ماڻي ورتي آهي. قرآن پاڪ جو ارشاد آهي تہ انساني نفس جي هيءَ شاهدي اهڙي تہ پڪي نڪي آهي جو جيستائين الله تعاليٰ جي ربوبيت جو لاڳاپو آهي، تہ هر ماڻهو رڳو انهيءَ ئي شاهديءَ جي بنياد تي الله تعاليٰ وٽ جوابده آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

انسان جي باطن ۾ انهيءَ رهنمائيءَ سان گڏوگڏ هيءَ صلاحيت بہ ڪيس ڏني وئي آهي تہ پنهنجي ظاهري حواسن سان هو جيڪو ڪجهہ ڏسندو آهي، ٻڌندو آهي ۽ محسوس ڪندو آهي، انهيءَ سان ڪجهہ اهڙيون حقيقتون اخذ ڪري جيڪي حواسن کان مٿاهيون هجن. انهيءَ جو هڪڙو سادو مثال ڪشش واري قانون (Law of Gravitation) آهي. صوف جڏهن وڻ مان ڇڄندو آهي تہ زمين تي ڪري ٿو. پٿر کي زمين تان کڻڻو هجي تہ انهيءَ لاءِ طاقت خرچ ڪرڻي پوي ٿي. ڏاڪڻ تان لهڻ جي ڀيٽ ۾ چڙهڻ ڏکيو هوندو آهي. چنڊ ۽ ستارا آسمان ۾ گردش ڪندا آهن. انسان انهن شين کي صدين کان ڏسي رهيو هو. ايستائين جو نيوٽن هڪ ڏينهن اهو راز کولي ٻڌايو تہ اهو سڀ ڪجهہ ڪشش واري قانون جو ڪرشمو آهي. اهو قانون ڏسڻ ۾ تہ نٿو اچي، پر هن وقت سموري دنيا انهيءَ کي هڪ سائنسي حقيقت طور مڃي ٿي. ان جو سبب هي آهي تہ اهو نظريو سموري ڄاتل حقيقتن سان هڪجهڙائي رکي ٿو. انهيءَ سان سمورن مشاهدن جي وضاحت ٿي وڃي ٿي. ان کانسواءِ ٻيو ڪوبہ اهڙو نظريو هن وقت تائين سامهون نہ آيو آهي، جيڪو حقيقتن سان ايتري حد تائين هڪجهڙائي رکندو هجي.

اهو ظاهر آهي تہ محسوس سان غير محسوس کي اخذ ڪيو وڃي ٿو. انسان جڏهن پنهنجي انهيءَ صلاحيت کي ڪم ۾ آڻي، پنهنجو ۽ پنهنجي اوسي پاسي ۾ پکڙيل ڪائنات جو مطالعو ڪري ٿو تہ ان جو اهو مطالعو بہ ان جي باطن ۾ لڪل انهيءَ حقيقت جي شاهدي ڏيندو آهي.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ايئن هو ڏسي ٿو تہ هن دنيا جي هر شيءِ سهڻي تخليق جو هڪ معجزاڻو اظهار آهي؛ هر شيءِ ۾ بي پناهہ معنويت آهي، غير معمولي بندوبست آهي؛ حڪمت، تدبير، نفعي بخشي ۽ حيران ڪندڙ حد تائين انتظام ۽ ترتيب آهي؛ بي مثال جاميٽري ۽ رياضي آهي جنهن جي ڪا وضاحت ان ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نٿي ٿي سگهي تہ انهيءَ جو هڪ خالق آهي ۽ اهو خالق ڪا انڌي ٻوڙي طاقت نہ، پر هڪ اڻ ڪٿ ذهن آهي. ڇو جو طاقت جو ظاهر ٿيڻ جيڪڏهن ڪنهن علم ۽ حڪمت واري هستي جي طرفان نہ هجي تہ ان کي رڳو ڏاڍ ئي هئڻ گهرجي. پر هيءَ حقيقت آهي تہ ايئن نہ آهي. اجا بہ انهيءَ ۾ تمام ئي اوچي درجي جي موزونيت آهي، اڻ ڪٿ موافقت آهي. انهيءَ مان غير معمولي فائدا ۽ عجيب ۽ غريب تبديليون پيدا ٿينديون آهن جيڪي ڪنهن انڌي يا ٻوڙي طاقت کان ڪڏهن بہ پيدا نٿيون ٿي سگهن.

اهي شاهديون جيتوڻيڪ ڪافي هيون، پر ماڻهن تي حجت پوري ڪرڻ لاءِ الله تعاليٰ وڌيڪ اهتمام سان هي فرمايو تہ هن انسانيت جي شروعات هڪ اهڙي انسان سان ڪئي جنهن خدا جي ڳالهہ کي ٻڌو، ان جي ملائڪن کي ڏٺو ۽ اهڙي طرح حقيقت جي سڌي مشاهدي جي شاهدي ڏئي، دنيا مان موڪلايو تہ جيئن سندس هي علم پيڙهين تائين سندس اولاد ڏانهن منتقل ٿيندو رهي، جو خدا جو تصور انساني زندگيءَ جي ڪنهن بہ دور، زمين جي ڪنهن بہ علائقي، ڪنهن بہ وسندي، ڪنهن بہ پيڙهي ۽ ڪنهن بہ نسل جي لاءِ اوپرو نہ ٿي سگهي.

وري ايترو تي ئي بس نہ ڪئي، پر پهرين انسان جي حيثيت



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

سان آدم ۽ حوا کي دنيا ۾ موڪلڻ کان پوءِ هڪ وڏي عرصي تائين اهو بندوبست بہ ڪيو ويو تہ آدم جو اولاد جيڪڏهن پنهنجي ايمان ۽ عمل جي قبوليت يا عدم قبوليت هن دنيا ۾ ئي ڄاڻڻ گهري تہ ڄاڻي وٺي. اهو ڄڻ تہ حقيقت کي انهيءَ زماني جي هر شخص جي لاءِ تجربي ۽ مشاهدي جي درجي تائين پهچائي ڇڏڻ هو تہ جيئن پنهنجي ماءُ پيءُ سان هو بہ انهيءَ شاهديءَ ۾ شامل ٿي وڃي. انهيءَ جي شڪل هيءَ هوندي هئي تہ ماڻهو الله تعاليٰ اڳيان پنهنجي قرباني پيش ڪندا هئا، پوءِ آسمان مان هڪ باهہ لهي ايندي هئي ۽ قبوليت جي اهڃاڻ طور انهيءَ کي ساڙي ويندي هئي.

انهيءَ مان ظاهر ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ جو وجود هڪ پڌري حقيقت آهي، جنهن جو تصور انسان پنهنجي ابن ڏاڏن کان وٺي آيو آهي ۽ جنهن جي شاهدي سندس جان جُسو توڙي مادو ٻئي پنهنجي وجود سان ڏيندا آهن. پر الله تعاليٰ جي ذات ڇا آهي؟ ان جا گڻ ڪهڙا آهن؟ اهي ڪهڙا گڻ آهن جيڪي هن پنهجي ذات لاءِ مقرر ڪري ڇڏيا آهن؟ انسان جيڪڏهن پنهنجي پالڻهار جي معرفت حاصل ڪرڻ گهري تہ اهي سوال سندس ذهن ۾ لازمي پيدا ٿيندا آهن. ايمان جي لاءِ اها سڃاڻ ضروري آهي. قرآن ڪريم جڏهن الله تعاليٰ تي ايمان جو مطالبو ڪيو آهي تہ انهن سوالن جو جواب بہ ڏئي ڇڏيو آهي. اهو جواب ڇا آهي؟ اسان هتي انهيءَ جي ڇِنڊڇاڻ ڪنداسين.

## ذات:

الله تعاليٰ جي ذات جي باري ۾ قرآن پاڪ مڪمل ڇِنڊڇاڻ سان کولي ٻڌايو آهي تہ هو ڪنهن بہ طرح سان انسان جي تصور ۾



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نٿو اچي سگهي. ڇو جو تصور جا وسيلا جنهن هستيءَ پيدا ڪيا آهن، سو تہ پڪ سان انهن تائين پهچڻ ۽ انهن کي تصور ۾ بہ آڻي سگهي ٿو. پر اهي وسيلا ڪنهن بہ طرح سان ان کي تصور ۾ آڻي نٿا سگهن، جنهن پاڻ انهن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ڇڏيو آهي.

**صفتون يا گڻ:**

جيستائين الله تعاليٰ جو صفتن يا گڻ جي ڳالهہ آهي، تہ اهي ڪنهن نہ ڪنهن درجي تائين انسان جي تصور ۾ اچي سگهن ٿا. ان جو سبب هي آهي تہ صفتن يا گڻن سان لاڳاپيل ڪجهہ شيون، پوءِ ڀلي اهي ڪيتريون بہ ننڍڙيون ئي ڇو نہ هجن، انسان جي اندر بہ موجود آهن. الله تعاليٰ پنهنجي علم ۽ ڄاڻ، سگهہ، ربوبيت، رحمت ۽ حڪمت جو ڪجهہ ڀاڱو اسان کي بہ عطا فرمايو آهي. انهيءَ تي قياس ڪري الله تعاليٰ جي انهن صفتن جو ڪجهہ تصور اسان قائم ڪري سگهون ٿا. ايئن قرآن ڪريم جڏهن چوي ٿو تہ هو خالق آهي، قدير آهي، رحمان ۽ رحيم آهي، عليم ۽ حڪيم آهي، حي ۽ قيوم آهي، اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن آهي تہ ان سان الله تعاليٰ جي صفتن يا گڻن جو هڪ تصور پڪ سان قائم ٿي وڃي ٿو.

انهن صفتن کي سمجهڻ ۾ جيڪي ڳالهيون ذهن ۾ رکڻ گهرجن، تن مان هڪ انهن جي سونهن وارو پاسو آهي. ڇو جو قدرت ان وقت ئي واکاڻ لائق آهي، جڏهن ان سان گڏ رحمت، ڪرم ۽ عدالت بہ هجي. ڪاوڙ بدلي وڃڻ، قهر ۽ غضب جو ظاهر ٿيڻ بہ ظلم ۽ ڏاڍائيءَ جي خلاف هجي تہ اهو بہ واکاڻ لائق آهي. رحمت، معافي، عطا ۽ بخشش بہ پنهنجي جاءِ تي واکاڻ لائق هوندا


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آهن. قرآن مجيد ۾ غني سان گڏ حميد، عليم سان گڏ حڪيم ۽ عزيز سان گڏ غفور جون صفتون انهيءَ سونهن واري پاسي ڏانهن رهنمائيءَ جي لاءِ آيون آهن.

اهڙي طرح سان اها ڳالهه به ذهن ۾ رهڻ گهرجي ته الله تعاليٰ جو جيڪو به تصور قائم ڪيو ويندو سو جلال و جمال ۽ ڪمال کان خالي نٿو ٿي سگهي. ايئن اڪيلو بيمثال، پناهه جي جِڳهِ، مثال طور ڪمال واريون صفتون آهن. عيبن کان پاڪ، سلامتي، امن ڏيڻ وارو اهي سيئي صفتون جمال جڏهن ته بادشاهه، غالب، وڏي سگهه وارو، اهي صفتون جلال واريون آهن. انسان جي دل ۾ جلالي صفتن مان خوف، تعظيم ۽ مدح يا واکاڻ وارا جذبا پيدا ٿيندا آهن. جمال وارين صفتن مان ساراهه، تونگري ۽ محبت جا جذبا پيدا ٿيندا آهن. وري جلالي صفتون حواسن لاءِ وڌيڪ ظاهر ۽ جمالي صفتون عقل ۽ دل کي وڌيڪ ويجهو هونديون آهن. پالڻهار کي سامهون رکيو وڃي ته جمالي صفتن جو غلبو محسوس ٿيندو آهي ۽ نفس انساني نظرن اڳيان هجي ته جلال جو پاسو چٽو ٿي ويندو آهي. انسان الله تعاليٰ کان ڊڄي، ان بنياد تي ئي الله تعاليٰ ڏانهن موٽ ڪائيندو ۽ سندس جمالي صفتن جي ڇانو ۾ پناهه حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. قرآن مجيد جڏهن چوي ٿو ته سمورا سٺا نالا ان جا ئي آهن ته ان جي معنيٰ وٽس اها ئي هوندي آهي ته، هر اهو نالو جيڪو الله تعاليٰ جي جلال، جمال ۽ سندس ڪمال کي بيان ڪري ٿو، سو سٺو آهي ۽ انهيءَ سان ڪيس سڏي سگهجي ٿو.

الله تعاليٰ جون ڪمال واريون صفتون انهيءَ لحاظ کان



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اهميت رکن ٿيون جو انهن سان سندس عظمت ظاهر ٿئي ٿي.
انسان جڏهن انهن جو صحيح تصور قائم ڪري وٺندو آهي ته ان جي نتيجي ۾ هڪ اهڙي خدا تي ايمان آڻيندو آهي جيڪو نرالو بي مثال ۽ پنهنجو مٽ پاڻ آهي؛ سپني جي لاءِ پناهه جو جبل آهي. زمين ۽ آسمان توڙي ان ۾ موجود هر شيءِ جو اڪيلو ئي مالڪ آهي؛ سندس بادشاهيءَ ۾ ڪوبه ڀاڱي ڀائيوار نه آهي. سندس قدرت جي ڪارخاني ۾ ٻيو ڪو حصي پتي وارو نه آهي. دنيا جي ڪابه شيءِ سندس نظرن کان لڪل نه آهي. ڪائنات جو ڪو به معاملو سندس حڪم کان ٻاهر نه آهي؛ هر شيءِ سندس محتاج آهي، پر کيس ڪنهن جي به حاجت نه آهي. سموريون بي جان شيون ۽ معدنيات، وڻ ٽڻ ٻوٽا توڙي پکي پکڻ ۽ جانور سيئي سندس اڳيان سجدي ۾ ڪريل ۽ سندس ساراهه ۽ واکاڻ ۾ رُڌل آهن. سندس قدرت اڻ کٽ، سندس پکيڙ بي حد حساب ۽ سندس مرضي ڪائنات جي ذري ذري ۾ ڪم ڪري رهي آهي. هو جڏهن به گهري ۽ جنهن شيءِ لاءِ گهري ان کي فنا ڪري ڇڏي ۽ جڏهن گهري ان کي پيدا ڪري وٺي. عزت ۽ ذلت، سڀ ڪجهه سندس ئي هٿ ۾ آهي. سڀ ڪجهه فاني آهي، اهو ئي هميشه رهندڙ آهي. هو انسان جي پهچ کان تمام ئي پري آهي، پر کيس ساهه واري رڳ کان به وڌيڪ ويجهو آهي. سندس علم ۽ سندس قدرت هر شيءِ کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي رکيو آهي. هو دلين ۾ لڪايل رازن کي به ڄاڻي ٿو. سندس ارادو هر ارادي ۾ نافذ ۽ سندس حڪم هر حڪم کان مٿانهون آهي. هو هر عيب کان پاڪ آهي، هر برائيءَ کان پاڪ ۽ هر الزام کان آجو آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڪمال وارين انهن صفتن مان سڀ کان اهم صفت الله تعاليٰ جي توحيد آهي. قرآن مجيد سڀ کان وڌيڪ تاڪيد ۽ وضاحت سان انهيءَ کي بيان ڪيو آهي. ايستائين جو هن آسماني صحيفي جو آخري باب پنهنجي مضمون جي لحاظ کان، جنهن سورة تي ختم ٿيو آهي، تنهن ۾ به الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبر کي هدايت فرمائي آهي ته ماڻهن جي اڳيان چِٽائيءَ سان اعلان ڪيو وڃي ته الله اڪيلو آهي، سڀني کي سهارو ڏيندڙ آهي. هو نه ڪنهن جو پيءُ آهي ۽ نه ڪنهن جو پٽ آهي ۽ ڪو سندس مٽ يا ثاني به نه آهي.

توحيد جي اها ئي اهميت آهي جنهن کي سامهون رکندي قرآن چٽائي ڪئي آهي ته انهيءَ کانسواءِ انسان جو ڪوبه عمل الله تعاليٰ وٽ قبوليت جوڳو نه آهي جڏهن ته انهيءَ جي هوندي هر قسم جي غلطيءَ کي معاف ڪيو وڃڻ جي اميد ڪري سگهجي ٿي. ان جو سبب هي آهي ته توحيد تي ايمان هئڻ جي صورت ۾ ٻانهو نه گناه تي سرڪشي ڪري سگهي ٿو ۽ نه ئي گناه ڪري وڃڻ کان پوءِ توبه ۽ معافي گهرڻ جي توفيق کان محروم رهي سگهي ٿو. هو لازمي طور پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽ کائيندو آهي ۽ اهڙي طرح قيامت جي ڏينهن ڏوهارين جي ڪٽهڙي ۾ بيهڻ کان اڳ ئي هو پنهنجي لاءِ معافي ۽ درگذر جو حق حاصل ڪري وٺندو آهي.

توحيد جا دليل جيڪي قرآن ۾ آيا آهن، سي تمام ئي سهڻا ۽ علم ۽ عقل جي مڃيل حقيقتن تي آڌاريل آهن. هتي ايتري ڳالهه ئي گهٽي آهي ته الله تعاليٰ جي خدائيءَ ۾ ڪنهن کي ڀاڱي ڀائيوار مقرر ڪرڻ لاءِ ڪنهن وٽ ڪوبه دليل نه آهي. قرآن پنهنجي مخاطبن سان هڪ کان وڌيڪ جائن تي گهُر ڪئي آهي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

تہ عقل توڙي نقل سان جيڪڏهن انهيءَ دليل کي پيش ڪري سگهو ٿا تہ ضرور ڪريو. الله تعاليٰ سان ڪو ڀاڱي ڀائيوار آهي يا نہ. انهيءَ جي لاءِ اصلي شاهدي الله تعاليٰ جي ئي ٿي سگهي ٿي ۽ الله تعاليٰ جي شاهدي کي ڄاڻڻ جو هڪڙو ئي وسيلو سندس نازل ڪيل ڪتاب ۽ اهي روايتون ۽ آثار آهن جيڪي سندس نبين ۽ رسولن ذريعي هڪ نسل کان ٻئي نسل تائين انسانيت کي ورثي ۾ ملندا رهيا آهن. انهن سمورن وسيلن ۾ شرڪ جي تائيد ۾ ڪٿي بہ ڪا شاهدي موجود نہ آهي.

## سنت يا طريقو

الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن سان جيڪو معاملو ڪري ٿو ۽ جنهن طريقي سان ڪري ٿو تنهن کي قرآن ۾ خدائي سنت سان تعبير ڪيو ويو آهي. الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ اهو سنن يا طريقو تبديل ٿيندڙ نہ آهي. انهن ۾ ڪڏهن بہ ڪا تبديلي نٿي ٿي سگهي. ايئن الله تعاليٰ جي سڃاڻ لاءِ جهڙي طرح سان سندس صفتن جو علم ضروري آهي، اهڙي طرح انهن سنن الهيہ يا خدائي سنت جي ڄاڻ بہ ضروري آهي. اها سنت هن طرح سان آهي:

### 1. آزمائش:

الله تعاليٰ هيءَ دنيا امتحان لاءِ ٺاهي آهي. الله تعاليٰ جي هڪ عالمگير قانون جي حيثيت سان، هي امتحان دنيا جي سمورن انسانن کي پنهنجي گهيري ۾ آڻي ٿو. انسان جي طبيعت ۾ جيڪو ڪجهہ رکيو ويو آهي، سو انهيءَ امتحان مان ظاهر ٿئي ٿو. نفس جا ڳجهہ انهيءَ سان کُلندا آهن ۽ علم توڙي عمل جا درجا انهيءَ سان


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ئي مقرر ٿيندا آهن. قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي تہ موت ۽ زندگيءَ جو هيءُ ڪارخانو آيو ئي انهيءَ لاءِ وجود ۾ آهي تہ سندس پالڻهار ڏسي تہ ڪير سرڪشي اختيار ڪري ٿو ۽ ڪير سندس مرضي موجب زندگي گذاري ٿو. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ الله تعاليٰ هر شيءِ جي ڄاڻ رکندڙ آهي، پر هن اها سنت مقرر ڪئي آهي تہ ماڻهن سان جزا ۽ سزا جو معاملو هو رڳو پنهنجي علم جي آڌار نہ ڪندو. اهو امتحان انهيءَ ئي مقصد سان رکيو ويو آهي.

هن دنيا ۾ غم ۽ خوشي، غريبي ۽ اميري، ڏک ۽ سک جون جيڪي حالتون انسان جي سامهون اچن ٿيون، سي انهيءَ قانون هيٺ ئي اچن ٿيون. انهن جي وسيلي الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن کي آزمائيندو آهي ۽ کوٽي ۽ کَري جو فرق پيدا ڪندو آهي. هو ڪنهن کي مال ۽ دولت ۽ شان شوڪت سان نوازيندو آهي تہ سندس شڪر جو امتحان ڪندو آهي ۽ ڪنهن کي فقير ۽ مسڪين ڪندو آهي تہ سندس صبر جو امتحان ڪندو آهي.

2. هدايت ۽ گمراهي:

انهيءَ آزمائش ۾ انسان کان گهر ڪئي وئي آهي تہ گمراهيءَ کان پاڻ بچائي ۽ پنهنجي هدايت جو رستو اختيار ڪري. قرآن ٻڌايو آهي تہ اها هدايت سندس فطرت ۾ رکي وئي آهي. وري شعور واري عمر کي پهچڻ کان پوءِ زمين ۽ آسمان جون نشانيون هُن (الله تعاليٰ) ڏانهن ڪيس ڏيان ڏيارن ٿيون. انسان جيڪڏهن انهيءَ هدايت جو قدر ڪري، انهيءَ مان فائدو ماڻي ۽ الله تعاليٰ جي انهيءَ نعمت تي ان جو شڪر ڪندڙ ٿئي تہ الله تعاليٰ جي سنت هيءَ آهي تہ هو انهيءَ روشنيءَ کي سندس لاءِ وڌائي ٿو. منجهس وڌيڪ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

هدايت جي طلب پيدا ڪندو آهي ۽ ان جي نتيجي ۾ نبين سڳورن جي آندل هدايت سان ڪيس نفعو ماڻڻ جي توفيق عطا ڪندو آهي.

3. سهپ آڌار تڪليف:

نبين سڳورن جي وسيلي سان جيڪا شريعت انسانن کي ڏني وئي آهي، تنهن ۾ الله تعاليٰ پنهنجي طرفان ڪوبہ اهڙو حڪم نہ ڏيندو آهي جيڪو انسان جي سهپ کان مٿي هجي. سندس سمورن عملن ۾ اهو معيار سدائين قائم آهي تہ ماڻهن جي سهپ کان وڌيڪ ڪوبہ بوجهہ انهن تي نہ رکيو وڃي ۽ جيڪو بہ حڪم ڏنو وڃي، انسان جي فطرت جي مطابق ۽ سندس صلاحيتن کي توري تڪي ئي ڏنو وڃي. انهيءَ ڪري ئي ڀل چڪ، غلط فهمي ۽ غير ارادي ڪوتاهيءَ تي هِن شريعت ۾ ڪوبہ پڇاڻو نہ آهي. انهيءَ لاءِ ماڻهن کان رڳو اهو ئي مطالبو ڪيو ويو آهي تہ اهي ظاهري طرح سان توڙي باطني طرح سان مڪمل سچائيءَ ۽ ديانتداريءَ سان سندس حڪمن جي فرمانبرداري اختيار ڪن. تنهن هوندي بہ ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ ڀانها جيڪڏهن سرڪشي اختيار ڪن تہ ان وقت بہ الله تعاليٰ انهن کي ڪا اهڙي تڪليف نہ ڏيندو. قرآن پاڪ جي مطالعي مان معلوم ٿيندو تہ ادب سيکارڻ يا تربيت ڏيڻ لاءِ، گناهن جي بدلي عذاب ڏيڻ لاءِ يا ماڻهن جي بڇڙن عملن جو نتيجو انهن کي ڏيکارڻ لاءِ يا وري الله تعاليٰ جي پيٽ ۾ انهن کي عاجز ڏيکارڻ لاءِ اهڙي قسم جي تڪليف بنا ڪنهن شڪ جي ڏني ويندي آهي.

4. برطرفي ۽ بحالي:



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آزمائش وارو قانون هن کان اڳ بيان ٿيو آهي. انهيءَ مطابق الله تعاليٰ جهڙي طرح سان فردن کي صبر يا شڪر جي امتحان لاءِ چونڊيندو آهي، اهڙي طرح قومن کي بہ چونڊيندو آهي. انهيءَ چونڊ جي نتيجي ۾ جڏهن ڪا قوم هڪ دفعو ڪاميابي حاصل ڪري وٺندي آهي، تہ الله تعاليٰ ان قوم سان پنهنجو معاملو ان وقت تائين نہ بدلائيندو آهي، جيستائين جو اها علم ۽ اخلاق جي لحاظ کان پنهنجو پاڻ کي پاڻ ئي ڪيرائي نٿي. اها الله تعاليٰ جي نہ تبديل ٿيندڙ سنت آهي. پنهنجي انهيءَ سنت مطابق جڏهن ڪنهن قوم کي بار بار خبردار ڪرڻ باوجود، نہ سڌرڻ ڪري، انهن کي خوار ۽ بڇڙو ڪرڻ جو فيصلو ڪري وٺندو آهي تہ سندس اهو فيصلو ڪنهن جي بہ ٽارڻ سان ناهي ٽرندو. پوءِ دنيا جي ڪا بہ طاقت الله تعاليٰ جي مقابلي ۾ انهن جي مدد ڪري نہ سگهندي آهي. انسانيت جي سموري تاريخ قومن جي اهڙي برطرفي ۽ بحالي سان انهيءَ سنت جي چٽي طرح شاهدي ڏئي ٿي.

5. **خدائي مدد:**

الله تعاليٰ جڏهن پنهنجر ڪا خاص ذميواري ڪنهن فرد يا جماعت کي ڏيندو آهي تہ ۽ ان کي اها پوري ڪرڻ جو حڪم ڏيندو آهي، تہ پوءِ ان جي مدد بہ ڪندو آهي. اها ذميواري دعوة ڏيڻ جي بہ ٿي سگهي ٿي تہ جهاد ۽ قتال جي بہ ٿي سگهي ٿي. اهڙي طرح سان ڪنهن ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ ۾ ايمان وارن جي مدد ڪرڻ، الله تعاليٰ پنهنجي لاءِ لازم ڪري ڇڏي آهي. اها مدد اٽڪل ئي نہ آهي، ان جو بہ هڪ ضابطو ۽ اصول آهي. الله تعاليٰ اهو ضابطو قرآن مجيد ۾ بيان فرمايو آهي. سندس ٻانهن کي اها مدد


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

انهيءَ ضابطي مطابق ٿئي حاصل ٿيندي.

**6. توبہ ۽ استغفار:**

انسان جڏهن ڪوبہ گناهہ ڪري ويندو آهي تہ ان جي لاءِ توبہ ۽ استغفار جي گنجائش هوندي آهي. انهيءَ معاملي ۾ اصول هي آهي تہ جيڪڏهن هو گناهہ کان يڪدم پوءِ توبہ ڪري وٺندو آهي تہ الله تعاليٰ کيس لازمي طور معاف ڪري ڇڏيندو آهي. پر اهڙن ماڻهن جي توبہ ڪڏهن بہ قبول نہ ڪندو آهي، جيڪي سموري ڄمار گناهن ۾ ٻڏل رهندا آهن ۽ جڏهن ڏسندا آهن تہ موت مٿان اچي ڪڙڪيو آهي تہ توبہ جو وظيفو پڙهڻ لڳندا آهن. اهڙي طرح سان ڄاڻ هوندي بہ حق واري ڳالهہ جو انڪار ڪرڻ وارن جي بہ توبہ قبول نہ ٿيندي آهي، ايستائين جو موت جو وقت مٿان اچي پهچي ۽ هو پنهنجي انهيءَ انڪار تي قائم هجي.

**7. جزا ۽ سزا:**

موت کان پوءِ جزا ۽ سزا هڪ پڪي حقيقت آهي. پر قرآن پاڪ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو تہ انسان کي ان جي عملن جي جزا ۽ سزا ڪڏهن دنيا ۾ بہ ڏني ويندي آهي. الله تعاليٰ جي عدالت، جيڪا قيامت جي ڏينهن پنهنجي ڪمال درجي ۾ ظاهر ٿيندي، هي انهيءَ جو مهاڳ هوندو آهي. انهيءَ جون صورتون جيڪي الله تعاليٰ بلڪل مقرر ڪيل طريقي تي بيان فرمايون آهن سي هي آهن:

پهريون، جيڪي ماڻهو دنيا جا طالب هوندا آهن، ان جي لاءِ جيئندا آهن، ان لاءِ مرندا آهن ۽ آخرت کان بلڪل بي پرواهہ ٿي زندگي گذاريندا آهن، تن جو حساب الله تعاليٰ جنهن لاءِ جيترو



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

گھرندو آهي، ڪيس ڏئي دنيا ۾ حساب چڪتو ڪري ڇڏيندو آهي ۽ سندس سمورن نيڪ عملن جو ثمر ڪيس هتي ئي ملي ويندو آهي.

ٻيو، رسولن جي وسيلي حجت پوري ٿيڻ ڪان پوءِ، انهن جو انڪار ڪندڙن تي هن دنيا ۾ ئي عذاب اچي ويندو آهي ۽ مڃڻ وارن جي لاءِ الله تعاليٰ زمين ۽ آسمان جي برڪتن جو دروازا کولي ڇڏيندو آهي.

ٽيون، سيدنا ابراهيم عليه السلام جي اولاد لاءِ الله تعاليٰ جو واعدو ٿيل آهي تہ جيڪڏهن اها حق تي قائم رهندي تہ کين قومن جي امامت يا پيشوائيت حاصل ٿيندي. پر جيڪڏهن نافرماني ڪندي تہ انهيءَ مرتبي تان هٽائي، خواري ۽ غلاميءَ واري عذاب ۾ گرفتار ڪئي ويندي.

## ملائڪن تي ايمان

الله تعاليٰ جن هستين جي وسيلي سان مخلوق جي لاءِ پنهنجو حڪم نازل ڪندو آهي، تن کي ملائڪ سڏيو ويندو آهي. قرآن پاڪ ۾ انهيءَ جي لاءِ ”الملئڪة“ جو لفظ آيو آهي. اهو ”ملڪ“ جو جمع آهي جنهن جي معنيٰ نياپو آڻيندڙ آهي. ايئن قرآن پاڪ مان خبر پوي ٿي تہ عالمِ لاهوت سان هن عالمِ ناسوت جو رابطو انهن جي وسيلي قائم ٿيندو آهي ۽ ان جو سمورو ڪار وهنوار الله تعاليٰ انهن جي وسيلي هلائيندو آهي. ان جي شڪل هيءَ هوندي آهي تہ الله تعاليٰ جي دربار ۾ انهن کي جيڪو حڪم ملندو آهي، انهيءَ کي اهي رڳو هڪ ٻانهي وانگر، سندس مخلوق ۾ جاري ڪندا آهن. انهيءَ ۾ انهن جي ذاتي اختيار ۽ ذاتي ارادي جو ڪوبہ عمل دخل نہ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

هوندو آهي. اهي مڪمل فرمانبردار آهن، هر وقت پنهنجي پالڻهار جي ساراهه ۽ واکاڻ ۾ رُڌل رهندا آهن ۽ سندس حڪم کان تر جيترو بہ هيڏي هوڏي نہ ويندا آهن.

## نبين تي ايمان

آدم جي اولاد لاءِ هدايت جي پهچائڻ جو بندوبست الله تعاليٰ جن هستين وسيلي ڪيو آهي، تن کي نبي سڏيو ويندو آهي. اهي سمورا انسان ئي هئا. پر الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي علم ۽ حڪمت جي بنياد تي، ڪين انهيءَ مرتبي لاءِ چونڊيو. اها رتبو خدائي عطيو آهي. تعليم ۽ تربيت ۽ ڪوشش ۽ ڪسب سان ان جو ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي. قرآن پاڪ جي مطالعي مان خبر پوندي تہ انهيءَ حيثيت سان اهي ئي ماڻهو چونڊيا ويندا آهن جيڪي نفس ۽ شيطان جي ترغيبن سان پنهنجو پاڻ کي بچائيندا، گناهن کان محفوظ رهندا ۽ هر لحاظ کان پنهنجي قوم جا صالح ۽ نيڪ انسان هوندا آهن.

الله تعاليٰ اهڙا نبي هر قوم ڏانهن موڪليا. آدمؑ سان الله تعاليٰ واعدو ڪيو هو تہ سندس اولاد جي رهنمائيءَ لاءِ هو پاڻ وٽان هدايت نازل ڪندو. اها هدايت انهن نبين جي وسيلي سان آدم جي اولاد کي ڏني وئي. اهي آسمان مان وحي وٺي ماڻهن کي حق واري واٽ جو ڏس ڏيندا هئا، انهن ڳالهين جي مڃيندڙن کي چڱي بدلي جي خوشخبري ڏيندا هئا ۽ نہ مڃيندڙن کي بڇڙي نتيجي کان خبردار ڪندا هئا.

نبين سڳورن جي ضرورت ان لاءِ نہ هئي تہ انسان پنهنجي


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

پالڻهار کي سڃاڻي ۽ ڪيس چڱي ۽ بري ۾ فرق ڪرڻ جو شعور ڏنو وڃي. اهي سڀئي شيون تہ سندس خلقت جو حصو ۽ سندس تخلق جي پهرئين ئي ڏينهن کان سندس فطرت ۾ داخل ڪيون ويون آهن. تنهن ڪري اها ضرورت انهن شين کان واقفيت ڏيڻ لاءِ نہ، پر ٻن سببن ڪري ٿي:

هڪ، هدايت پوري ڪرڻ لاءِ. يعني انسان جي فطرت ۾ جيڪو ڪجهہ اجمالي طور داخل ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو ڪجهہ هو سدائين ڄاڻي ٿو ان جي يادگيري ڪرائي وڃي ۽ ان جي ضروري وضاحت سان گڏ ان جي لاءِ ان کي بلڪل چٽو ڪري ٻڌايو وڃي.

ٻيو، حجت پوري ڪرڻ لاءِ. يعني انسان کي غفلت مان جاڳايو وڃي ۽ علم ۽ عقل جي شاهديءَ کان پوءِ انهن نبين مان، خاص ڪري رسولن جي وسيلي هڪ ٻئي شاهدي بہ پيش ڪئي وڃي جيڪا حق کي ايترو تہ چٽو ڪري ڇڏي، جو ڪنهن وٽ بہ ڪو بهانو نہ رهي.

محمد رسول اللهﷺ جي بعثت سان، انسانيت کي اهي ٻئي شيون عالمي سطح تي ۽ بلڪل ئي آخري درجي ۾ حاصل ٿي ويون آهن. تنهن ڪري نبوت جو سلسلو هميشہ جي لاءِ ختم ڪيو ويو آهي. قرآن ڪريم اعلان ڪيو آهي تہ پاڻ سڀورا آخري نبي آهن. پاڻﷺ جن کان پوءِ ڪوبہ نبي ۽ ڪوبہ رسول نہ ايندو.

انهن نبين سڀورن کي سڃاڻڻ ۾ ڪنهن بہ سليم الفطرت ماڻهو کي ڪابہ ڏکيائي ڪونہ ٿيندي. انسان جي دل ۽ دماغ سڃاڳ هجي تہ *'روے وآواز پيمبر معجزه است'*. تنهن هوندي بہ الله


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

تعاليٰ انهن کي اهڙيون نشانيون بہ عطا فرمائيندو آهي جو مخالف جيڪڏهن زبان سان اقرار نہ بہ ڪن، پر انهن جي سچائي تي ويساهہ ڪانسواءِ انهن جي لاءِ ٻيو ڪوبہ رستو ناهي رهندو. قرآن پاڪ جي مطالعي مان خبر پوندي تہ اهي نشانيون هر نبي کي انهيءَ زماني جي حالتن کي سامهون رکندي ڏنيون ويون. انهن مان ڪجهہ جو اسان هيٺ ذڪر ڪريون ٿا:

1. نبي عام طرح سان پهرين نبي جي اڳڪٿي موجب ۽ ان جي سچائيءَ ٻڌجي ايندو آهي. انهيءَ ڪري هو ڪا اوپري شخصيت نہ هوندو آهي. ماڻهو ان کان واقف بہ هوندا آهن ۽ ان لاءِ انتظار ڪندڙ بہ هوندا آهن. مسيح ؑ جي لاءِ چٽائي ٿيل آهي تہ سيدنا يحييٰ ؑ سندن بعثت کان اڳ يروشلم ۾ اچي ڪري ان جو اعلان ڪيو هو. رسول الله ﷺ جن جي بشارت توريت ۽ انجيل، ٻنهي ۾ بيان ٿي آهي. اجا بہ سيدنا مسيح ؑ جي بعثت جي مقصدن ۾ هڪ وڏو مقصد هي بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ پاڻ هڪ نبي امي جي خوشخبري ڏيڻ لاءِ آيا هئا. قرآن ڪريم پنهنجي سچائيءَ جي لاءِ، ان حقيقت کي، هڪ سمورين حجتن کي ختم ڪندڙ دليل جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي تہ بني اسرائيل جا عالم ڪيس ايئن سڃاڻن ٿا، جيئن هڪ وڇڙيل پيءُ پنهنجي موٽي آيل پٽ کي سڃاڻيندو آهي. ان جو مطلب هي هو تہ اهي رسول الله ﷺ کي بہ چڱي طرح سان سڃاڻيندا هئا.

2. نبي جيڪو ڪجهہ الله تعاليٰ جي طرفان ۽ الله تعاليٰ جي ڪلام جي حيثيت سان پيش ڪندو آهي، تنهن ۾ ڪنهن بہ قسم جو اختلاف ۽ فرق نہ هوندو آهي. دنيا جو وڏي ۾ وڏو ڏاهو بہ، پوءِ ڀلي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اهو سقراط يا افلاطون هجي يا كانٽ ۽ آئنسٽائن، غالب يا اقبال هجي يا وري رازي ۽ زمخشري، ڪوبہ پنهنجي تخليق جي باري ۾ اها دعويٰ نٿو ڪري سگهي، پر قرآن اها ڳالهہ پنهنجي باري ۾ چئي ۽ وڏي واڪي چئي تہ ان جي فڪر ۽ خيال ۾ ڪو خسيس نقص بہ ڳولي نٿو سگهجي. ڇا دنيا ۾ ڪو اهڙو انسان بہ ٿي سگهي ٿو جيڪو سالن جا سال مختلف حالتن ۾ ۽ مختلف موقعن تي، ان قسم جي بيشمار موضوعن تي تقريرون ڪندو رهي ۽ منڍ کان وٺي پڇاڙي تائين سندس اهي سموريون تقريرون جڏهن ترتيب ڏنيون وڃن تہ هڪ اهڙي هڪجهڙائي ۽ موافقت رکندڙ ڪلام جي صورت اختيار ڪري وڃي، جنهن ۾ نہ خيالن جو ڪو ٽڪراءُ هجي، نہ متڪلم جي دل ۽ دماغ ۾ پيدا ٿيندڙ ڪيفيتن جي ڪا جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ۽ نہ راءِ ۽ نقطي نظر جي تبديليءَ جا ڪي آثار ڪٿي ڏسي سگهبا هجن؟ اها رڳو قرآن پاڪ جي ئي خاصيت آهي.

3. نبي کي الله تعاليٰ معجزا عطا فرمائيندو آهي. سيدنا موسيٰ عليہ السلام ۽ سيدنا مسيح عليہ السلام کي جيڪي غير معمولي معجزا ڏنا ويا، تن جي باري ۾ قرآن ئي ٻڌائي ڪئي آهي تہ اهي جن شين تي دلالت ڪرڻ لاءِ ڏنا ويا هئا، انهن مان هڪ انهن نبين جي رسالت بہ هئي. انهن معجزن کي ڪو بہ ماڻهو جادو يا علم ۽ فن جو ڪمال سڏي رد نٿو ڪري سگهي. ڇو جو اهڙي قسم جي علمن ۽ فنن جي حقيقت ان جي ماهرن کان وڌيڪ ڪوبہ سمجهي نٿو سگهي ۽ اهي بہ ان جي سچائيءَ کي ميڄيندي، ان اڳيان ڪنڌ جهڪائڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن.

نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم جن کي جيڪو معجزو انهيءَ حيثيت سان ڏنو ويو، سو قرآن آهي. عربي ٻوليءَ جي بلاغت جي اسلوبن ۽ علم



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ادب جي روايت جا ڄاڻو ۽ ادبي ذوق رکندڙ جڏهن ان کي پڙهندا آهن تہ ڇٽيءَ طرح سان محسوس ڪندا آهن تہ اهو ڪنهن انسان جو ڪلام نٿو ٿي سگهي. ايئن هڪ ڪان وڏيڪ جائن تي هن (قرآن) پاڻ ئي انسانن کي للڪاريو آهي تہ جيڪڏهن اهي پنهنجي انهيءَ گمان ۾ سچا آهن تہ هي الله تعاليٰ جو ڪلام نہ آهي، پر محمد (ﷺ) ان کي پنهنجي طرف کان گهڙي پيش ڪيو آهي تہ پوءِ جنهن شان جو هيءُ ڪلام آهي، اهڙي شان جي ڪا هڪڙي سورة ئي ٺاهي ڪٺي اچن. انهن جي قوم جو ڪو هڪ فرد، جيڪڏهن انهن جي چواڻي، بنا ڪنهن علمي ۽ ادبي پس منظر جي هي ڪم ڪري سگهي ٿو، تہ ڪين بہ اهڙي ڪم ۾ ڪا ڏکيائي نہ هئڻ گهرجي.

الله تعاليٰ جو هيءُ ڪتاب هن وقت اسان وٽ موجود آهي. انهيءَ کي لڳ ڀڳ چوڏهن سئو سال گذري ويا آهن. انهيءَ وچ ۾ دنيا ڪٿان کان ڪٿي پهچي وئي آهي. آدم جي اولاد ڪيترين ئي نظرين ۽ خيالن جا بت گهڙيا ۽ وري پاڻ ئي ڊاهي بہ ڇڏيا. خود پنهنجي باري ۾ توڙي ڪائنات جي باري ۾، انسان جي نظرين ۾ ڪيتريون ئي تبديليون آيون ۽ هن ترديد ۽ تصديق جا ڪيترائي مرحلا طئي ڪيا. هو ڪهڙي گس سان گذريو ۽ آخرڪار ڪٿي وڃي پهتو: پر هي ڪتاب، جنهن ۾ ڪيتريون ئي اهي شيون بہ بيان ٿيون آهن جيڪي انهن گذريل صدين ۾ علم ۽ تحقيق جو خاص موضوع رهيون آهن. دنيا جي سمورن ادبي شاهڪارن مان بس هيءُ ئي هڪ ڪتاب آهي جيڪو هن وقت بہ ايئن ئي اٽل ۽ محڪم آهي، جيئن اهو اڄ کان چوڏهن سئو سال اڳ هو. علم ۽



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

عقل ان جي اڳيان جهڙي طرح اُن وقت مجوتي ۽ عاجزي جي تي مجبور هئا، ايئن ئي اڄ بہ آهن. سندس هر بيان اڄ بہ پوري شان سان پنهنجي جاءِ تي قائم آهي. دنيا پنهنجي حيران ڪندڙ علمي کوجنائن جي باوجود، ان ۾ ڪنهن بہ ترميم ۽ تبديلي جي لاءِ ڪابہ گنجائش پيدا نٿي ڪري سگهي.

4. الله تعاليٰ ڪجهہ اهڙين ڳالهين بابت نبي کي ڄاڻ ڏئي ڇڏي ٿو جن کي ڄاڻڻ ڪنهن عام انسان جي لاءِ ناممڪن هوندو آهي. ان جو هڪ مثال خدائي وحي جون اڳڪٿيون آهن، جيڪي حيران ڪندڙ حد تائين بلڪل صحيح ثابت ٿيون. انهن مان ڪي تہ قرآن پاڪ جي اندر موجود آهن ۽ ڪن جو ذڪر روايتن ۾ ٿيو آهي. عرب جي سرزمين ۾ رسول الله ﷺ جي سوڀ، مڪي جي فتح ۽ ماڻهن جو ٽولن جا ٽولا ٿي الله جي دين ۾ داخل ٿيڻ واري قرآني اڳڪٿين کان قرآن جو هر شاگرد واقف آهي. ايرانين کان هارائجڻ کان پوءِ رومين جي ٻيهر سوڀ جي اڳڪٿي بہ اهڙي ئي هڪ غير معمولي اڳڪٿي هئي.

جڏهن اها اڳڪٿي ڪئي وئي تہ ”زوال روما“ جو ليکڪ ايڊورڊ گبن جي لفظن ۾: ”ڪابہ اڳڪٿي ايترو جلد عملي طرح سان ظاهر نٿي ٿي سگهي، ڇو جو هرقل جا اڳ وارا ٻارنهن سال رومي سلطنت جي خاتمي جو اعلان ڪري رهيا هئا“ پر اها بلڪل پنهنجي پوري وقت تي پوري ٿي وئي ۽ مارچ ٦٢٨ع ۾ رومي حڪران اهڙو تہ شان سان قسطنطينہ ۾ واپس آيو جو سندس رٿ کي چار هاٿي ڇڪي رهيا هئا ۽ اڻ ڳڻيا ماڻهو گاديءَ واري شهر کان ٻاهر ڏيئا ۽ زيتون جون ٽاريون هٿي ۾ جهلي پنهنجي سورمي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جي استقبال لاءِ موجود هئا.

5. نبين مان جيڪي رسول جي مرتبي تي مقرر ٿيندا آهن، سي الله تعاليٰ جي عدالت بڻجي ايندا آهن ۽ پنهنجي قوم جو فيصلو ڪري ئي دنيا مان موڪلائيندا آهن. ان جي شڪل هيءَ هوندي آهي تہ الله تعاليٰ جا اهي پيغمبر، پنهنجي پالڻهار جي ميثاق تي قائم رهندا آهن تہ انهيءَ جو بدلو ۽ جيڪڏهن نافرماني ڪندا آهن تہ انهيءَ جي سزا انهن کي دنيا ۾ ئي ملي ويندي آهي. ان جو نتيجو اهو نڪرندو آهي جو انهن جو وجود ماڻهن جي لاءِ هڪ خدائي نشاني بڻجي ويندو آهي ۽ اهي جڻ تہ خدا کي ان سان گڏ زمين تي گهمندي ڦرندي ۽ عدالت ڪندي ڏسندا آهن. اِها ئي اُها شيءِ آهي جيڪا انهن قومن جي لاءِ دنيا ۽ آخرت، ٻنهي ۾ خدائي فيصلي جو بنياد بڻجي ويندي آهي. ايئن الله تعاليٰ انهن رسولن کي سوپارو ڪندو آهي ۽ سندن دعوة جو انڪار ڪندڙن تي پنهنجو عذاب نازل فرمائيندو آهي.

انهن نبين جي باري ۾ الله تعاليٰ جو حڪم آهي تہ انهن جي فرمانبرداري ڪئي وڃي. الله تعاليٰ اها ڳالهہ پنهنجي ڪتاب ۾ پاڻ ئي چِٽِي ڪري ڇڏي آهي تہ نبي رڳو عقيدت جو ئي مرڪز نہ هوندو آهي، پر فرمانبرداريءَ جو بہ مرڪز هوندو آهي. هو ان لاءِ نہ ايندو آهي تہ ماڻهو کيس نبي ۽ رسول مڃي آجا ٿي وڃن. سندس حيثيت رڳو هڪ واعظ ۽ نصيحت ڪندڙ جي نہ هوندي آهي، پر هو اطاعت لائق رهبر هوندو آهي. سندس بعثت جو مقصد ئي هي هوندو آهي تہ زندگيءَ جي سمورن معاملن ۾ هو جيڪا هدايت ڏئي، تنهن تي بنا ڪنهن چون چران جي عمل ڪيو وڃي. وري اها فرمانبرداري ڪا رسمي شيءِ بہ نہ آهي. قرآن ڪريم اها گهُر ڪري ٿو تہ اها فرمانبرداري پوري طرح سان نيت جي سچائي،



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

محبت ۽ تمام ئي عقيدت ۽ احترام سان هئڻ گهرجي.

## ڪتابن تي ايمان

انسان جي هدايت جي لاءِ جهڙي طرح نبي موڪليا ويا، اهڙي طرح الله تعاليٰ انهن سان گڏ پنهنجا ڪتاب پڻ نازل فرمايا آهن. اهي ڪتاب انهيءَ لاءِ نازل ڪيا ويا ته الله تعاليٰ جي هدايت لڪيل ۽ سندس ئي لفظن ۾ ماڻهن وٽ موجود رهي ته جيئن حق ۽ ناحق جي لاءِ اها تارازي بڻجي وڃي. ماڻهو انهيءَ جي ذريعي پنهنجي جهڳڙن جو نبيرو ڪري سگهن ۽ اهڙي طرح سان دين جي معاملي ۾ مڪمل انصاف تي قائم ٿي وڃن.

هن وقت جيڪو صحيفن جو مجموعو بائيبل جي نالي سان موجود آهي، انهيءَ مان ظاهري طرح سان ايئن ٿو سمجهه ۾ اچي ته اهي ڪتاب ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ سمورن پيغمبرن کي ڏنا ويا. قرآن ڪريم جهڙي طرح سان توريت ۽ انجيل جو ذڪر ڪري ٿو اهڙي طرح سان ابراهيمؑ جي صحيفن جو به ذڪر ڪري ٿو. اهي سمورا ڪتاب الله تعاليٰ جا نازل ڪيل ڪتاب آهن. ايئن بنا ڪنهن فرق جي اهو اجمالي طرح سان انهن تي ايمان جي گهُر ڪري ٿو.

انهن مان چار ڪتاب غير معمولي اهميت رکن ٿا. توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن. توريت موسيٰؑ تي، زبور داؤدؑ تي ۽ انجيل عيسيٰؑ تي نازل ڪيو ويو. جڏهن ته قرآن مجيد الله تعاليٰ جي آخري پيغمبر محمدﷺ تي نازل ٿيو آهي. دنيا جي الهامي ادب ۾ هاڻي رڳو اهو ئي هڪڙو ڪتاب آهي، جنهن جي


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

باري ۾ اها ڳالهه مڪمل اعتماد سان چئي سگهجي ٿي ته اهو جيئن نازل ڪيو ويو هو، بنا ڪنهن ننڍڙي تبديلي جي، بلڪل ايئن ئي ، ساڳي ئي ٻوليءَ ۾ ، ساڳي ئي ترتيب سان هن وقت اسان وٽ موجود آهي.

## قيامت جي ڏينهن تي ايمان

دين جن حقيقتن کي مڃڻ جي گهُر ڪري ٿو، تن ۾ قيامت جي ڏينهن جي اهميت غير معمولي آهي. نبين سڀني جي دعوة ۾ انهيءَ کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. سموري شريعت، نيڪي ۽ ڀلائيءَ جو بنياد اهو ئي عقيدو آهي. نبوت ۽ رسالت جو بنياد انهيءَ تي قائم آهي. نبي انهيءَ لاءِ نبي آهي جو هو انهيءَ نباء عظيم (تمام وڏي خبر) جي خبر ڏئي ٿو. رسول انهيءَ لاءِ رسول آهي ته هو اِنهيءَ جو ئي پيغام کڻي اچي ٿو. قرآن ڪريم انهيءَ قيامت واري ڏينهن جي لاءِ هڪ ڀلڪار ۽ خوشخبري ڏيندڙ صحيفو آهي. اهو ماڻهن کي ٻڌائي ٿو ته جهڙي طرح توهان سمهڻ کان پوءِ اٿي پوندا آهيو، جهڙي طرح مئل زمين تي پاڻي وسندو آهي ۽ اها ڏسندي ئي ڏسندي زنده ٿي پوندي آهي؛ جهڙي طرح توهان ڪجهه به نه هئا، پر هڪ پاڻيءَ جي ٽيپي منجهان جيئرا جاڳندا هڪ انسان بڻجي ويندا آهيو، اهڙي طرح سان هڪ ڏينهن قبرن مان جيئرا ڪري اٿاريا ويندؤ. ائين ڪرڻ توهان جي پالڻهار جي لاءِ ٿورڙو به ڏکيو ڪم نه آهي. انسان انهيءَ کي هڪ اڻ ٿيڻي ڳالهه سمجهندا آهن ۽ چوندا آهن ته انهن ڳري ۽ سڙي ويل هڏين کي ڪير جيئرو ڪندو ته جواب ڏئي ٿو ته اهو ئي ائين ڪندو جنهن پهريون ڀيرو


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

انهن کي ٻڌايو هو. جيئن هڪ لفظ ڳالهائڻ آسان هوندو آهي، هُن (الله) لاءِ اهو ايترو ئي آسان آهي.

ان جون شاهدين، نشانين، ڳالهين ۽ ٽيڻ واري هنڌ جي باري ۾ تمام ئي چٽائيءَ سان بيان ڪيو ويو آهي.

## شاهديون:

پهرين شيءِ انسان جي اندر نيڪي ۽ بديءَ جو شعور آهي. اهو انهيءَ شعور جو ئي نتيجو آهي تہ سندس ضمير ۾ هڪ نگران هر وقت سندس برائين تي ڪيس خبردار ڪندو رهندو آهي. اها هڪ ننڍڙي عدالت آهي، جيڪا انسان جي اندر قائم آهي ۽ هر موقعي تي ڪيس پنهنجو کَرو فيصلو ٻڌائيندي آهي. انسان انهيءَ فيصلي کي قبولي يا نہ قبولي، هو فڪر ۽ خيال ۽ علم ۽ عمل جي هر خطا کان پوءِ ان کي ٻڌندو ضرور آهي. ايتري تائين جو جڏهن سندس بڇڙائي ايتري حد تائين وڌي وڃي، جو عملن جي ڪارڻ سندس دل کي وڪوڙي ڪيس بلڪل ئي اندو ٻوڙو ڪري ڇڏي، تڏهن بہ اهو انسان جي مٿان سندس ئي باطن جي شاهدي آهي جنهن کي نفس لوامہ جي شاهدي سڏيو ويو آهي. قرآن انهيءَ کي پيش ڪري ۽ انسان کي ٻڌائي ٿو تہ توهان بي مهار اٺ نہ آهيو جو جيئن وڻيو تيئن ڪريو. توهان کان ڪير ڪجهہ بہ نہ پڇندو. توهان کي ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ جهڙي طرح سان هيءَ ننڍِي قيامت توهان جي اندر ئي ڪم ڪري رهي آهي، اهڙي طرح سان پوري ڪائنات جي لاءِ بہ هڪ قيامت لازمي قائم ٿيندي جنهن ۾ توهان پنهنجي پالڻهار جي اڳيان پنهنجي عملن جو حساب ڪتاب ڏيندؤ ۽ جيڪو ڪجهہ توهان ڪيو هوندو، انهيءَ مطابق ئي توهان جي لاءِ جزا ۽ سزا جو فيصلو ٿيندو. جيڪڏهن توهان ان کي نٽا


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

مجيبو تہ پنهنجو پاڻ کي ئي ڪوڙو ڪريو ٿا ۽ پنهنجي ضمير جي سامهون شرارت ڪريو ٿا.

ٻئي شيءِ انسان جي اها فطرت آهي جنهن جي ڪري هو انصاف کي پسند ڪندو ۽ ظلم کان نفرت ڪندو آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ انهن ڳالهين جي باوجود بہ هو ظلم ڪندو آهي. پر ان جو سبب اهو نہ آهي تہ انسان ظلم ۽ انصاف ۾ فرق ڪرڻ کان لاچار آهي يا ظلم سان محبت ڪري ٿو. پر هي آهي تہ جذبن ۽ خواهشن کان هار کائي، هو پنهنجي نفس جو توازن وڃائي ويهندو آهي. اسان مان هر ماڻهو ڄاڻي ٿو تہ انسان ٻين جي گهر ۾ کاٽ هڻندو آهي، پر ڪڏهن بہ نہ گهرندو آهي تہ ٻيو ڪو سندس گهر ۾ کاٽ هڻي. ٻين کي قتل ڪندو آهي، پر ڪڏهن بہ اها ڳالهہ پسند نہ ڪندو آهي تہ ڪو ڪيس يا سندس ڪنهن ويجهي مائٽ کي قتل ڪري. ٻين کي تور ۾ کوٽ ڪري ڏيندو آهي، پر پاڻ جڏهن توري وٺندو آهي تہ ان ۾ کوٽ لاءِ ڪڏهن بہ راضي نہ ٿيندو آهي. انهن ئي چورن، قاتل ۽ دولاب ڪندڙن کان پڇو تہ مڃيندا تہ انهن مان هر مٿي ذڪر ڪيل ڳالهہ ڏوهہ جو ڪم آهي ۽ ان کي ختم ٿيڻ گهرجي. تنهن ڪري ڪوبہ انسان هوش حواس سان انهيءَ ڳالهہ تي راضي نہ ٿي سگهندو تہ نيڪ ۽ بڇڙي کي برابر سمجهيو وڃي ۽ ٻنهي سان ساڳيو ئي معاملو ڪيو وڃي. قرآن ڪريم انهن حقيقتن کي سامهون رکي ٿو ۽ قيامت جي انڪار ڪندڙن کان پڇي ٿو تہ ڇا اسان فرمانبردارن ۽ ڏوهارين کي برابر ڪري ڇڏينداسين؟ توهان کي ڇا ٿي ويو آهي؟ توهان ڪهڙي قسم جون ڳالهيون ڪيو ٿا؟

ٽين شيءِ انسان ۽ ڪائنات جو اڌورو هجڻ آهي. انهن کي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جنهن بہ پاسي کان ڏسو چٽي طرح سان نظر اچي ٿو تہ هڪ پاسي انهن جي ذري ذري مان انهن جي جوڙيندڙ جي عظيم قدرت ۽ حڪمت ظاهر ٿئي ٿي. هر شيءِ ۾ بي پناهہ معنويت، بي مثال تنظيم ۽ ترتيب، بي مثال رياضي ۽ جاميٽري، غير معمولي بندوبست ۽ تمام وڏي تخليقي سونهن، انساني علم ۽ عقل کي حيران ڪري ڇڏي ٿي. ٻئي پاسي مجموعي حيثيت سان انهن ٻنهي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو تہ تمام ئي گهڻو مايوس ڪري ڇڏڻ واري اڏورائپ ۽ بي مقصديت سامهون اچي ٿي. ان کان پوءِ رڳو ٻہ ئي صورتون ٿي سگهن ٿيون: هڪ هي تہ هن قدرت جي ڪارخاني کي بي مقصد سڏي فيصلو ڪيو وڃي تہ اهو ڪنهن مداريءَ جو کيل آهي، ان کان وڌيڪ ان جي ڪا بہ حيثيت نہ آهي. ٻيو هي تہ انهيءَ کي هڪ بدلي واري ڏينهن ۽ خدا تعاليٰ جي انهيءَ ابدي بادشاهي سان ملائي سمجهيو وڃي، جنهن جي لاءِ نبين سڳورن اعلان ڪري انسانيت کي ٻڌايو آهي. علم ۽ عقل جو فيصلو ڇا آهي؟ ان ڳالهہ کي هر ڪو سمجهي سگهي ٿو.

چوٿين شيءِ خدائي صفتون آهن، جن جا آثار ڪائنات جي ذري ذري ۾ ظاهر آهن. ربوبيت ۽ رحمت جون صفتون ان ۾ خاص طرح سان ڌيان طلب آهن. جهانن جي پالڻهار طرفان انسان جي پالنا جو جيڪو غير معمولي بندوبست ڪيو ويو آهي، تنهن کي ڏسڻ کان پوءِ ڪو بہ عقلمند، ڪيئن چئي سگهي ٿو تہ سندس خالق کيس بنا پڇاڻي جي ڇڏي ڏيندو ۽ رحمان ۽ رحيم خدا کان اها اميد ڪيئن ڪري سگهجي ٿي تہ جن ماڻهن دنيا کي ظلم ۽ بي انصافي جو گهر بڻائي ڇڏيو هجي، تن کي هو سزا نہ ڏيندو؟ قرآن انهيءَ ئي بنياد تي جتي ڪٿي ڌيان ڇڪايو آهي تہ قيامت الله تعاليٰ جي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

رحمت، ربوبيت، قدرت ۽ حڪمت جي گهُر آهي. الله تعاليٰ ڪي مڃڻ ڪان پوءِ ڪوبہ ماڻهو ان جو انڪار نٿو ڪري سگهي.

پنجين شيءِ دنيا ۾ خدا جي دين جو ظاهر ٿيڻ آهي. اهو انهن هستين جي وجود سان ٿيو آهي، جن کي نبين منجهان رسالت جي مرتبي تي فائز ڪيو ويو. الله تعاليٰ انهن کي غير معمولي معجزا ڏنا، روح القدس ڪان انهن جي تائيد ڪئي، وري قيامت ڪان اڳ هڪ ننڍڙي قيامت انهن جي وسيلي سان هن دنيا ۾ قائم ڪئي. ايئن ڪرڻ سان اها ڳالهہ گهربل هئي تہ آخرت جو تصور بہ انهيءَ ئي معيار تي ثابت ڪيو وڃي، جنهن معيار تي سائنسي حقيقتون تجربيگاهہ جي تجربن سان ثابت ڪيون وينديون آهن. ان ڪان پوءِ ظاهر آهي تہ ڪنهن وٽ ڪو بہ بهانو الله تعاليٰ جي اڳيان پيش ڪرڻ لاءِ باقي نٿو رهي سگهي.

انهيءَ لاءِ طريقو اهو اختيار ڪيو ويو آهي تہ انهن رسولن حق جي دعوة پيش ڪئي، وري ان ڪان پوءِ اعلان ڪيو تہ پنهنجي قوم جي لاءِ اهي خدا جي عدالت بڻجي آيا آهن. ايمان ۽ عمل جي بنياد تي جزا ۽ سزا جي جنهن معاملي جي خبر ڏني وئي آهي، سو سندس قوم سان هن دنيا ۾ ٿيڻ وارو آهي. جهڙي طرح طبعي قانون اٽل آهن ۽ هر حالت ۾ نتيجو ڏيندڙ ٿي ويندا آهن، الله تعاليٰ جا جوڙيل اخلاقي قانون بہ، انهن جي طرف ڪان حجت پوري ٿي وڃڻ ڪان پوءِ، اهڙي ئي طرح نتيجو ڏيندڙ ٿي ويندا. تنهن ڪري سندس قوم مان جيڪي ماڻهو سندس دعوة کي قبول ڪندا، سي دنيا توڙي آخرت ۾ ڇوٽڪارو ماڻيندا ۽ ان جي مخالفت ڪندڙن تي ڪين سوڀ حاصل ٿيندي. وري جيڪي انهيءَ دعوة کي قبول نہ ڪندا، سي ذليل ۽ خوار ٿيندا ۽ انهن تي الله تعاليٰ جو عذاب اچي ويندو.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اها اڳڪٿي جنهن وقت ۾ جنهن به قوم ۾ڪئي وئي، ان کان وڏيڪ اڻ ٿيڻي ۾ ويساهه ۾ نه ايندڙ ڪابه شيءِ نه هئي، پر اها هر دفعي پوري ٿي ۽ ايئن پوري ٿي جو ماڻهن الله تعاليٰ کي عدالت ڪندي ڏٺو ۽ زمين توڙي آسمان ان جي جلال کان پُر ٿي ويا.

قرآن ٻڌايو ته آخري دفعو ديني حڪومت ۾ عدل جو نظام ستين صدي عيسوي ۾ محمد رسول اللهﷺ جي وسيلي قائم ٿيو. انساني تاريخ جو اهو حيران ڪندڙ واقعو انهيءَ لحاظ کان غير معمولي اهميت رکي ٿو ته، اهو تاريخ جي روشني ۾ ٿيو آهي. ايئن ان جون تمام ئي ننڍڙيون حقيقتون به بلڪل محفوظ ۾ ان جا سمورا احوال ڇڻ ته اکين اڳيان آهن، جن کي ڪوبه ماڻهو جڏهن به گهري ته تاريخ جا پنا اٿلائي ڏسي سگهي ٿو.

## نشانيون:

اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟ قرآن انهيءَ بابت چٽائي ڪري ڇڏي آهي ته ان بابت الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪوبه نٿو ڄاڻي. ان جو وقت رڳو سندس ئي ڄاڻ ۾ آهي ۽ پنهنجي ڪنهن نبي يا ملائڪ کي به ان بابت ڄاڻ نٿو ڏئي. ان جون نشانيون ۾ اهڃاڻ سو قرآن، حديث ۾ آڳاٽن صحيفن ۾ بيان ٿيا آهن. انهن مان ڪي عام نوعيت جون آهن ۽ ڪن جي نوعيت مقرر ڪيل واقعن ۾ حادثن جي آهي. پهرين قسم جي نشانين مان ڪابه شيءِ قرآن پاڪ ۾ بيان نه ٿي آهي. انهن جو ذڪر روايتن ۾ ٿيو آهي. ٻئي قسم جي نشانين مان به هڪ ئي ڳالهه قرآن پاڪ ۾ بيان ٿي آهي ۽ اهو ياجوج ۾ ماجوج جو ٻاهر نڪرڻ آهي. تنهن ڪري پڪي نشاني ته اها ئي آهي. ان کانسواءِ ٻئي نشانيون جيڪي عام طرح سان ٻڌايون وينديون آهن، تن مان ڪي ظاهر ٿي چڪيون آهن ۽ باقي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جيڪڏهن رسول اللهﷺ ڏانهن انهن جي نسبت ۾ ڪا غلطي نہ آهي تہ پڪ سان ظاهر ٿينديون.

## احوال:

قيامت ڪيئن قائم ٿيندي؟ ان جي چٽائي قرآن پاڪ ۾ ڪيترن ئي جائن تي بيان ٿي آهي. زمين ۽ آسمان ۾ ڪهڙيون تبديليون اينديون، سج، چنڊ ۽ ستارن سان ڇا ڪجهہ ٿيندو. زمين تي رهڻ واري مخلوق ڪهڙي صورتحال کي منهن ڏيندي. ماڻهو ڪهڙي طرح قبرن مان نڪري پنهنجي پالڻهار جي اڳيان گڏ ٿيندا؟ قرآن پاڪ ۾ انهيءَ جون جهلڪيون ڏيکاريون ويون آهن. جاهلي ادب جو مطالعو ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ عربن جو ذوق تشبيهہ کان وڌيڪ تصوير سان رهيو آهي. قرآن انهيءَ کي لحاظ ۾ رکيو آهي ۽ قيامت کان ڊيڄارڻ لاءِ ان جي هلچل جو هڪ اهڙو تہ نقشو چِٽيو آهي، جو ان جو پڙهندڙ جڻ تہ اهو سڀ ڪجهہ پنهنجي اکين اڳيان ٿيندي ڏسي رهيو آهي. انهن احوالن مان حادثن جي جيڪا ترتيب سامهون اچي ٿي سا هيءَ آهي:

1) ماڻهو بلڪل اطمينان سان پنهنجي پنهنجي ڌنڌي ڌاڙيءَ ۾ لڳا پيا هوندا. انهن مان ڪو رستي ۾ هوندو ڪو بازار ۾ هوندو ڪو محفل ۾ ويٺو هوندو ڪو پنهنجي گهر ۾. ڪنهن جي وهم گمان ۾ بہ نہ هوندو تہ ڪائنات جو نظام هيٺ مٿي ٿي وڃڻ وارو آهي جو اوچتو صور ڦوڪيو ويندو ۽ قيامت جو زلزلو اچي ڪڙڪندو. زمين جي آباديءَ تي، انهيءَ جي نتيجي ۾ جيڪو ڪجهہ گذرندو، ان جو نقشو قرآن مجيد ۾ مختلف جائن تي چٽيوويو آهي. انهيءَ مان



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

خبر پوي ٿي تہ جڏهن هڪ ٻئي پٺيان زلزلي جا جهٽڪا ايندا ۽ زمين جي حالت انهيءَ ٻيڙيءَ وانگر ٿي ويندي جيڪا ڇولين جا ڌَڪ کائي لڏندي رهي هجي جنهن ڪري دل ڏڪي رهيو هجي ۽ اکيون خوف ۽ هراس کان قاٽل هجن ۽ ماڻهو اهڙا تہ بد حواس ٿي ويندا جو ڄڻ تہ خدائي عذاب انهن سيني کي چريو ڪري ڇڏيو هجي.

2) اِهو ئي اُهو وقت هوندو جڏهن دنيا جو سمورو نظم ڊانوان ڊول ٿيڻ شروع ٿي ويندو. سموري ڪائنات ۾ هڪ اهڙو تہ عظيم زلزلو اچي ويندو جو ان جا جبل بہ پرزا پرزا ٿي ويندا، سمنڊ ڇوليون هڻي وهندا، سموريون ڪيرڏارائون ۽ آسماني گرهہ پنهنجيون جايون ڇڏي هڪ ٻئي سان ٽڪرائجي ويندا. هر پاسي اهڙو تہ خلل مچي ويندو جو خيال ان جي تصور کان ۽ لفظ ان کي بيان ڪرڻ کان لاچار هوندا. اهو سلسلو هڪ اهڙي مدت تائين، جنهن کي الله ئي ڄاڻي ٿو، جاري رهندو.

3) ان کان پوءِ اهو مرحلو شروع ٿيندو، جنهن کي قرآن پاڪ ۾ پيدائش کي ٻيهر موٽائي آڻڻ ٻڌايو ويو آهي. ايئن انهيءَ خلل سان آهستي آهستي هڪ نئون نظام وجود ۾ اچي ويندو. سمورا آسماني گرهہ زمين، سج، چنڊ، ستارا ۽ اربين ستارا ۽ گرهن جون نهيل ڪهڪشائون، نون قانونن ۽ نون ضابطن سان، هڪ نئين زمين ۽ نئين آسمان ۾ بدلجي ويندا. قرآن جو بيان آهي تہ انهيءَ موقعي تي هڪ دفعو ٻيهر صور ڦوڪيو ويندو، جنهن سان سمورا انسان جيئرا ٿي پوندا ۽ پنهنجي قبرن مان ٻاهر


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نڪري، پنهنجي پالڻهار جي عدالت ۾ پيشي جي لاءِ
حاضر ٿيندا.

**هنڌ**

انسان ان ڏينهن جي حاضري جي لاءِ جنهن مرحلن مان گذرندو ۽ ان کان پوءِ جن جائن تي بيهاريو ويندو، تنهن جي تفصيل بہ قرآن پاڪ ۾ بيان ٿي آهي. انسان چڪجندي گهلجندي اُن پاسي ٿي وڌي رهيو آهي. انهيءَ سفر جو پهريون مرحلو موت آهي. دنيا جي ڪجهہ ڏينهن واري زندگي کان پوءِ هي مرحلو هر انسان تي لازمي ايندو آهي. انهيءَ کان ڪير بہ بچي نٿو سگهي. اهو صبح جو اچي سگهي ٿو، شام جو اچي سگهي ٿو ايتري تائين جو انسان پنهنجي پيدائش کان اڳ ۾ پيدا ٿيندي ئي ان جو شڪار ٿي سگهي ٿو. ٻاروتڻ، جواني ۽ ڪراڙپ ۾، اهو جڏهن بہ گهري اچي ڪڙڪندو ۽ هر ماڻهو کي ارهو ٿي توڙي سرهو ٿي ان اڳيان ڪنڌ جهڪائڻو پوي ٿو. انهيءَ جي حقيقت قرآن پاڪ ۾ هيءَ بيان ٿي آهي تہ انسان جي اصل شخصيت کي، جنهن کي قرآن ۾ نفس سان تعبير ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو ان جي حيواني زندگي کان جدا هڪ مستقل وجود آهي، سندس جسم کان جدا ڪيو وڃي ٿو. انهيءَ جي لاءِ هڪ خاص ملائڪ مقرر آهي، جنهن هيٺ ماتحت ملائڪن جو هڪ پورو عملو آهي. هو ان وقت اچي ڪري باقاعدي ان کي بلڪل اهڙي طرح وٺندو آهي، جهڙي طرح هڪ سرڪاري ڪارندو ڪنهن شيءِ کي پنهنجي قبضي ۾ وٺندو آهي.

انهيءَ موقعي تي جيڪو معاملو انسان سان ڪيو ويندو



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آهي، تنهن جو ذڪر بہ قرآن ڪريم ۾ ٿيو آهي. نبين سڳورن جي طرف کان حجت پوري ٿي وڃڻ کان پوءِ انهن جي انڪارين جا روح، ملائڪ ڪين مار ڪٽ ڪندي قبض ڪندا آهن ۽ موت جي وقت ئي انهن کي ٻڌائي ڇڏيندا آهن تہ سندن ڪرتوتن جي ڪري هاڻي انهن جي لاءِ خواري وارو عذاب آهي. ٻئي پاسي جيڪي ماڻهو رسولن تي ايمان آڻيندا ۽ ڪفر، شرڪ، ظلم ۽ زيادتي جي گدلاڻ کان بلڪل پاڪ هوندا آهن، تن کي ملائڪ سلام ڪندا آهن ۽ بهشت جي خوشخبري ڏيندا آهن.

ان کان پوءِ اهي هنڌ آهن، جن کي برزخ، محشر، دوزخ ۽ بهشت سان تعبير ڪيو ويندو آهي.

برزخ جو مطلب هڪ اهڙي مدت آهي، جنهن ۾ مرڻ وارو قيامت تائين رهندو. روايتن ۾ قبر جو لفظ مجازي طور انهيءَ جهان جي لاءِ ڳالهايو ويندو آهي. انهيءَ ۾ انسان جيئرو ٿيندو پر اها زندگي جسم کانسواءِ هوندي. روح جي شعور، احساس ۽ مشاهدن ۽ تجربن جي ڪيفيت گهڻو ڪري اها ئي هوندي جيڪا خواب جي حالت ۾ هوندي آهي. قرآن ڪريم مان معلوم ٿئي ٿو تہ جن ماڻهن جو معاملو بلڪل چِٽو هوندو، پوءِ پلي اهي ڪمال درجي ۾ وفاداريءَ جو حق ادا ڪرڻ وارو هجي يا سرڪشي ۽ وڏائيءَ سان انڪار ڪري نافرمان وارو، انهن جي لاءِ هڪ نوعيت جو ثواب ۽ عذاب انهيءَ ئي جهان کان شروع ٿي ويندو. ان جو سبب هيءُ آهي تہ انهن کان حساب پڇڻ ۽ انهن جي ڀلائي ۽ برائيءَ جو فيصلو ڪرڻ جي ضرورت نہ هوندي.

ان کان اڳيون هنڌ محشر جو ميدان آهي. ٻيو دفعو صور



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڦوڪجڻ ڪان پوءِ سمورا انسان اتي جيئرا ٿي اٿي پوندا. اها زندگي جسم ۽ روح سان گڏ هوندي. قرآن ۾ انهيءَ کي ٻئي پيري واري زندگيءَ ٻڌايو ويو آهي. انهيءَ ۾ انسان جي دنيا واري جسم کي هڪ اهڙي جسم ۾ بدلايو ويندو جيڪو الله تعاليٰ جي دائمي بادشاهت ۾ انعام توڙي عذاب، هر حالت ۾ رهڻ جي لاءِ موزون هوندو. پر بلڪل انهيءَ ئي شخصيت سان، جنهن سان هو اڄ جيئرو آهي.

سموري انسانذات انهيءَ ڏينهن ٽن گروهن ۾ ورهائي ويندي: هڪ حق واري واٽ ۾ اڳرائيءَ ڪندڙ ٻيا الله جا نيڪ صالح ٻانها جن جا اعمالناما سندن سڄي هٿ ۾ ڏنا ويندا. ٽيان اهي ڏوهاري جن جا هٿ ٻڌل هوندا ۽ پٺن پويان ئي انهن کي سندن اعمالنامو کٻي هٿ ۾ پڪڙايو ويندو.

اهو ئي موقعو آهي، جڏهن حساب ڪتاب ٿيندو ۽ حجت کي پورو ڪرڻ لاءِ شاهد پيش ڪيا ويندا. نبي سڀ‍ورا بہ شاهديءَ لاءِ سڏيا ويندا. ماڻهن جون زبانون، هٿ، پير، ڪن، اکيون، ويندي جسم جا وار بہ انهن جي عملن بابت شاهدي ڏيندا. ان ڪان پوءِ فيصلو ٻڌايو ويندو ۽ ماڻهو جهنم ۽ بهشت ڏانهن اماڻيا ويندا.

جهنم جي باري ۾ قرآن جو بيان آهي تہ اهو رهڻ لاءِ هڪ تمام ئي بڇڙو هنڌ آهي. انهيءَ ۾ باهہ جو عذاب هوندو. اها باهہ مُنهن کي ساڙي ڇڏيندي، شڪليون بگاڙي ڇڏيندي، کل لاهي ڇڏيندي ۽ دلين تائين پهچي ويندي. ڏوهارين جي ڳچين ۾ ڳٽ ۽ پيرن ۾ بيڙيون هونديون. هر شيءِ حسرت بڻجي ويندي. سڀ کان وڏي ڳالهہ اها هوندي تہ اهي ماڻهو انهيءَ ۾ الله تعاليٰ جو ديدار تہ پري، پر سندس رحمت ڀري نظر کان بہ محروم هوندا. الله تعاليٰ انهن مان ڪن ڏوهارين ڏانهن تہ ڏسڻ بہ پسند نہ ڪندو.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

بهشت وري ان جي برخلاف نيڪ ۽ صالح ٻانهن جي رهڻ جو هنڌ آهي. ان جي پڪيڙ پوري ڪائنات جيتري آهي. اهي عيش ۽ هميشہ واري آرام جي جاءِ آهي، جتي زندگيءَ سان گڏ موت، سک سان گڏ ڏک، خوشيءَ سان گڏ غم، اطمينان سان گڏ بي چيني، راحت سان گڏ تڪليف ۽ انعام سان گڏ عذاب جو ڪوبہ تصور نہ آهي. انهيءَ جو آرام هميشہ رهڻ وارو آهي. ان جي لذت اڻ کٽ آهي، ان جا ڏينهن توڙي رايتون نہ ختم ٿيندڙ ان جي سلامتي دائمي آهي. انهن جون خوشيون ڪڏهن بہ فنا نہ ٿيندڙ ان جي سونهن اڻ مٽ ۽ ان جي خوبي بي حد ۽ حساب آهي. الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي لاءِ انهيءَ ۾ اهو سڀ ڪجهہ رکيو آهي، جنهن کي نہ اکين ڏٺو نہ ڪنن ٻڌو ۽ نہ ڪنهن انسان جي دل ۾ ان جو خيال بہ گذريو آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

2

# اخلاقيات

ايمان کان پوءِ دين جي سڀ کان اهم گهرج اخلاق جي پاڪائي آهي. ان جو مطلب هي آهي ته انسان پيدائش ۾ پيدا ڪندڙ ٻنهي سان لاڳاپيل پنهنجي عملن کي پاڪ بڻائي. اِها ئي اُها شيءِ آهي، جنهن کي نيڪ يا صالح عمل سان تعبير ڪيو ويندو آهي. سموري شريعت انهيءَ جي ئي ٿاري آهي. تمدن جي تبديليءَ سان گڏ شريعت ته بنا ڪنهن شڪ جي تبديل به ٿي آهي، پر ايمان ۽ نيڪ عملي اصل دين آهي. انهيءَ ۾ ڪا به تبديلي يا ڦير ڦار نه ٿي آهي. قرآن انهيءَ باري ۾ بلڪل چٽائيءَ سان چوي ٿو ته جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ وٽ ان حال ۾ پيش ٿئي جو ان وٽ اهي ٻئي شيون هجن، تنهن جي لاءِ بهشت آهي جنهن ۾ هو سدائين رهندو.

ان سان گڏوگڏ قرآن هيءَ ڳالهه به چٽائيءَ سان چٽي ڇڏي ته الله تعاليٰ جهڙي طرح انسانن کي ڏسڻ لاءِ اکيون ۽ ٻڌڻ جي لاءِ ڪن ڏنا آهن، بلڪل اهڙي ئي طرح سان نيڪي ۽ بديءَ کي جدا جدا سڃاڻڻ جي لاءِ اخلاق جهڙي قوت به عطا ڪئي آهي. هو رڳو هڪ حيواني ۽ عقلي وجود ئي نه آهي، ان سان گڏوگڏ هڪ اخلاقي وجود به آهي. ان جو مطلب هي آهي ته نيڪي ۽ بديءَ جي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

سچائي ۽ نيڪي جي نيڪ ۽ بديءَ جي بد هئڻ جو احسان انسان جي تخليق سان گڏ ئي سندس دل ۽ دماغ ۾ بہ الهام ڪيو ويو آهي. اها سچائي هڪ عالمگير حقيقت آهي. انهيءَ ڪري ئي وڏي ۾ وڏو ڏوهاري بہ جڏهن گناه ڪندو آهي تہ پهرين مرحلي ۾ انهيءَ کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. ساڳيو ئي معاملو نيڪيءَ جو آهي. انسان ان سان محبت ڪندو آهي. ان جي لاءِ پنهنجي اندر عزت ۽ احترام جا جذبا محسوس ڪندو آهي ۽ پنهنجي لاءِ جڏهن بہ ڪا معاشرت پيدا ڪندو آهي، تن ۾ حق ۽ انصاف جي لاءِ لازمي طور ڪو نظام قائم ڪندو آهي. اهو انهيءَ نيڪي ۽ بديءَ جي فطري هئڻ جو ثبوت آهي. ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ برائيءَ جي حق ۾ انسان ڪڏهن ڪڏهن بهانا بہ گهڙي وٺندو آهي، پر جنهن وقت گهڙيندو آهي، ان وقت ڄاڻيندو بہ آهي تہ اهي بهانا هو پنهنجي فطرت جي خلاف گهڙي رهيو آهي. ڇو جو جيڪڏهن اها ئي برائي ٻيو ڪو ساڻس ڪري ويهي تہ بنا ڪنهن هٻڪ جي هو انهيءَ کي برائي ئي سڏيندو ۽ ان جي خلاف احتجاج شروع ڪري ڏيندو آهي.

انهيءَ الهام جي تعبير ۾، ايترو سو ضرور آهي تہ شخصن، زماني ۽ حالتن جي لحاظ کان گهڻا ئي اختلاف ٿي سگهن ٿا. اها الله تعاليٰ جي مهرباني آهي جو هن انهيءَ جي گنجائش بہ باقي رهڻ ڏني ۽ جتي ڪنهن وڏي اختلاف جو خدشو هو، پنهنجي پيغمبرن وسيلي نيڪي ۽ بدي کي بلڪل ڇٽو ڪري ڇڏيو آهي. انهن پيغمبرن جي هدايت هاڻي قيامت جي ڏينهن تائين قرآن مجيد ۾ محفوظ آهي. انسان پنهنجي اندر جيڪو ڪجهہ ڏسي ٿو



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اها هدايت انهيءَ جي تصديق ڪري ٿي ۽ انسان جي وجداني ڄاڻ، اڃا بہ ايئن چئجي تہ تجرباتي ڄاڻ، حياتياتي قانون ۽ مادي جي حالتن مان اخذ ڪيل ڄاڻ ۽ عقلي ڄاڻ، سڀئي انهيءَ جي شاهدي ڏين ٿا. انهيءَ ڪري اخلاقي گڏ ۽ اوگڻ انهيءَ جي نتيجي ۾ مڪمل طرح سان متعين ٿي وڃن ٿا.

## بنيادي اصول

انهيءَ باري ۾ جنهن شيءِ کي بنيادي اصول واري حيثيت حاصل آهي، سا هيءَ آهي تہ الله تعاليٰ انسان کي عدل ۽ احسان جو ۽ مٽن مائٽن کي ڏيندو رهڻ جو حڪم ڏئي ٿو ۽ بي حيائي، بڇڙائي ۽ سرڪشي کان روڪي ٿو. اهي سڀئي شيون بلڪل فطري آهن، تنهن ڪري الله تعاليٰ جي دين ۾ بہ سدائين مجيل رهيون آهن. توريت جا ڏهہ حڪم بہ انهن تي ئي آڌاريل آهن. قرآن ڪريم بہ پنهنجي سمورن اخلاقي حڪمن ۾ انهن کي تفصيل سان بيان ڪيو آهي. هتي اسان انهن جي وضاحت ڪنداسين.

پهرين شيءِ عدل آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ جنهن جو ڪو واجب حق ڪنهن جي مٿان ٿي پوي، تہ بنا ڪنهن ڪوتي واڌي ۽ بنا ڪنهن چون چران جي ادا ڪيو وڃي، پوءِ پلي حقدار هيٺو هجي يا سگهارو ۽ پلي اسان کي اها ڳالهہ وڻي توڙي نہ وڻي.

ٻي شيءِ احسان آهي. اها وري عدل کان وڌيڪ هڪ ٻي شيءِ ۽ سمورن اخلاقن جو جمال ۽ ڪمال آهي. ان جو مطلب رڳو اهو نہ آهي تہ حق ادا ڪيو وڃي، پر وڌيڪ ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ اسان هڪٻئي سان نرمي ۽ سخاوت وارو رويو اختيار ڪريون. انهن جي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

حق کان کين ڪجهہ وڌيڪ ڏيون ۽ پاڻ وري پنهنجي حق کان بہ گهٽ تي راضي ٿي وڃون. اِها ئي اُها شيءِ آهي، جنهن سان معاشري ۾ پيار ۽ محبت، ايثار ۽ اخلاص، شڪرگذاري، عالي ظرفي ۽ خيرخواهي وارن گڻن جي واڌ ويجهہ ٿيندي آهي ۽ اها زندگيءَ ۾ چس ۽ مزو پيدا ڪندي آهي.

ٽئين شيءِ مٽن مائٽن تي خرچ ڪرڻ آهي. اهو عمل بہ احسان جي ئي هڪ لام آهي ۽ ان جي هڪ خاص شڪل متعين ڪندي آهي. ان جو مطلب هي آهي تہ مٽ مائٽ رڳو ان ڳالهہ جا حقدار ئي نہ آهن تہ انهن سان عدل ۽ احسان وارو رويو اختيار ڪيو وڃي، پر ان ڳالهہ جا بہ حقدار آهن تہ ماڻهو پنهنجي مال تي انهن جو حق مڃن. انهن کي ڪنهن بہ حالت ۾ بکيو اڃيو نہ ڇڏن. پنهنجي ٻارن ٻچن سان گڏوگڏ انهن جي ضرورتن کي بہ ممڪن حد تائين سخاوت سان پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

ان جي پيٽ ۾ بہ ٽي ئي شيون آهن جن کان روڪيو ويو آهي:

پهرين شيءِ بي حيائي آهي. ان جو مطلب بدڪاري، لونڊي بازي ۽ اهڙي قسم جا گناهہ آهن.

ٻي شيءِ بڇڙائي آهي. يعني اهي ڪم جن کي انسان عام طرح سان برو سمجهندا آهن. اصل کان وٺي ان کي برو سڏيندا رهيا آهن ۽ جن جي برائي اهڙي تہ چٽي هجي جو ان جي لاءِ ڪنهن بہ دليل ڏيڻ جي ضرورت ئي نہ پوي. مذهب ۽ قوم ۽ تهذيب ۽ تمدن جي هر چڱي روايت ۾ انهن کي برو ئي سمجهيو ويندو آهي. قرآن ڪريم انهيءَ جي لاءِ هڪ جاءِ تي لفظ ”منڪر“ ۽ ٻئي جاءِ تي ”اثم“ جو لفظ استعمال ڪري ڇٽائي ڪئي آهي تہ ان جو


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

مطلب اهي ڪم آهن، جن سان ٻين جا حق زيان ٿيندا هجن.

ٽين شيءِ سرڪشِي آهي. يعني ماڻهو پنهنجي سگهه، طاقت، زور ۽ اثر مان ناجائز فائدو وٺي. حد کان لنگهي وڃي ۽ ٻين جي حقن تي، پوءِ اهي حق ڀلي خالق جا هجن يا مخلوق جا، هٿ وجهڻ جي ڪوشش ڪري.

## گڻ ۽ اوگڻ

انهيءَ باري ۾ قرآن پاڪ ۾ اهڙي طرح سان وضاحت فرمائي وئي آهي جو اخلاق جا گڻ توڙي اوگڻ بلڪل چٽائيءَ سان پڌرا ٿي ويا آهن. اهي جتي بہ بيان ٿيا آهن، اتي بيان جي شروعات بہ شرڪ کان منع ڪرڻ سان ٿي آهي ۽ ان جي پڄاڻي بہ انهيءَ ئي تاڪيد سان ڪئي وئي آهي. قرآن پاڪ ۾ اهو اسلوب ڪنهن شيءِ جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ جي لاءِ اختيار ڪيو ويندو آهي. انهيءَ جو مقصد هي آهي تہ وچ ۾ جن شين جو ذڪر ڪيو ويو آهي، تن جي لاءِ اهو عقيدو ڄڻ تہ مضبوط قلعي وانگر آهي جنهن جي وجود سان شهر محفوظ رهندو آهي ۽ جنهن ۾ ڏار پئجي وڃڻ سان سمورو شهر خطري ۾ اچي ويندو آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ اخلاقي گڻن ۾ توحيد جي اها ئي حيثيت آهي. اِهو اُنهيءَ عدل جي سڀ کان وڏي ۽ بنيادي گهرج آهي جنهن جو قرآن پاڪ ۾ حڪم ڏنو ويو آهي. انهيءَ ڪري ئي شرڪ کي تمام وڏو ظلم سڏيو ويو آهي ۽ انهيءَ جو نتيجو بہ قرآن مڪمل چِٽائيءَ سان بيان ڪري ڇڏيو آهي تہ الله تعاليٰ وٽ اهو هڪ اهڙو ڏوهہ آهي، جنهن جي معافي بلڪل ئي نہ آهي ۽ ان جي سزا ۾ ماڻهو


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڪي ڏڪار ۽ ڦتڪار سان گڏ جهنم ۾ وڌو ويندو.

اهو شرڪ ڇا آهي؟ الله تعاليٰ سان گڏ ڪنهن ڪي معبود بڻايو وڃي ته قرآن پنهنجي اصطلاح ۾ انهيءَ ڪي شرڪ سڏي ٿو. ان جو مطلب هي آهي ته ڪنهن ڪي الله تعاليٰ جي ذات مان يا الله تعاليٰ ڪي ان جي ذات مان سمجهيو وڃي، يا خلقڻ يا مخلوقن جي جوڙڪ ۽ هلائڻ جي معاملن ۾ الله سان گڏ ٻئي ڪنهن ڪي ڀاڱي ڀائيوار سمجهيو وڃي ۽ اهڙي طرح سان ڪنهن نه ڪنهن درجي ۾ ڪيس الله تعاليٰ جي برابر آڻي بيهاريو وڃي.

پهرين صورت جو مثال حضرت عيسيٰ ﷺ، سيده مريم ۽ ملائڪن جي باري ۾ عيسائين ۽ عرب جي مشرڪن جا عقيدا آهن. صوفين جو عقيدو وحدت الوجود به انهيءَ جو ئي هڪ قسم آهي.

ٻئي شڪل جو مثال هندن ۾ برهما، وشنو، شيو ۽ مسلمانن ۾ غوث، قطب، ابدال، داتا ۽ غريب نواز جهڙين شخصيتن جو عقيدو آهي. بدروحن، ستارن ۽ شيطانن جي مدد ڪي به انهيءَ ئي سري هيٺ سمجهڻ گهرجي.

انهيءَ ڪانسواءِ جيڪي حڪم هن باري ۾ آيا آهن، تن جي تفصيل ڪجهه هن طرح آهي:

## الله تعاليٰ جي عبادت:

پهريون حڪم هي آهي ته جڏهن الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪو معبود نه آهي، ته پوءِ عبادت به انهيءَ جي ئي ٿيڻ گهرجي. انهيءَ عبادت جي باري ۾ اسان هن ڪان اڳ بيان ڪري چڪا آهيون ته انهيءَ جي حقيقت عاجزي آهي جنهن جو پهريون اهڃاڻ پوڄا جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندو آهي. ان ڪان پوءِ انسان جي عملي وجود ڪي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

خيال ۾ رکندي، انهيءَ پوڄا سان گڏ فرمانبرداري بہ شامل ٿي ويندي آهي. ٻيءَ صورت جو اهڃاڻ پاڪائي ۽ وڏائي بيان ڪرڻ، ٻاڏائڻ ۽ دعائون گهرڻ، نوڙت ۽ سجدن ۾ ڪرڻ، نذر نياز قرباني ۽ اعتڪاف آهن. ٻئي صورت ۾ ماڻهو ڪنهن جي باري ۾ خدائي اختيار مڃڻ لڳي ٿو ۽ پنهنجي سموري زندگيءَ ۾ ڪيس پنهنجي رهبر ۽ مالڪ جي حيثيت ۾، ان جي هر حڪم اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائيندو آهي. الله، جهانن جي پالڻهار جو فيصلو آهي تہ انهن مان ڪا هڪ شيءِ بہ سندس ڪانسواءِ ٻيو ڪنهن لاءِ نٿي ٿي سگهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو الله ڪانسواءِ ٻئي ڪهن جي پاڪائي ۽ بزرگي بيان ڪندو يا ان جي اڳيان ٻاڏائيندو، يا ان جي اڳيان رڪوع ۽ سجدا ڪندو آهي ۽ ان جي ڳيان نذر نياز يا قرباني پيش ڪري ٿو، يا ان جي لاءِ اعتڪاف ڪري ٿو يا وري ان ۾ خدائي اختيار مڃيندي ان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري اختيار ڪري ٿو، تہ ان جو مطلب هي ٿيو تہ هن الله تعاليٰ جي انهيءَ فيصلي کي مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي (تہ الله تعاليٰ ڪانسواءِ ٻيو ڪوبہ معبود يا الہ نہ آهي).

## پيءُ ماءُ سان سهڻو سلوڪ:

ٻيو حڪم هيءُ آهي تہ پيءُ ماءُ سان سهڻو سلوڪ ڪيو وڃي. انهيءَ جي تعليم سمورن آسماني صحيفن ۾ ڏني وئي آهي. ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شبهو نہ آهي تہ انسانن ۾ سڀ کان پهريون حق پيءُ ماءُ جو آهي. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جي عبادت کان پوءِ سڀ کان پهريان اهو حق ادا ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. ان جو سبب هي آهي تہ انسان جا پيءُ ماءُ ئي سندس وجود ۾ اچڻ ۽ پرورش ۾



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اچڻ جو سبب بڻجن ٿا. الله تعاليٰ جي نصيحت ماءُ ۽ پيءُ ٻنهي جي لاءِ هيءَ آهي تہ پنهنجي پالڻهار کان پوءِ انسان کي سڀ کان وڏيڪ انهن جو شڪرگذار ٿيڻ گهرجي. اهو شڪر رڳو زبان سان ادا ناهي ٿيندو. ان جون ڪجهہ لازمي گهرجون آهن جيڪي قرآن پاڪ ۾ بيان ٿيون آهن.

پهرين ڳالهہ هيءَ فرمائي آهي تہ پنهنجي پيءُ ماءُ سان گڏ ماڻهو کي هن طرح سان پيش اچڻ گهرجي جو اهو ظاهر ۾ توڙي باطن ۾ انهن جي عزت ڪري. انهن جي خلاف پنهنجي دل ۾ ڪابہ بيزاري پيدا ٿيڻ نہ ڏئي. انهن جي اڳيان ادب کانسواءِ ٻي ڪا ڳالهہ زبان مان نہ ڪڍي. اجا بہ نرمي، محبت، شرافت ۽ سعادت مندي وارو انداز اختيار ڪري. انهن جي ڳالهہ مڃي ۽ ڪراڙپ جي ڏيرائپ ۾ انهن سان همدردي ڪندو ۽ تسلي ڏيندو رهي.

ٻئي ڳالهہ هيءَ بيان فرمائي آهي تہ پيءُ ماءُ جي اڳيان اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جون ٻانهون هر حالت ۾ جهڪيل رهن ۽ اها اطاعت ۽ فرمانبرداري مڪمل طور تي پيار محبت، ٻاجهہ ۽ شفت جي جذبي هيٺ هئڻ گهرجي. پيءُ ماءُ جهڙي طرح سان پنهنجي ٻچي کي پکين وانگر پنهنجي ٻانهن ۾ لڪائي رکندا آهن، ٻارن کي بہ گهرجي تہ انهن جي ڪراڙپ ۾ ايئن ئي انهن کي پنهنجي محبت ۽ فرمانبرداري جي ٻانهن هيٺ لڪائي رکن. ڇو جو پيءُ ماءُ جو جيڪڏهن ڪجهہ حق ادا ٿي سگهي ٿو. تہ رڳو انهيءَ ئي جذبي سان ٿي سگهي ٿو. ان کانسواءِ اهو حق ادا ڪرڻ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي لاءِ ممڪن نہ آهي.

ٽئين ڳالهہ هيءَ فرمائي تہ انهن جي لاءِ هر وقت دعا ڪئي وڃي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

تہ اي الله سائين، جهڙي طرح انهن ٻاجهہ ۽ محبت سان مون کي ٻاروتڻ ۾ پاليو آهي، اهڙي طرح هاڻي ڪراڙپ ۾ تون انهن مٿان پنهنجي ٻاجهہ نازل فرماءِ. اها دعا پيءُ ماءُ جو حق آهي ۽ انهيءَ حق جي يادگيري بہ جيڪا پيءُ ماءُ جي باري ۾ اولاد تي اچي ٿي. وري اِها انهيءَ محبت واري جذبي کي وڌائيندڙ بہ آهي، جنهن جي گهُر الله تعاليٰ پيءُ ماءُ سان سهڻي سلوڪ جي معاملي ۾ ڪئي آهي.

پيءُ ماءُ ڪانسواءِ جيڪي لاڳاپا هن دنيا ۾ پيدا ٿيندا آهن، تن ۾ بہ ماڻهوءَ جو رويو درجي وار ايئن ئي هئڻ گهرجي. انهيءَ ڪري مٿن مائٽن، يتيمن، مسڪينن، پاڙيسرين، مسافرن ۽ ماتحتن جي باري ۾ بہ الله تعاليٰ ماڻهن کي انهيءَ ڳالهہ جي ئي نصيحت فرمائي آهي.

## الله جي واٽ ۾ خرچ:

ٿيون حڪم هي آهي تہ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪيو وڃي. ان جو مطلب هي آهي تہ الله تعاليٰ انسان کي جيڪي نعمتون عطا ڪيون آهن، هوجهڙي طرح سان انهن کي پنهنجي مٿان خرچ ڪندو آهي، اهڙي طرح پنهنجي ذاتي ۽ ڪاروباري ضرورتن کي پورو ڪري وٺڻ کان پوءِ، انهن کي ٻين انسانن تي بہ خرچ ڪري. قرآن ڪريم جي تعليم مان خبر پوي ٿي تہ دنيا ۾ الله تعاليٰ جو ٻانهو ٿي رهڻ جي لاءِ ٻن شين جي گهرج ٿيندي آهي: هڪ اهو تہ خالق سان انسان جو لاڳاپو چڱي طرح سان قائم ٿي وڃي. ٻيو هي تہ مخلوق سان صحيح طريقي تي جُڙي وڃي. پهرين شيءِ نماز سان حاصل ٿيندي آهي جيڪو الله تعاليٰ سان محبت جو پهريون اهڃاڻ آهي. وري انهيءَ جو بدلو بہ الله تعاليٰ جي محبت


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ئي آهي. ڇو جو انسان جيڪو ڪجهہ خرچ ڪندو آهي، انهيءَ
کي حقيقت ۾ آسمان تي گڏ ڪندو آهي ۽ سيدنا عيسيٰ ﷺ جي
لفظن ۾ ان جي دل بہ انهيءَ جي نتيجي ۾ اتي ئي لڳل رهندي آهي.

اهو خرچ مٿن مائٽن، يتيمن ۽ مسڪينن جو حق آهي، جنهن
کي ادا ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ ۾ ڪوتاهي انسان کي الله تعاليٰ
وٽ حق ڦٻائڻ جو ڏوهاري بڻائي سگهي ٿي. انهيءَ ڪري قرآن ۾ اها
ڳالهہ هڪ جاءِ تي بلڪل چِٽي ڪئي وئي آهي تہ انهن حقدارن
کان منهن موڙي جيڪڏهن ڪو ماڻهو مال ۽ دولت گڏ ڪري ٿو تہ
اهو ”ڪنز“ آهي ۽ انهيءَ جي سزا جهنم جي باهہ آهي، جنهن کان
هر مومن ٻانهي کي پنهنجي پالڻهار کان پناهہ گهرڻ گهرجي.

انهيءَ خرچ ڪرڻ جي توفيق رڳو انهن ماڻهن کي ئي ملندي
آهي، جيڪي پنهنجي خرچن ۾ وچٿري واٽ هلندا آهن ۽ الله
تعاليٰ جيڪو کين رزق ڏنو آهي، تنهن کي پنهنجي ڪا ڏاهپ ۽
هوشياري جو نہ، پر الله تعاليٰ جي بخشش جو نتيجو سمجهندا
آهن. انهيءَ ڪري بہ ڳالهيون وڏيڪ بيان فرمايون ويون آهن:

”هڪ هي تہ مال کي عياشي ۽ فضول خرچي ۾ وڃائڻ
جائز نہ آهي. اها الله تعاليٰ جي نعمت آهي ۽ انهيءَ جي
باري ۾ صحيح رويو هي آهي تہ ماڻهو وچٿري واٽ هلي
۽ ڏئي وقت لاءِ ڪجهہ بچائي رکڻ سان گڏوگڏ
پنهنجي جائز ضرورتن تي بہ خرچ ڪري ۽ وري
جيڪو ڪجهہ بچائي، تنهن کي حقدارن جي امانت
سمجهي ۽ انهيءَ امانت کي تمام ئي احتياط سان ادا
ڪري. ان جو سبب هي آهي تہ جيڪو ماڻهو پنهنجي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ضرورتن جي معاملي ۾ وچٿري واٽ اختيار نٿو ڪري، ان ڪي پنهنجا ئي شوق پورا ڪرڻ کان واندڪائي نٿي ملي جو هو ٻين جا حق ادا ڪري سگهي. فرمايو ويو تہ جيڪي ماڻهو پنهنجا مال اهڙي طريقي سان وڃائن ٿا، سي شيطان جا ڀائر آهن، جڏهن تہ شيطان پنهنجي پالڻهار جو تمام ئي وڏو ناشڪرو آهي. هو انهن کي برغلائي پنهنجي واٽ تي لڳائي ڇڏيندو آهي ۽ انهن کان اهڙن ڪمن ۾ خرچ ڪرائيندو آهي، جن سان اهي الله تعاليٰ جو راضپو حاصل ڪرڻ بدران سندس ناراضگي ڪٽي واپس ورندا آهن. انهيءَ معاملي ۾ وچٿري واٽ جي صحيح وضاحت هيءَ آهي تہ ماڻهو پنهنجي هٿ کي نہ تہ بلڪل ئي روڪي رکي ۽ نہ وري بلڪل ئي کُليل ڇڏي ڏئي جو ضرورت واري وقت پريشان ۽ نادم ٿي ويٺو رهي. صحيح طريقو هي آهي تہ وچٿري انداز ۾ خرچ ڪري ۽ سدائين ٿوري گهڻو بچائي رکي تہ جيئن پنهنجا ۽ ٻين جا حق وقت تي ادا ڪري سگهي. "

”ٻئي ڳالهہ هيءَ تہ رزق جي تنگي ۽ ڪشادگي الله تعاليٰ جي حڪمت ۽ مرضي هيٺ آهي. انسان جي ذميواري رڳو هيءَ آهي تہ هو پوري محنت سان ان جا سبب پيدا ڪري. جيڪي ماڻهو انهيءَ حقيقت کي نٿا سمجهن، سي ٻين تي خرچ ڪرڻ تہ پري جي ڳالهہ رهي، پر اهڙا تہ پٽر دل بڻجي ويندا آهن جو سڃائپ جي خوف کان پنهنجي ٻچن کي بہ قتل ڪري ڇڏيندا



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آهن. انهيءَ ۾ خاص طور تي جاهليت واري زماني جي عربن ۾ ڇوڪرين کي جيئرو پورڻ واري، پٽر دليءَ جهڙي رسم ڏانهن اشارو آهي، جنهن جو سڀ کان وڏو سبب هي هو ته اهي سمجهندا هئا ته عورت جيئن ته ڪو ڪمائيندڙ فرد نه آهي، تنهن ڪري ان جي پالنا جو بوجهه ڇو کڻن. ان لاءِ فرمايو ويو ته انهن کي قتل نه ڪريو. انهن کي به اسان ئي رزق ڏيندا آهيون ۽ توهان کي به. ان ڪري اطمينان رکو ته الله تعاليٰ پنهنجي ٻانهن جي هر حالت کان خبروار ۽ انهن جو نگهبان آهي. هو انهن کان بي خبر نه آهي.“

## پاڪائي ۽ پاڪدامني:

چوٿون حڪم هي آهي ته ڪوبه ماڻهو زنا جي ويجهو به نه وڃي. ان جو سبب هيءُ بيان فرمايو آهي ته اها هڪ ڪليل بي حيائي ۽ تمام ئي بڇڙو طريقو آهي. ان جو مطلب هي آهي ته انهيءَ جي برائي ۽ بڇڙي هئڻ بابت ڪنهن دليل ڏيڻ جي ضرورت ئي نه آهي. انسان جي فطرت انهيءَ عمل کي اصل کان ئي هڪ تمام وڏو گناهه ۽ تمام خطرناڪ ڏوهه سمجهندي رهي آهي ۽ جيستائين اهو ڏوهه بلڪل ئي ختم نٿو ٿئي، ايئن ئي سمجهندي رهندي. انسان جي باري ۾ اها هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن کان انڪار ڪري ئي نٿو سگهي، ڇو جو ڪٽنب جو ادارو اُنهي لاءِ ئي جڙيو آهي جيڪو پاڻيءَ وانگر هڪ اٽل ضرورت آهي. اهو ادارو صحيح فطري جذبن سان رڳو ان صورت ۾ ئي قائم ٿيندو ۽ قائم رهي سگهي ٿو. جڏهن زال مڙس جو هڪٻئي سان لاڳاپو هميشه گڏ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

رهڻ وارو هجي. جيڪڏهن اها شيءِ ختم ٿي وڃي ته انهيءَ جي نتيجي ۾ فطري ۽ روحاني جذبن کان محروم هڪ جانورن جو ڌڻ ته وجود ۾ اچي سگهي ٿو پر ڪو سڌريل معاشرو ۽ سڌريل شهري زندگي وجود ۾ نٿي اچي سگهي.

انهيءَ ڪم جي اها ئي خرابي آهي، جنهن جي بنياد تي الله تعاليٰ رڳو ايترو ئي نه چيو آهي ته زنا نه ڪريو پر ان سان گڏوگڏ فرمايو ته زنا جي ويجهو به نه وڃو. ان جو مطلب هي ٿيو ته اسان کي اهڙين سمورين ڳالهين سان کان پري رهڻ گهرجي جيڪي زنا تي اڀاريندڙ ان لاءِ جوش ڏياريندڙ ۽ ان جي ويجهو ڪندڙ هجن. مردن ۽ عورتن جي ميل جول جا ادب جيڪي قرآن ۾ بيان ٿيا آهن، سي انسان کي اهڙي قسم جي ڳالهين کان بچائڻ لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن. انهن جو تت هي آهي ته مرد ۽ عورتون، ٻئي پنهنجي جسماني ۽ نفسياتي گهرجن جي لحاظ کان، پنهنجي نظرن کي وڌ کان وڌ بچائيندي ۽ پنهنجي جسم ۾ ان قسم جي انديشي وارن جائن کي ڍَڪي رکن ۽ ڪابه اهڙي ڳالهه نه ڪن جيڪا هڪ ٻئي جي صنفي جذبن کي ڀڙڪائيندڙ هجن. ان جو سبب هي آهي ته شيطان جڏهن ڪنهن معاشري ۾ زنا کي عام ڪرڻ گهرندو آهي ته پنهنجي ڪم جي شروعات عام طرح سان ان قسم جي ڳالهين سان ڪندو آهي. قرآن پاڪ جي تعليم مان خبر پوي ٿي ته آدم ۽ حوا تي به هن انهيءَ ئي طريقي سان حملو ڪيو هو. الله تعاليٰ زنا جون ڳالهيون ڪرڻ ۽ انهيءَ کي ڀڙڪائڻ وارين ڪوشش کي انهيءَ ڪري ئي هڪ تمام وڏو ڏوهه سڏيو آهي.

## انساني ساهه جو احترام:



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

پنجون حڪم هي آهي تہ ڪوبہ ماڻهو ڪنهن کي قتل نہ ڪري. مذهبي توڙي اخلاقي لحاظ کان انساني ساهہ شروع کان ئي احترام جوڳو سمجهيو ويو آهي، هي اُنهيءَ جو بيان آهي. قرآن ٻڌايو آهي تہ انهيءَ باري ۾ اها تاڪيد هن کان اڳ بني اسرائيل کي بہ ڏني وئي هئي ۽ الله تعاليٰ اها ڳالهہ انهن جي لاءِ لکي ڇڏي هئي تہ هڪ انسان جو قتل ڄڻ تہ سموري انسانيت جو قتل آهي.

ان سان گڏوگڏ قرآن هيءَ ڳالهہ بہ چٽائيءَ سان بيان ڪري ڇڏي آهي تہ اهو ڏوهہ ڪندڙن جو معاملو رڳو الله تعاليٰ سان ئي نہ آهي، پر قتل ڪيل ماڻهو جي وارثن سان بہ آهي ۽ الله تعاليٰ انهن کي پورو پورو اختيار ڏئي ڇڏيو آهي، تنهن ڪري دنيا جي ڪابہ عدالت انهن جي مرضيءَ کانسواءِ قاتل کي ڪنهن بہ قسم جي رعايت نٿي ڏئي سگهي. اُن (عدالت) جي ذميواري آهي تہ جيڪڏهن اهي قصاص (خون جي بدلي خون) لاءِ زور ڀرين تہ انهن جي مدد ڪري ۽ جيڪو ڪجهہ اهي گهرن، ان کي مڪمل طاقت سان ۽ نيڪ نيت نافذ ڪري.

## يتيم جي مال ۾ خيانت:

ڇهون حڪم هي آهي تہ يتيم جي مال ۾ ڪوبہ ناجائز خرچ نہ ڪيو وڃي. انهيءَ حڪم جا لفظ اهي ئي آهي جيڪي مٿي زنا کي روڪڻ جي لاءِ آيا آهن. يعني يتيم جي سڌاري ۽ ڀلائي جي ارادي کانسواءِ، ان جي مال جي ويجهو بہ نہ وڃو. ان جو مطلب اهو ٿيو تہ يتيم جي مال ۾ رڳو ايترو خرچ ڪرڻ جائز آهي، جيڪو اُن جي سنڀال ۽ پالنا جي خيال سان ڪيو وڃي ۽ ان وقت تائين ڪيو وڃي جيستائين جو يتيم ٻار سمجهہ ڀريو ٿي، پنهنجي مال



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڪي پاڻ سنڀالڻ جي لائق نٿو ٿئي.

## واعدو پاڙڻ:

ستون حڪم هي آهي تہ جيڪو بہ واعدو ڪيو وڃي، ان کي هر حال ۾ پورو ڪيو وڃي. انهيءَ لاءِ فرمايو ويو آهي تہ انهيءَ باري ۾ توهان کان پڇاڻو ٿيندو. قرآن جي ڪجهہ ٻين جائن تي بہ اهو حڪم انهيءَ ئي تاڪيد سان آيو آهي. جهاد ۽ جنگ جي موقعي تي بہ جيڪا سڀ کان اهم هدايت قرآن پاڪ ۾ بيان ٿي آهي، سا اها ئي واعدي جي پابندي آهي. رسول اللهﷺ ۽ سندس اصحابن سڳورن کي هڪ جاءِ تي عرب جي مشرڪن سان سمورا معاهدا ختم ڪري، آخري قدم کڻڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي، پر ايتري ڳالهہ انهيءَ ۾ بہ واضح ڪئي وئي آهي تہ ڪو معاهدو جيڪڏهن توهان ڪنهن خاص وقت تائين ڪيو آهي، تہ انهيءَ جي مدت لازمي پوري ڪريو. هڪ ٻئي جاءِ تي وڏيڪ چِتائي ڪئي وئي آهي تہ جيڪڏهن ڪا معاهدو ڪيل قوم مسلمانن تي ظلم بہ ڪري رهي هجي، تہ بہ معاهدي جي خلاف ورزي ڪري انهن جي مدد نٿي ڪري سگهجي.

## ماپ ۽ تور ۾ ديانتداري:

اٺون حڪم هي آهي تہ ماپ ۽ تور ۾ ڪوتي واڌي نہ ڪئي وڃي. الله تعاليٰ جو حڪم آهي تہ زمين ۽ آسمان کي هُن (الله) هڪ برابري واري اصول هيٺ قائم ڪيو آهي، تنهن ڪري ضروري آهي تہ انسان بہ پنهنجي وس آذار انصاف تي قائم رهي ۽ هميشہ صحيح ماپي سان ماپي ۽ سڌي تارازيءَ سان توري. انهيءَ


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

مان چٽائي ٿي وڃي ٿي تہ اهو هڪ تمام ئي وڏو حڪم آهي ۽ پنهنجي حقيقت جي لحاظ کان انهيءَ انصاف واري تارازيءَ جي هڪ ٽاري آهي، جنهن تي هيءَ دنيا قائم آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ کان جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهن موڙي ٿو تہ ان جو مطلب هي آهي تہ عدل ۽ انصاف جي تصور ۾ خلل پيدا ٿي چڪو آهي ۽ الله تعاليٰ جي انصاف تي بيهڪ وارو عقيدو باقي نہ رهيو. انهيءَ کان پوءِ، ظاهر آهي تہ معيشت ۽ معاشرت جو سمورو نظام ڊانوان ڊول ٿي ويندو آهي ۽ شهري زندگيءَ جي هڪ سِرَ بہ پنهنجي جاءِ تي قائم نہ ٿي رهي.

شين ۾ ملاوت جو معاملو بہ ساڳي ئي نوعيت جو آهي. جيڪڏهن ڪو ماڻهو کير ۾ پاڻي، ماکيءَ ۾ ڳڙ ۽ ڪڻڪ ۾ جَوَ ملائي وڪرو ڪري ٿو تہ هو بہ انهيءَ ئي ڏوهہ جو ڏوهاري ٿئي ٿو. ڇو جو پورو توري ڏيڻ کان پوءِ بہ هو خريدار کي خريد ڪيل شيءِ پوري نٿو پيو ڏئي. اهو حقيقت ۾ ٻئي جي حق تي ڌاڙو هڻڻ آهي جنهن جو دنيا ۽ آخرت، ٻنهي ۾ ہِڪ سان ہچڙو نتيجو ظاهر ٿيندو. انهيءَ ڪري فرمايو ويو تہ جڏهن ڪا شيءِ ماپي ڏيو تہ پورو ماپي ڏيو ۽ توريو تہ سڌي تارازيءَ سان توريو. ڇو جو اهو ئي طريقو ڀلو آهي ۽ نتيجي جي لحاظ کان بہ ڀلو آهي.

## وهم گمان تي هلڻ:

نائون حڪم هي آهي تہ جنهن شيءِ جي توهان کي خبر نہ هجي، تہ ڪو ماڻهو ان جي ڪڍ نہ لڳي. قرآن ڪريم خبردار ڪري ٿو تہ انهيءَ کي ڪا خسيس ڳالهہ نہ سمجهڻ گهرجي، ڇو جو انسان کي پنهنجي ڪنن، اکين، دل ۽ دماغ، هر شيءِ جي باري



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

۾ الله تعاليٰ وٽ جواب ڏيڻو آهي. انهيءَ ڪري ڪيس هنن ٽن ڳالهين کي ڌيان ۾ رکڻ گهرجي:

هڪ هي ته انهن مان ڪنهن به حڪم جي خلاف ورزي، جيڪڏهن اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ٿي آهي ته الله تعاليٰ انهيءَ تي پڪڙ ڪندو نه آهي. ان جو قانون هي آهي ته جيڪڏهن غير ارادي طور ڪو اهڙي ڪم ٿي پوي جيڪو ظاهر ۾ ته منع ڪيل هجي، پر انهيءَ ۾ بنيادي طور اُن منع ڪيل ڪم جي نيت نه هجي ته انهيءَ تي هو ڪابه پڪڙ نه ڪندو.

ٻيو هي ته انهن حڪمن جي خلاف ورزي کان جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ کي بچائي رکي ٿو ته ان جو بدلو ڪيس هن طرح ملندو ته سندس ننڍين گناهن کي الله تعاليٰ پنهنجي بي ڪنار رحمت سان معاف ڪري ڇڏيندو. باقي نه ته ننڍا ۽ وڏا سيئي سندس اعمالنامي ۾ لکيل هوندا ۽ ڪيس انهن جو حساب ڏيڻو پوندو.

ٽيون هي ته جذباتي اثر هيٺ اچي جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهن مان ڪنهن به حڪم جي خلاف ورزي ڪري وجهي ٿو ته ڪيس توبه ڪري پنهنجي رويي کي سڌارڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ ضروري آهي ته جيترو جلد ممڪن هجي، توبه ڪئي وڃي. الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ ٻڌائي ڪري ڇڏي آهي ته مٿس رڳو انهن ماڻهن جي توبه جو حق قائم هوندو آهي، جيڪي جذباتي اثر ۾ اچي ڪو گناهه ڪري وٺندا آهن، پر پوءِ يڪدم توبه ڪري وٺندا آهن. انهن ماڻهن جي توبه الله تعاليٰ وٽ ڪابه توبه نه آهي، جيڪي سموري ڄمار گناهن ۾ غرق هوندا آهن ۽ جڏهن ڏسندا آهن ته موت ڪنڌ تي اچي ڪڙڪيو آهي ته پوءِ توبه جي تسبيح تنوارڻ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

شروع ڪندا آهن. اهڙي طرح ڄاڻي ٻجهي حق جو انڪار ڪرڻ وارا، جيڪڏهن موت جي وقت تائين انهيءَ انڪار تي قائم رهيل هجن ته انهن جي توبه به، توبه نه آهي.

توبه جو قبول ٿيڻ ۽ رد ٿيڻ جون اهي ٻئي صورتون قرآن ڪريم ٻڌائي ڇڏيون آهن. ان کان پوءِ باقي رڳو هڪڙي ئي صورت رهجي وڃي ٿي ته ڪو ماڻهو گناهه کان پوءِ جلد ئي توبه ڪري وٺڻ جي سعادت ته ماڻي نه سگهيو پر ان کي ايتري گهڻي دير به ڪونه گذري جو مٿس موت جي گهڙي اچي پهتي. انهيءَ صورت جي باري ۾ قرآن خاموش آهي. اها خاموشي جهڙي طرح اميد پيدا ڪري ٿي، اهڙي طرح سان خوف به پيدا ڪري ٿي ۽ قرآن جو مقصد به اهو ئي سمجهه ۾ اچي ٿو ته ڳالهه خوف ۽ اميد جي وچ ۾ رهي. اهي اهڙي قسم جا ماڻهو آهن، جن جي باري ۾ شفاعت جي اميد ڪري سگهجي ٿي.

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org

## جمال ۽ ڪمال

انسان جي اخلاقي وجود جي سونهن جڏهن مخلوق ۽ خالق، ٻنهي جي معاملي ۾ ڪمال جي حد تي پهچندي آهي ته انهيءَ سان جيڪي گڻ پيدا ٿيندا آهن، يا قرآن جي تعليم جي لحاظ کان هئڻ گهرجن، سي به الله تعاليٰ هڪ جاءِ تي بيان ڪري ڇڏيا آهن. اهي ڏهه ڳالهيون آهن ۽ سموري قرآن پاڪ ۾ انهن تي ڪوبه واڌارو نه ٿيو آهي. دين جو جمال ۽ ڪمال قرآن جي ويجهو اهو ئي آهي. هو پنهنجي مڃيندڙن کي انهيءَ تائين پهچڻ ۽ انهيءَ کي ماڻڻ جي دعوة ڏئي ٿو. اهي گڻ هيٺ بيان ڪيل آهن:



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

## 1. اسلام:

پهرين شيءِ اسلام آهي. اهو جڏهن اهڙي طرح ايمان سان ايندو آهي، جهڙي طرح هتي آيو آهي تہ انهيءَ جو مطلب دين جو ظاهر هوندو آهي. يعني اها هدايت، جيڪا انسان جي قول ۽ فعل ۽ عضون ۽ هٿن پيرن سان لاڳاپيل آهي. انهيءَ ڪري ماڻهو جي زبان جيڪڏهن الله ۽ رسول جي حڪم تي ڪُلڻ ۽ بند ٿيڻ جي لاءِ آماده آهي، سندس اکيون جيڪڏهن اُن جي مرضيءَ سان ڏسڻ ۽ جهڪڻ لاءِ تيار آهن، سندس ڪن جيڪڏهن ان جي هدايت مطابق ٻڌڻ ۽ ٻڌڻ کان انڪار ڪرڻ لاءِ تيار آهن، سندس هٿ جيڪڏهن اُن جي حڪم سان کڄڻ ۽ هيٺ ٿيڻ لاءِ انتظار ڪندڙ آهن ۽ سندس پير جيڪڏهن ان جي فرمان تي هلڻ ۽ بيهي رهڻ کان نٽا ڪيبائن تہ اهو ئي اسلام آهي. قرآن پاڪ جي تعليم مان خبر پوي ٿي تہ انهيءَ جو سڀ کان پلو نمونو بہ نبي سڳورا ئي آهن. تنهن ڪري هدايت ڪئي وئي تہ الله تعاليٰ جي حڪمن کي مڃڻ ۽ سندس رضا تي راضي رهڻ واري انهيءَ مرتبي تائين پهچڻ لاءِ ماڻهو انهن هستين جي فرمانبرداري ڪن، جن کي الله تعاليٰ انهن جي لاءِ پيغمبر بڻائي موڪليو آهي.

## 2. ايمان:

ٻئي شيءِ ايمان آهي. اهو دين جو باطن آهي ۽ هتي انهيءَ جو مطلب اهو يقين آهي، جيڪو الله تعاليٰ ۽ سندس دعوائن جي باري ۾ سندس حقيقي سچاڻ سان ملي. انهيءَ ڪري جيڪو الله تعاليٰ کي اهڙي طرح مڃي جو  ڪيس مڃڻ ۽ رضا تي راضي رهڻ جي


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

بلڪل آخري درجي ۾ پنهنجي دل ۽ دماغ کي سندس حوالي ڪري ڇڏي، قرآن جي اصطلاح ۾ اهو مومن آهي. دل جي پاڪائي، عقل جي روشني ۽ نيت جي سچائي انهيءَ سان حاصل ٿيندي آهي. اهو ئي ايمان آهي جيڪو علم ۽ عمل، ٻنهي کي هڪ ئي وقت متاثر ڪندو ۽ انسان جي سموري وجود تي حاوي ٿي ويندو آهي. وري الله تعاليٰ جي ذڪر ۽ ان جي آيتن جي تلاوت ۽ پنهنجي نفس ۽ ڪائنات ۾ انهن نشانين جي ظاهر ٿيڻ سان انهيءَ ۾ واڌارو ايندو آهي. انهيءَ جي گهرج قرآن پاڪ ۾ هيءَ بيان ٿي آهي ته دنيا جي ڪابه شيءِ انهن ايمان وارن جي لاءِ، الله ۽ رسول کان وڌيڪ پياري نه هئڻ گهرجي.

## 3. پارسائي:

ٽئين شيءِ پارسائي آهي. هيءَ اُها دلي ڪيفيت آهي، جيڪا انسان کي مڪمل سچائي ۽ دلجمعي سان هميشه پنهنجي پالڻهار جي فرمانبرداريءَ تي قائم رکندي آهي. مؤمن ٻانهي جي وجود ۾ لڪل ٻانهي ۽ معبود واري لاڳاپي جو سڀ کان وڌيڪ چٽو اظهار اهو ئي آهي. انهيءَ ڪري پارسا اهي ئي ماڻهو آهن، جيڪي سدائين ٻانهپ ۾ رهن. ڏک، خوشي، جوش، پريشاني، آرام، بي چيني جي ڪنهن حالت ۾ پنهنجي پالڻهار کان سرڪشي نه ڪن. شهوت جو زور، جذبن جو جوش ۽ خواهشن جا انبار به انهن کي الله تعاليٰ جي اڳيان ڪڏهن بي ادب نه ٿيڻ ڏين. انهن جي دل خدا تعاليٰ جو عرش هجي ۽ سندس شريعت کي روبرو ڏنل حڪم سمجهن، جنهن کان منهن موڙڻ جو خيال به ان جي دربار ۾ بيهي ڪو ماڻهو نٿو ڪري سگهي. اها،



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جيڪڏهن غور ڪريو تہ اُها ئي ڪيفيت آهي جنهن جو اظهار سموري ڪائنات ۽ ان جون سموريون مخلوقون، پنهنجي وجود جي زبان سان ڪري رهيون آهن.

### 4. سچائي:

چوٿين شيءِ سچائي آهي. اها قول، فعل ۽ ارادي، ٽنهي جي هڪجهڙائي ۽ برابريءَ جي معنيٰ ۾ اچي ٿو. ماڻهوءَ جي زبان مان ڪوبہ لفظ سچائيءَ جي خلاف نہ نڪري. سندس قول ۽ فعل ۾ ڪوبہ فرق نہ هجي ۽ هو پنهنجي هر ڳالهہ کي توڙ تائين پهچائي تہ اها زبان ۽ عمل جي سچائي آهي. پر انهيءَ سان گڏ نيت ۽ ارادي جي سچائي بہ لازمي طرح سان شامل هئڻ گهرجي. قرآن ڪريم انهيءَ جي مخالف ڪردار کي نفاق ۽ هِن کي اخلاص سڏيو آهي. وري جتي ڪٿي وضاحت ڪئي آهي تہ الله تعاليٰ وٽ عمل جي اصلي سونهن اها ئي آهي جيڪا دل جي ڪارخاني اندر تيار ڪئي وئي هجي. تنهن ڪري سچائيءَ جو ڪمال درجو قول، فعل ۽ ارادي جي انهيءَ هڪجهڙائيءَ سان حاصل ٿيندو آهي.

### 5. صبر:

پنجين شيءِ صبر آهي. اهو پنهنجي شروعاتي مفهوم ۾ نفس کي بيقراري ۽ بيچينيءَ کان روڪڻ لاءِ ايندو آهي. وري انهيءَ مان ڏکيائن ۽ رڪاوٽن جي مقابلي ۾ تمام ئي بهادري، بردباري ۽ ثابت قدميءَ سان پنهنجي موقف تي ڄمي رهڻ جي معنيٰ بہ. انهيءَ ۾ پيدا ٿي پئي آهي. اها عاجز ٿي وڃڻ يا ذلت برداشت ڪرڻ واري معنيٰ واري ڪا شيءِ نہ آهي جنهن کي بيوسي ۽ لاچاريءَ جي


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

حالت ۾ مجبور تي اختيار ڪيو وڃي، پر اها پختي ارادي ۽ وڏي همٿ جو سرچشمو ۽ سموري سيرت ۽ ڪردار و جمال ۽ ڪمال آهي. انهيءَ سان ئي انسان جي اندر حوصلو پيدا ٿيندو آهي ته زندگيءَ جي ناخوشگوار تجربن تي شڪايت يا دانهن ڪوڪ ڪرڻ بدران، انهن کي رضامندي سان قبول ڪري ۽ الله تعاليٰ جي طرفان سمجهندي انهن کي پليڪار ڪري. عمل جي نتيجي ۾ دير سبب پريشان نه ٿئي، اڻ تڻ ۽ بيقراريءَ کان بچيو رهي. پاڻ سان برائي ڪندڙن جي لاءِ به پنهنجي دل ۾ بدلي جو ڪو جذبو پيدا نه ٿيڻ ڏئي. حق جي دفاع جو موقعو هجي ته موت اکين اڳيان ڏسي به اڏول ٿي بيهي رهي. ڏک توڙي سک جي هر حالت ۾ نفس تي ضابطو رکي ۽ جنهن شيءِ کي فرض يا واجب سمجهي، تنهن تي سموري ڄمار پابندي اختيار ڪندو رهي.

انساني سيرت جو اهو ئي پاسو آهي، جنهن سان الله تعاليٰ ۽ ٻانهي وچ ۾ اهو لاڳاپو قائم ٿيندو آهي، جنهن کي توڪل جو نالو ڏنو ويو آهي. يعني هر حالت ۾ الله تعاليٰ جي ذات مٿان ئي ڀروسو ڪيو وڃي. "إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ" به انهيءَ ئي سپردگيءَ جو ڪلمو آهي. قرآن ڪريم جو بيان آهي ته انهن ماڻهن جي لاءِ الله تعاليٰ جا خاص انعام ۽ نوازشون آهن جيڪي هن ڪلمي تي قائم رهندا آهن ۽ انهيءَ سان ئي هن دنيا مان موڪلائيندا آهن.

## 6. خشوع:

ڇهين شيءِ خشوع آهي. الله تعاليٰ جي هيبت ۽ سندس وڏائي ۽ جلال جي صحيح تصور سان انسان جي اندر جيڪا نوڙت ۽ عاجزي پيدا ٿيندي آهي، قرآن ڪريم انهيءَ کي خشوع



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

سڏي ٿو. اهو هڪ دلي ڪيفيت جو نالو آهي، جيڪا ڪيس الله تعاليٰ جي اڳيان بہ جهڪائي ٿي ۽ ٻين انسانن جي لاءِ بہ سندس دل ۾ ٻاجهہ ۽ همدرديءَ جا جذبا پيدا ڪري ڇڏيندي آهي.

پهرين صورت ۾ انهيءَ جو سڀ کان پلو اظهار نماز، خاص طورتي رات جي نمازن ۾ هوندو آهي. جڏهن مومن ٻانهو دنيا جي سيني شين کان جدا ٿي اڪيلائيءَ ۾ پنهنجي پالڻهار سان حال اوري ٿو ۽ پنهنجي اڪيلائن ڪي سندس ذڪر ۽ شڪر سان سينگاري ٿو.

ٻئي صورت ۾ هيءَ ڪيفيت مومن ٻانهي جي پوري شخصيت تي اثرانداز ٿيندي ۽ ڪيس پنهنجي گهر ٻار جي لاءِ سراسر ٻاجهہ، پنهنجي دوستن، پاڙيسرين ۽ ٻين ملندڙن جي لاءِ سراسر رحمت ۽ پنهنجي معاشري جي لاءِ هدايت جو سرچشمو بڻائي ڇڏيندي آهي. انهيءَ ڪري اهڙي ئي بردبار ۽ مهربان انسانن سان اهڙي معاشرتي زندگي وجود ۾ ايندي آهي، جيڪا زمين تي الله تعاليٰ جو بهشت ۽ هڪ سليم فطرت انسان جو اصل مقصد ۽ سندس تمنائن جو مرڪز هوندي آهي.

## 7. صدقو:

ستين شيءِ صدقو آهي. الله تعاليٰ جي واٽ ۾ انفاق جو هڪ درجو هي آهي تہ انسان پنهنجي مال مان فرض زڪوات ادا ڪندو رهي. ٻيو درجو هي آهي تہ پنهنجي ذاتي ۽ ڪاروباري ضرورتن کان وڌيڪ جيڪو ڪجهہ وٽس هجي، تنهن کي معاشري جو حق سمجهي ۽ جڏهن بہ ڪو مطالبو سامهون اچي تہ انهيءَ کي کليل دل سان پورو ڪري. ٽيون درجو هي آهي تہ پنهنجي خواهشن کي دٻائي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

۾ پنهنجي ضرورت کي گهٽائي ٻه ٻين جي ضرورتن کي پورو ڪري. صدقو ڏيڻ واري جو مطلب انهن سڀني شڪلين ۾ ساڳيو ٿي سگهي ٿو. پر خوبين بيان ڪرڻ جي موقعي تي جڏهن ان جي معنيٰ ورتي ويندي ته انهيءَ مان اشارو بنيادي طور ڪمال واري درجي تائين پهچڻ ئي هوندو. يعني جيڪو سخي ۽ فياض هجي ۽ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جو ڪوبه موقعو هٿ مان وڃڻ نه ڏئي. ٻانهن جي لاڳاپي مان هي اُنهيءَ ئي خشوع جو اظهار آهي، جيڪو هن کان اڳ ذڪر ڪيو ويو آهي. نماز ۽ الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جو ذڪر قرآن پاڪ ۾ انهيءَ ئي بنياد تي گڏ گڏ ٿيو آهي.

## 8. روزو:

اٺين شيءِ روزو آهي. اهو نفس تي ضابطي ۽ صبر جي تربيت جي لاءِ هڪ خاص عبادت آهي. قرآن ۾ انهيءَ جو مقصد هيءُ بيان ٿيو آهي ته انهيءَ سان تقويٰ حاصل ٿيندي آهي. انهيءَ ڪري روزو رکڻ وارن جي تشريح ڪبي، ته انهيءَ جو مطلب اهي ماڻهو هوندا جيڪي تقويٰ حاصل ڪرڻ لاءِ ايترو ته حرص ڪندڙ آهن جو انهيءَ جي لاءِ گهڻو ڪري روزي سان هوندا آهن. انهيءَ مان اها ڳالهه پنهنجو پاڻ ئي معلوم ٿي ويندي ته اهي ٻيڙن ڳالهين کان بچندا، بي حيائين کان پاسو ڪندا ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ سمورن اوچن اخلاقن جو پلو نمونو هوندا آهن.

## 9. اوگهڙ جي حفاظت:

نائين شيءِ اوگهڙ جي حفاظت آهي. يعني جيڪي پنهنجي شرمگاهن جي حفاظت ڪن ٿا. اهو نفس تي ضابطيءِ تقويٰ جو



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نتيجو آهي. اگهاڙپ ۽ بي حيائيءَ کان پاسو ڪندڙن جي لاءِ اهو لفظ قرآن پاڪ ۾ ڪيترائي دفعا آيو آهي. مطلب هي آهي تہ اهي پنهنجي پاڪائي ۽ پاڪدامني جي بلڪل آخري حد تائين حفاظت ڪندڙ آهن. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جتي اجازت ڏني آهي، انهيءَ کانسواءِ اڪيلائيءَ ۾ توڙي محفل ۾ اهي پنهنجي اوگهڙ ڪنهن جي بہ اڳيان نہ کوليندا آهن ۽ نہ ئي وري ڪو اهڙو لباس پهريندا آهن، جيڪو انهن جي عضون کي ظاهر ڪندڙ هجي ۽ پنهنجي اندر ڪنهن بہ درجي تائين جنسي ڪشش رکندڙ هجي. بيحيائيءَ کان پاسو ڪرڻ جو اهو ئي اهو درجو آهي، جنهن سان هڪ اهڙي تهذيب وجود ۾ ايندي آهي، جنهن ۾ لج حياءَ جو راڄ هوندو آهي ۽ مرد توڙي عورتون، پئي پنهنجي جسم کي وڏ کان وڏ کولي رکڻ بدران، جيستائين ممڪن هجي، ڍڪي رکڻ لاءِ بيقرار هوندا آهن.

## 10. گهڻو ذڪر:

ڏهين شيءِ گهڻي کان گهڻو ذڪر آهي. يعني الله تعاليٰ کي گهڻي کان گهڻو ياد ڪيو وڃي. مومن ٻانهي جي دل ۾ جڏهن پنهنجي پالڻهار جو خيال پوري طرح سان وسي ويندو آهي، تہ پوءِ هو مقرر ڪيل وقتن ۾ ڪابہ عبادت ڪري وٺڻ کي ئي ڪافي نہ سمجهندو آهي، پر هر وقت پنهنجي زبان کي الله تعاليٰ جي ذڪر سان تازو رکندو آهي. الله تعاليٰ جي نشانين مان ڪابہ نشاني جڏهن ڏسندو آهي تہ ”سبحان الله“ چوندو آهي. ڪنهن ڪم جي شروعات ڪندو آهي تہ ”بسم الله“ سان ڪندو آهي. ڪا نعمت ماڻيندو آهي تہ ”الحمدلله“ چئي الله تعاليٰ جو شڪر ادا ڪندو



www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org
"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آهي.”ان شاء الله“ ۽ ماشاء الله“ ڪانسواءِ پنهنجي ڪنهن ارادي ۽ ڪنهن عزم جو اظهار نہ ڪندو آهي. پنهنجي هر معاملي ۾ الله تعاليٰ کان مدد گهرندو آهي. هر مصيبت جي وقت ان جي رحمت جو طلبگار هوندو آهي. هر ڏکي وقت ۾ ان ڏانهن ئي رجوع ڪندو آهي. سمهندو آهي تہ بہ ان کي ئي ياد ڪندو آهي ۽ اٿندو آهي تہ بہ سندس ئي نالو وٺندي اٿندو آهي. مطلب تہ هر موقعي تي ۽ هر معاملي ۾ سندس زبان تي الله تعاليٰ جو ئي ذڪر هوندو آهي. ان کان پوءِ ايترو ئي نہ، پر هو نماز پڙهندو آهي تہ الله تعاليٰ کي ياد ڪندو آهي. روزو رکندو آهي تہ الله کي ياد ڪندو آهي. قرآن جي تلاوت ڪندو آهي تہ الله کي ياد ڪندو آهي. خرچ ڪندو آهي تہ الله کي ياد ڪندو آهي. برائيءَ کان بچندو آهي تہ الله کي ياد ڪندو آهي. ڪو گناه ڪري وٺندو آهي تہ الله تعاليٰ کي ياد ڪندو آهي ۽ يڪدم ان ڏانهن موٽي اچڻ لاءِ بيتاب ٿي ويندو آهي. انهيءَ ذڪر جي هڪ صورت فڪر بہ آهي. الله تعاليٰ جي انهيءَ دنيا کي ڏسو تہ انهيءَ ۾ هزارين مخلوقون آهن جيڪي رنگ برنگي ۽ قسمين قسمين آهن. وري انساني عقل ۽ ان جا ڪرشما آهن. سمنڊن ۾ موجون آهن، دريائن ۾ رواني آهي، هر پاسي ساوڪ ۽ آسمان کان وسندڙ پاڻي آهي. رات ڏينهن جي ڦير گهير آهي، هوا ۽ ڪڪرن جو هلڻ آهي، زمين ۽ آسمان جي بڻاوت ۽ انهن جي حيران ڪندڙ جوڙجڪ آهي. انهن جا نفعا ۽ فائدا آهن. انهن جو مقصد ۽ حڪمت آهي. وري انسان جي پنهنجي اندر توڙي ڪائنات ۾ خدا تعاليٰ جي وجود جون نشانيون آهن جيڪي هر نئين جلوي سان ظاهر ٿينديون آهن. مومن ڀانهو انهن خدائي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نشانين تي ويچاريندو آهي تہ اها ڳالھہ سندس دل توڙي دماغ کي الله تعاليٰ جي ياد سان ڀري ڇڏيندي آهي. اهڙي طرح هو چئي ڏيندو آهي تہ اي منهنجا پالڻهار! هي دنيا جو سڄو چرخو تو بيڪار بہ بڻايو آهي. اها ڳالھہ تنهنجي شان ۽ حڪمت جي خلاف آهي تہ تون ڪنهن شيءِ کي بي مقصد بڻائين. مان ڄاڻان ٿو تہ دنيا جي هنن رنگينين جو خاتمو ضرور قيامت جي ڏينهن سان ٿيندو جنهن ۾ اهي ماڻهو عذاب ۽ خواريءَ کي منهن ڏيندا جيڪي تنهنجي هن دنيا کي ڪنهن مداريءَ جو کيل سمجهندي ان ۾ زندگي گذاريندا هئا. انهيءَ انجام کان مان پناھ گهران ٿو.

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

## پانچواں باب

# الکتاب

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

1

# عبادت جو قانون

دين جو مقصد انسان جو تزڪيو آهي. انهيءَ ۾ ڪمال حاصل ڪرڻ جو ذريعو الله تعاليٰ ۽ ٻانهي جي وچ ۾ عبد (ٻانهپ) ۽ معبود واري لاڳاپي جو ان جي صحيح طريقي تي قائم ٿي وڃڻ آهي. اهو لاڳاپو جيترو مضبوط هوندو آهي، انسان پنهنجي علم ۽ عمل جي پاڪائيءَ ۾ ايترو ئي ترقي ڪندو آهي. محبت، خوف، اخلاص ۽ وفا ۽ الله تعاليٰ جي بي حساب نعمتن ۽ اڻ ڪٿ احسانن جي لاءِ احساس ۽ ميٺا جا جذبا، اهي سڀ انهيءَ لاڳاپي جو باطني اظهار آهن. انسان جي رات توڙي ڏينهن ۾ انهيءَ جو اظهار ٽن ئي شڪلين ۾ ٿيندو آهي: پوڄا، فرمانبرداري ۽ ننگ يا پاسخاطري. نبين سڳورن جي دين ۾ عبادتون انهيءَ ئي لاڳاپي جي يادگيري لاءِ مقرر ڪيون ويون آهن. نماز ۽ زڪواة پوڄا آهي. قرباني ۽ عمري جي بہ ساڳي ئي حقيقت آهي. روزو ۽ اعتڪاف فرمانبرداري ۽ حج الله تعاليٰ جي لاءِ ننگ ۽ پاسخاطري جو اهڃاڻ ۽ اظهار آهي.

## نماز

عبادتن ۾ سڀ کان اهم عبادت نماز آهي. دين جي حقيقت، جيڪڏهن غور ڪري ڏسجي تہ پنهنجي معبود جي سڃاڻ ۽ ان جي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اڳيان خوف ۽ محبت ڀريل جذبن سان نوڙت ۽ عاجزي اختيار ڪرڻ آهي. انهيءَ حقيقت جو سڀ کان چٽو اظهار پوڄا آهي. پاڪائي بيان ڪرڻ، واکاڻ، دعائون گهرڻ، پڪارڻ، نِوڙڻ توڙي نرڙ گسائڻ، اهي سيئي عمل انهيءَ پوڄا جون عملي شڪليون آهن. نماز ئي هڪ اهڙي عبادت آهي، جيڪا انهن سڀني عملن جي سهڻائيءَ کي ان جي آخري تائين ڇُهندي، پنهنجي اندر سمائي وٺي ٿي.

دين ۾ انهيءَ عبادت جي تمام ئي غير معمولي اهميت آهي. ايمان جي معاملي ۾ جيڪا حيثيت توحيد جي آهي، عملن ۾ اها ئي حيثيت نماز جي آهي. اها الله تعاليٰ جي ياد کي قائم رکڻ جي لاءِ فرض ڪئي وئي آهي. قرآن پاڪ جي تعليم مان خبر پوي ٿي ته خدائي آيتن جي ذڪر ڪرڻ سان الله تعاليٰ جي جيڪا سڃاڻ حاصل ٿيندي آهي ۽ انهيءَ سان الله تعاليٰ جي لاءِ محبت ۽ شڪرگذاري جا جيڪي جذبا انسان جي اندر پيدا ٿيندا آهن، يا ٿيڻ گهرجن، تن جو نتيجو رڳو ان نماز سان ئي حاصل ٿئي ٿو. نماز دين اسلام جو ٿنڀ آهي، دنيا توڙي آخرت ۾ ماڻهوءَ جي مسلمان سمجهيو وڃڻ جي شرطن مان هڪ آهي. دين تي قائم رهڻ جو وسيلو آهي، ڏک ڏاکڙا ختم ڪندڙ آهي، گناهن کي مِٽائيندڙ آهي، حق واري دعوة جي سڃاڻ آهي، حق واري واٽ ۾ ثابت قدمي جو بنياد آهي، ڪائنات جي فطرت آهي، حقيقي زندگي آهي. الله تعاليٰ جي سڃاڻ، سندس ذڪر ۽ فڪر ۽ سندس ويجهڙائپ جو احساس، جڏهن ڪمال جي آخري حد تي پهچي ٿو ته نماز بڻجي ويندو آهي. دنيا جي سمورن درويشن جو فيصلو آهي ته اصل حياتي دل جي حياتي آهي ۽ دل جي حياتي اها ئي خدائي


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

سجاڻ، سندس ذڪر، فڪر ۽ وجهڙائيءَ جو حاصل ٿيڻ آهي. انسان کي اها زندگي رڳو نماز سان ئي حاصل ٿيندي آهي ۽ نماز سان ئي قائم رهندي آهي.

## 1. نماز جي تاريخ:

نماز جي تاريخ ايترو ئي آڳاٽي آهي، جيترو مذهب پاڻ آڳاٽو آهي. انهيءَ جو تصور سمورن مذهبن ۾ رهيو آهي ۽ انهيءَ جو طريقيڪار ۽ وقت تہ لڳ ڀڳ سمجهايل ئي رهيو آهي. هندن جا ڀوڄن، پارسين جا نغما، عيسائين جون دعائون، يهودين جا ترانا، سڀئي انهيءَ جا ئي يادگار آهن. قرآن ٻڌائي ٿو تہ الله تعاليٰ جي سمورن پيغمبرن انهيءَ جي ئي تعليم ڏني آهي. نبيﷺ جنهن دين ابراهيمي جي تجديد لاءِ موڪليا ويا، تنهن ۾ بہ انهيءَ جي حيثيت سڀ کان واضح آهي. قرآن جڏهن ماڻهن کي انهيءَ جو حڪم ڏنو تہ انهن جي لاءِ اها ڪا نئين شيءِ ڪونہ هئي. اهي انهيءَ جي ادبن، اصولن، عملن، ذڪر تسبيح ۽ دعائن کان چڱيءَ طرح واقف هئا. انهيءَ ڪري ان ڳالهہ جي ڪابہ ضرورت ڪونہ هئي تہ قرآن انهيءَ جي تفصيل بيان ڪري. دين ابراهيمي جي هڪ روايت جي حيثيت سان اها جيئن ادا ڪئي ويندي هئي، نبيﷺ بہ قرآن جي حڪم تي ڪجهہ ڦيرڦار سان، انهيءَ کي ئي پنهنجي مڃيندڙن تي لاڳو فرمايو ۽ اهي پشت بہ پشت، انهيءَ ئي طريقي تي ادا ڪري رهيا آهن.

## 2. نماز جا شرط:

نماز جي لاءِ جن ڳالهين جو بندوبست ڪرڻ ضروري آهي سي هي آهن:



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

1. نماز پڙهڻ وارو نشي جي حالت ۾ نہ هجي.
2. جيڪڏهن عورت آهي تہ حيض يا نفاس جي حالت ۾ نہ هجي.
3. وضو سان هجي ۽ حيض يا نفاس کان پوءِ ان تڙ ڪيو هجي.
4. سفر، مرض يا پاڻي نہ هجڻ جي صورت ۾ وضو يا تڙ ڪرڻ ڏکيو ٿي پوي تہ تيمم ڪيو وڃي.
5. قبلي ڏانهن منهن ڪري نماز جي لاءِ بيهجي.

وضو جو طريقو هي آهي تہ پهريان منهن ڌوئجي، پوءِ هٿ ٺونٺين تائين ڌوئجن، پوءِ سڄي مٿي جو مسح ڪجي ۽ ان کان پوءِ پير ڌوئجن.

جيڪڏهن وضو هڪ دفعو ڪيو وڃي تہ ان وقت تائين قائم رهندو، جيستائين جو ان کي ٽوڙڻ واري ڪا حالت ماڻهوءَ اڳيان نہ اچي. انهيءَ وضوءَ جي لاءِ اها هدايت ان حالت لاءِ آهي، جڏهن وضو ٽٽي پوي سواءِ ان جي، جو ڪو ماڻهو پنهنجي تسلي لاءِ تازو وضو ڪري.

وضوءَ جا ٽوڙيندڙ هيٺ بيان ڪجن ٿا:

1. پيشاب ڪرڻ.
2. ڪاڪوس ڪرڻ.
3. ڦوس نڪري وڃڻ، پوءِ ڀلي آواز سان هجي يا گونگي.
4. مذي يا ودي جو خارج ٿيڻ.

سفر، مرض يا پاڻي ميسر نہ هجڻ جي صورت ۾ جيڪڏهن وضو ۽ تڙ ٻئي ڏکيا ٿي پون تہ الله تعاليٰ اجازت ڏني آهي تہ ماڻهو تيمم ڪري سگهي ٿو. ان جو طريقو هي آهي تہ ڪا پاڪ جاءِ


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڏسي انهيءَ سان منهن ۽ هٿن جو مسح ڪيو وڃي. اهو هر قسم جي ناپاڪيءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. وضو کي ٽوڙيندڙ ڳالهين مان ڪا ڳالهہ ٿي پوي تہ اِن کان پوءِ بہ ڪري سگهجي ٿو ۽ گهر واريءَ سان صحبت کان پوءِ تڙ ڪرڻ بدران بہ ڪري سگهجي ٿو. وڏيڪ اهو تہ مرض ۽ سفر جي حالت ۾ پاڻي موجود نہ هجڻ جي صورت ۾ بہ ماڻهو تيمم ڪري سگهي ٿو.

انهيءَ سان ڏسڻ ۾ تہ ڪابہ پاڪائي حاصل نٿي ٿئي، پر جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ اصل پاڪائيءَ جي اصل طريقي جي يادگيريءَ کي ذهن ۾ قائم رکڻ واري لحاظ کان انهيءَ جي وڏي اهميت آهي. شريعت ۾ ان ڳالهہ جو گهڻو خيال ڪيو ويو آهي تہ جڏهن اصلي شڪل ۾ ڪنهن حڪم تي عمل ڪرڻ ممڪن نہ رهيو هجي يا گهڻو ڏکيو ٿي پوي تہ تشبيهہ واري شڪل ۾ انهيءَ جي يادگيري کي باقي رکيو وڃي. انهيءَ جو فائدو هي ٿيندو آهي تہ حالتون جيئن ئي معمول تي اچي وينديون تہ طبيعت بہ اصل صورت ڏانهن پلٽو کائڻ لاءِ تيار ٿي ويندي.

## 3. نماز جا عمل:

نماز جي لاءِ جيڪي عمل مقرر ڪيا ويا آهن سي هي آهن:

نماز جي شروعات رفع يدين، يعني هٿ مٿي کڻڻ سان ڪئي وڃي.

قيام (سڌو ٿي بيهڻ وارو عمل) ڪيو وڃي.

وري رڪوع ڪيو وڃي.

وري ماڻهو رڪوع مان ٿوري دير لاءِ سڌو ٿي (قومہ) بيهي.

ان کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان بہ سجدا ڏئي.

هر نماز جي ٻئي ۽ آخري رڪعت ۾ نماز پڙهڻ وارو گوڏن ڀر



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

قعدي جي حالت ۾ ويهي.

نماز ختم ڪرڻي هجي ته قعدي جي حالت ۾ سڄي ۽ کٻي ٻنهي پاسي منهن ڦيرائي نماز ختم ڪري.

## 4. نماز ۾ ٿيندڙ ذڪر:

نماز ۾ هيٺين ڳالهين جو ذڪر ٿيندو آهي:

نماز شروع ڪندي ”الله اڪبر“ چيو وڃي.

قيام ۾ سورة الفاتحہ جي تلاوت ڪئي وڃي. وري پنهنجي سهولت موجب باقي قرآن جي ڪجهہ ڀاڱي جي تلاوت ڪئي وڃي.

رڪوع ۾ ويندي ”الله اڪبر“ چيو وڃي.

رڪوع کان اٿندي ”سمع الله لمن حمده“ چيو وڃي.

سجدن ۾ ويندي ۽ انهن مان اٿندي ”الله اڪبر“ چيو وڃي.

قعدي کان قيام جي لاءِ اٿندي ”الله اڪبر“ چيو وڃي.

نماز ختم ڪرڻ جي لاءِ ”السلام عليڪم ورحمة الله“ چيو وڃي.

”الله اڪبر“ (الله سڀ کان وڏو آهي)، سمع الله لمن حمده (الله ان جي ڳالهہ ٻڌي جنهن سندس ساراهہ ڪئي) ۽ السلام عليڪم ورحمة الله (توهان تي سلامتي ۽ الله جي رحمت هجي) امام سدائين وڏي آواز ۾ چوندو. مغرب ۽ عشاء جي پهرين ٻن رڪعتن ۾، فجر، جمعہ ۽ عيد جي نمازن ۾ بہ قراءت وڏي آواز سان ڪئي ويندي. مغرب جي ٽئين ۽ عشاء جي ٽئين ۽ چوٿين رڪعت ۾ اها هميشہ چُپِن ۾ ٿيندي. ظهر ۽ عصر جي نمازن ۾ بہ اهو ئي طريقو اختيار ڪيو ويندو. يعني انهن جي چئن ئي رڪعتن ۾ تلاوت چپن ۾ ٿيندي.

نماز جي لاءِ شريعت ۾ مقرر ڪيل ذڪر اهي ئي آهن ۽ انهن جي ٻولي عربي آهي. انهن کانسواءِ نماز پڙهندڙ جنهن بہ ٻوليءَ ۾



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

گهري، تسبيح، تحميد ۽ دعا يا پڪار جي نوعيت جو ڪوبہ ذڪر پنهنجي نماز ۾ ڪري سگهي ٿو.

## 5. نماز جا وقت:

نماز هر مسلمان تي رات ڏينهن ۾ پنج وقت فرض ڪئي وئي آهي. اهي وقت هن طرح آهن:

فجر، ظهر، عصر، مغرب ۽ عشاء

صبح جو سوجهرو جڏهن رات واري اونداهہ کان جدا ٿي وڃي تہ اها فجر آهي.

ظهر سج جو ڏينهن جي وچ کان لڙي وڃڻ جو وقت آهي.

سج اڪيون ڪڍڻ واري حالت کان هيٺ لهي اچي (يعني سج جي تابش ختم ٿي وڃي) تہ اها ٽيپهري آهي.

سج جي لهي وڃڻ جو وقت مغرب آهي.

سج لهڻ کان پوءِ آسمان جي ڳاڙهاڻ ختم ٿي وڃي تہ اهو عشاء جو وقت آهي.

فجر جو وقت سج اڀرڻ تائين، ظهر جو وقت عصر، عصر جو مغرب، مغرب جو عشاء ۽ عشاء جو وقت اڌ رات آهي. سج جي اڀرڻ ۽ لهڻ وقت جيئن تہ ان (سج) جي پوڄا ڪئي ويندي هئي، انهيءَ ڪري اهي ٻئي وقت نماز جي لاءِ منع ڪيا ويا آهن. نبين سڀني جي دين ۾ نماز جا وقت سدائين اهي ئي رهيا آهن.

## 6. نماز جون رڪعتون:

نماز جي لاءِ جيڪي رڪعتون (فرض طور) مقرر ڪيون ويون آهن سي هي آهن:



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

فجر: 2 رڪعتون

ظهر: 2 رڪعتون

عصر: 4 رڪعتون

مغرب: 3 رڪعتون ۽

عشاء: 4 رڪعتون.

نماز جون فرض رڪعتون اهي ئي آهن جن کي ڇڏڻ تي قيامت جي ڏينهن پڇاڻو ٿيندو. تنهن ڪري انهن صورتن کانسواءِ جن ۾ گهٽائڻ جي اجازت ڏني وئي آهي، اهي لازمي پڙهيون وينديون. انهن کانسواءِ باقي سيئي نمازون نفل آهن، جن جو پڙهڻ ثواب وارو ڪم آهي، پر انهن کي ڇڏي ڏيڻ تي الله تعاليٰ وٽان پڇاڻي جو انديشو نہ آهي.

## 7. نماز ۾ رعايت:

ڪنهن خطري، پريشاني، گهٻراهٽ ۽ نفسانفسي جي حالت ۾ نماز جو وقت اچي وڃي تہ الله تعاليٰ اها اجازت ڏني آهي تہ پنڌ هلندي، سواري تي يا جنهن طرح سان بہ ممڪن ٿي سگهي، نماز پڙهي وڃي. انهيءَ ۾ ظاهر آهي تہ جماعت جو بندوبست نہ ٿي سگهندو. قبلي ڏانهن منهن ڪرڻ جي پابندي بہ قائم رهي نہ سگهندي ۽ نماز جا عمل بہ ڪن حالتن ۾ پنهنجي مقرر ڪيل طريقي تي ادا نہ ٿي سگهندا.

اهڙي قسم جي صورتحال ڪنهن سفر ۾ اچي وڃي تہ قرآن وڏيڪ فرمايو آهي تہ ماڻهو نماز ۾ گهٽتائي بہ ڪري سگهن ٿا. اصطلاح ۾ انهيءَ عمل کي ”قصر“ سڏيو ويندو آهي. رسول الله ﷺ انهيءَ جي لاءِ هي طريقو فرمايو آهي تہ رڳو چئن رڪعتن واري



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نماز ٻہ رڪعتون ڪري پڙهي ويندي. ٻہ ۽ ٽي رڪعتن واري نماز ۾ ڪابہ ڪوتي نہ ڪئي ويندي. انهيءَ ڪري فجر ۽ مغرب جون نمازون اهڙي قسم جي موقعن تي بہ پوريون پڙهيون وينديون. ان جو سبب هي آهي تہ فجر اڳي ئي ٻہ رڪعتون آهن ۽ مغرب ڏينهن جو وتر آهي، تنهن ڪري انهن جي هيءَ حيثيت تبديل نٿي ٿي سگهي.

نماز ۾ رعايت جي انهيءَ اجازت سان، ان جي وقتن ۾ بہ رعايت جو مسئلو بہ ڪڍي سگهجي ٿو. انهيءَ ڪري اهڙي قسم جي سفرن ۾ ظهر ۽ عصر ۽ مغرب ۽ عشاء جون نمازون گڏي بہ پڙهي سگهجن ٿيون.

## 8. نماز جي جماعت:

نماز جيتوڻيڪ اڪيلو بہ ادا ڪري سگهجي ٿي، پر پهلو اهو ئي آهي تہ اها جماعت سان گڏ ۽ ممڪن هجي تہ ڪنهن مسجد ۾ ادا ڪئي وڃي. نبيﷺ جن انهيءَ مقصد لاءِ يثرب پهچڻ کان پوءِ سڀ کان پهريان مسجد جي اڏاوت ڪئي ۽ هر وسندي ۽ پاڙي ۾ مسجدن جي اڏاوت جي روايت ان سان گڏوگڏ ئي قائم ٿي وئي. انهن ۾ حاضر ٿيڻ ۽ جماعت سان گڏ نماز جو بندوبست ڪرڻ تمام ئي وڏي فضيلت واري ڳالهہ آهي. عورتون، بنا ڪنهن شڪ جي انهيءَ کان آجيون آهن، پر مسلمان مرد کي بنا ڪنهن شرعي عذر جي انهيءَ کان محروم نہ ٿيڻ گهرجي.

جماعت ۾ قيام جو طريقو هن طرح آهي:

1. نماز کان اڳ ٻانگ ڏني وڃي تہ جيئن ماڻهو انهيءَ کي ٻڌي جماعت ۾ شامل ٿي سگهن. رسول اللهﷺ جن انهيءَ جي لاءِ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جيڪي ڪلما مقرر ڪيا آهن سي آهن:

اَللّٰهُ اَكۡبَرُ اَللّٰهُ اَكۡبَرُ، اَشۡهَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ اِلَّااللّٰه، اَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّداً رَّسُوۡلُ اللّٰه، حَيَّ عَلَى الصَّلٰوۃ حَيَّ عَلَى الصَّلٰوۃ، حَيَّ عَلَى الۡفَلَاح حَيَّ عَلَى الۡفَلَاح، اَللّٰهُ اَكۡبَرُ، لَّا اِلٰهَ اِلَّااللّٰه

الله سڀ کان وڏو آهي، الله سڀ کان وڏو آهي، آءُ شاهدي ٿو ڏيان تہ الله کانسواءِ ٻيو ڪو معبود نہ آهي، آءُ شاهدي ٿو ڏيان تہ محمد (ﷺ) الله جو رسول آهي، اچو نماز جي طرف، اچو ڪاميابي جي طرف، الله سڀ کان وڏو آهي، الله کانسواءِ ٻيو ڪو معبود نہ آهي.

2. هڪ ئي مقتدي هجي تہ اهو امام جي سڄي پاسي ان سان گڏ ئي ويهندو، پر جيڪڏهن وڌيڪ هوندا تہ امام وچ تي هوندو ۽ مقتدي سندس پويان قطار ٻڌي ويهندا.

3. نماز شروع ڪرڻ جي لاءِ اقامت چئي ويندي جنهن ۾ بانگ وارا ئي لفظ ورجايا ويندا. ايترو سو فرق ضرور هوندو تہ "حَيَّ عَلَى الۡفَلَاح حَيَّ عَلَى الۡفَلَاح" کان پوءِ اقامت چوڻ وارو "قَدۡ قَامَتِ الصَّلٰوۃ" (نماز شروع ٿي وئي آهي) بہ چوندو.

4. بانگ وارا ڪلما سامهون واري مقصد جي اهميت کي نظر ۾ رکندي هڪ کان وڌيڪ دفعا ورجايا ويندا.

5. اقامت جا ڪلما بہ جيڪڏهن ضرورت هجي تہ ساڳي ئي طريقي سان ورجائي سگهجن ٿا.

## 9. نماز ۾ غلطي:

نماز جي لاءِ جيڪي بہ عمل ۽ ذڪر مقرر ڪيا ويا آهن، تن



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

۾ جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي وڃي يا شڪ پئجي وڃي تہ ڪا غلطي ٿي وئي آهي تہ ان لاءِ هي طريقو مقرر ڪيو ويو آهي تہ غلطيءَ جو ازالو ڪرڻ ممڪن هجي تہ ازالي کان پوءِ پر جيڪڏهن ممڪن نہ هجي تہ ان کان بنا ئي نماز جي آخر ۾ ٻہ وڏيڪ سجدا ڏنا وڃن.

## 10. جمعہ جي نماز:

جمعي جي ڏينهن مسلمانن تي لازم ڪيو ويو آهي تہ اهي ظهر نماز بدران، اهي انهيءَ ڏينهن لاءِ خاص هڪ گڏيل نماز جو بندوبست ڪن. انهيءَ نماز جو طريقيڪار هي آهي:

اها نماز ٻہ رڪعتون پڙهي ويندي.

نماز ظهر جي برخلاف ان جي ٻنهي رڪعتن ۾ قراءت وڏي آواز سان ٿيندي.

نماز جي لاءِ تڪبير چئي ويندي.

نماز کان اڳ امام موجود ماڻهن کي الله تعاليٰ جي يادگيري ۽ نصيحت لاءِ ٻہ خطبا ڏيندو. اهي خطبا بيهي ڏنا ويندا. پهرين خطبي کان پوءِ ۽ ٻيو خطبو شروع ٿيڻ کان اڳ امام ڪجهہ گهڙين لاءِ ويهي رهندو.

نماز جي لاءِ ٻانگ ان وقت ڏني ويندي، جڏهن امام خطبي واري جاءِ تي اچي ويهندو.

ٻانگ ٿيڻ شرط سمورن مسلمان مردن جي لاءِ ضروري آهي تہ جيڪڏهن انهن وٽ ڪو شرعي عذر نہ هجي تہ پنهنجا ڪم ڪاريون ڇڏي نماز جي لاءِ حاضر ٿي وڃن.

نماز جو خطبو ۽ ان جي امامت مسلمانن جا واڳ ڌڻي ۽



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

حاڪم ڪندا ۽ اها رڳو ان وقت ۾ انهن ئي علائقن ۾ ادا ڪئي ويندي، جيڪي انهن جي طرفان انهيءَ نماز جي جماعت لاءِ مقرر ڪيا ويندا ۽ جتي اهي پاڻ يا انهن جو ڪو نمائندو انهيءَ جي امامت لاءِ موجود هوندو.

## 11. عيدن جون نمازون:

عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ جي ڏينهن به مسلمانن تي لازم آهي ته سج ايرڻ کان پوءِ ۽ زوال کان اڳ، اهي جمعه وانگر ئي هڪ گڏيل نماز جو بندوبست ڪن. انهيءَ جو طريقو هي آهي:

اها نماز به رڪعتون پڙهي ويندي.

ٻنهي رڪعتن ۾ قراءت وڏي آواز سان ٿيندي.

قيام جي حالت ۾ نمازي ڪجهه وڌيڪ تڪبيرون چوندا.

نماز جي لاءِ نه ٻانگ ٿيندي ۽ نه ئي وري تڪبير چئي ويندي.

نماز کان پوءِ امام موجود ماڻهن کي واعظ ۽ نصيحت جي لاءِ به خطبا ڏيندو. اهي خطبا بيهي ڏنا ويندا. پهرين خطبي کان پوءِ ۽ ٻئي خطبي کان اڳ امام ڪجهه گهڙين لاءِ ويهي رهندو.

انهيءَ نماز جو خطبو توڙي امامت به جمعه جي نماز وانگر واڌ ڏٽي ۽ حاڪم ڪندا ۽ اها انهن ئي هنڌن تي ادا ڪئي ويندي جيڪي انهن پاران، انهيءَ نماز جي جماعت لاءِ مقرر ڪيا ويندا ۽ جتي اهي پاڻ يا انهن جو ڪو نمائندو انهيءَ جي امامت لاءِ موجود هوندو.

## 12. جنازي جي نماز:

مرڻ وارن جي لاءِ جنازي جي نماز به نبين سڀڪورن جي دين ۾



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ضروري سڏي وئي آهي.

لاش کي تڙ ڏيڻ ۽ ڪفن ڪان پوءِ هيءَ نماز جنهن طريقي سان ادا ڪئي ويندي سو هن طرح آهي:

لاش کي پنهنجي ۽ قبلي جي وچ تي رکي مقتدي امام جي پويان صف (قطار) ٺاهيندا.

رفع يدين (هٿ مٿي کڻڻ) سان گڏ "الله اڪبر" چئي ڪري نماز شروع ڪئي ويندي.

عيد جي نمازن وانگر هن نماز ۾ به ڪجهه وڌيڪ تڪبيرون چيون وينديون.

قيامت جي حالت ۾ ئي تڪبيرن ۽ دعائن ڪان پوءِ سلام ڦيري نماز ختم ڪئي ويندي.

نماز جي صورت ۾ گهٽ اها ئي عبادت آهي، جنهن لاءِ مسلمانن کي پابند بڻايو ويو آهي. تنهن هوندي به قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو آهي ته جنهن پنهنجي شوق سان ڪو نيڪيءَ جو ڪم ڪيو، تنهن کي الله تعاليٰ قبوليندڙ آهي. اهڙي طرح هڪ جاءِ تي فرمايو ويو ته مصيبت واري وقت صبر ۽ نماز سان مدد گهرو. انهيءَ ڪري انهن فرمانن کي سامهون رکندي، مسلمان انهيءَ لازمي نماز کانسواءِ به عام طرح سان نفل نمازن جو بندوبست ڪندا آهن. انهيءَ قسم جا نفل رسول الله ﷺ جن به پڙهيا آهن يا ماڻهن کي پڙهڻ لاءِ همٿايو آهي. انهن جي تفصيل مختلف روايتن ۾ ڏسي سگهجي ٿي.

## زڪواة



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نماز کان پوءِ هيءَ ٻئي سڀ کان اهم عبادت آهي. پنهنجي معبودن جي لاءِ پوڄا جا جيڪي اخلاق انسان عام طرح سان اختيار ڪيا آهن، تن مان هڪ هي ٻه آهي ته پنهنجي مال، جانورن ۽ پيداوار مان هڪ ڀاڱو انهن جي اڳيان نذراني طور پيش ڪيو وڃي. انهيءَ کي صدقو، نياز، نذرانو ۽ قرباني جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. نبين سڳورن جي دين ۾ زڪواة جي حيثيت اصل ۾ اها ئي آهي ۽ انهيءَ ئي بنياد تي انهيءَ کي عبادت سڏيو ويو آهي. انهيءَ ڪري قرآن پاڪ ۾ ڪيترن ئي جائن تي انهيءَ جي لاءِ "صدقي" جو لفظ استعمال ڪيو ويو آهي ۽ ان جي چٽائي ڪندي فرمايو آهي ته انهيءَ کي دل جي عاجزي ۽ نماڻائيءَ سان ادا ڪيو وڃي. انهيءَ باري ۾ عام روايت هيءَ رهي آهي ته نذر ڪرڻ کان پوءِ انهيءَ کي عبادتخاني مان کڻي، ان جي خدمتگارن کي ڏنو ويندو هو ته جيئن اهي انهيءَ مان عبادت جي لاءِ اچڻ وارن جي خدمت ڪن. هاڻي اهو طريقو نه رهيو آهي. انهيءَ جي بدران مسلمانن کي اها هدايت ڪئي وئي آهي ته گڏيل انتظامي ضرورتن جي لاءِ اهو مال واڳ ڌڻين ۽ حاڪمن جي حوالي ڪيو وڃي. تنهن هوندي به ان جي حقيقت ۾ انهيءَ سان ڪا به تبديلي نٿي اچي. اهو الله تعاليٰ جي لاءِ خاص آهي ۽ سندس ٻانها جڏهن اها ادا ڪن ٿا ته ان جي قبوليت جو فيصلو به سندس ئي دربار مان ٿيندو آهي.

## 1. زڪواة جي تاريخ:

زڪواة جي تاريخ به اها ئي آهي جيڪا نماز جي آهي. قرآن پاڪ جي مطالعي مان خبر پوي ٿي ته نماز وانگر هن جو حڪم به نبين سڳورن جي شريعت ۾ سدائين موجود رهيو آهي. الله تعاليٰ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جڏهن مسلمانن کي اها ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي تہ اها انهن جي لاءِ ڪا اڻڄاتل شيءِ نہ هئي. دين ابراهيمي جا سمورا پيروڪار ان جي حڪم ڪان چڱيءَ ريت واقف هئا. انهيءَ ڪري اهو اڳي کان ئي موجود هڪ طريقو هو جنهن کي نبي ڪريم ﷺ جن، الله تعاليٰ جي حڪم سان ۽ ضروري سڌارن ڪان پوءِ، مسلمانن ۾ جاري فرمايو.

## 2. زڪواة جو مقصد:

زڪواة جو مقصد، جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ ان جي نالي مان ئي معلوم ٿي وڃي ٿو. هن لفظ جي معنيٰ وڌڻ ويجهڻ ۽ پاڪائي آهي. تنهن ڪري انهيءَ جو مطلب اهو مال آهي، جيڪو پاڪائي حاصل ڪرڻ لاءِ ڏنو وڃي. انهيءَ مان اها ڳالھ پڌري ٿي وڃي ٿي تہ زڪواة جو مقصد اهو آهي جيڪو سموري دين جو آهي. اها نفس کي انهن گندگين ڪان پاڪ ڪري ٿي، جيڪي مال جي محبت جي ڪري ان ۾ اچي سگهن ٿيون. ان ڪانسواءِ اها مال ۾ برڪت پيدا ڪري ٿي ۽ انساني نفس جي لاءِ ان جي پاڪائيءَ کي وڌائڻ جو سبب بڻجي ٿي. الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪرڻ جو اهو گهٽ ۾ گهٽ مطالبو آهي جيڪو هڪ مسلمان کي ڪنهن بہ صورت ۾ ادا ڪرڻو آهي. انهيءَ ڪري ان مان اهي سيئي مقصد تہ حاصل ٿئا ٿين جيڪي ان کان بہ اڳتي وڌي، عام مطالبن کي پورو ڪرڻ لاءِ الله جي راھ ۾ خرچ ڪرڻ سان حاصل ٿيندا آهن، تنهن هوندي بہ انسان جي دل ايتري خرچ ڪرڻ سان بہ پنهنجي پالڻهار سان لڳي وڃي ٿي ۽ الله تعاليٰ کان بي خبر ٿي وڃڻ واري حالت گهٽي ڀاڳي دور ٿي وڃي ٿي، جيڪا دنيا ۾ دنيا جي سببن



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

سان لاڳاپي جي ڪري، ان جي اندر پيدا ٿي ويندي آهي.

## 3. زڪواة جو قانون:

زڪواة جو قانون هيٺين ريت آهي:

1. پيداوار، واپار ۽ ڪاروباري وسيلن، ذاتي استعمال جي شين ۽ نصاب واري حد کان گهٽ مُوڙيءِ کانسواءِ ٻي ڪابہ شيءِ زڪوات کان آجي نہ آهي. اها هر مال، هر قسم جي جانورن ۽ هر قسم جي پيداوار تي لاڳو ٿيندي آهي ۽ هر سال رياست جي هر مسلمان شهري کان لازمي طور اوڳاڙي ويندي.

2. ان جو مقدار هن طرح آهي:

مال ۾ اڍائي سيڪڙو ساليانو.

پيداوار ۾، جيڪڏهي اها رڳو محنت يا رڳو سرمائي سان وجود ۾ اچي تہ، هر پيداوار جي موقعي تي انهيءَ جو ڏهہ سيڪڙو، جيڪڏهن محنت ۽ سرمائي ٻنهي جي ميلاپ سان وجود ۾ اچي تہ پنج سيڪڙو، ۽ جيڪڏهن ٻنهي کانسواءِ خدائي انعام طور حاصل ٿي وڃي تہ پوءِ ويهہ سيڪڙو ادا ڪئي ويندي.

جانورن ۾

ا. اُٺَ:

5 کان 24 تائين، هر پنجن اُٺن تي هڪ ٻڪري.

25 کان 35 ائن تائين هڪ، هڪ سال واري ڏاچي ۽ جيڪڏهن اها نہ هجي تہ پوءِ ٻن سالن جو اٺ.

36 کان 45 تائين هڪ ٻن سالن جي ڏاچي.

46 کان 60 تائين، هڪ ٽن سالن جي ڏاچي.

61 کان 75 تائين. هڪ چئن سالن جي ڏاچي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

76 کان 90 تائين، ٻه ٻن سالن واريون ڏاچيون.

91 کان 120 تائين ٻه ٽن سالن واريون ڏاچيون.

ب. ڳئون:

هر 30 ڳئن تي هڪ هڪ سال جوءِ هر 40 ڳئن تہ هڪ ٻن سالن جو گابو

پ. ٻڪريون:

40 کان 120 تائين، هڪ ٻڪري

121 کان 200 تائين ٻه ٻڪريون

201 کان 300 تائين ٽي ٻڪريون

300 کان وڌيڪ ۾ هر 100 تي هڪ ٻڪري.

3. زڪواة جن ڳالهين ۾ خرچ ڪئي ويندي، ان لاءِ جيڪي قرآن تفصيل ٻڌايو آهي، سو هن طرح آهي:

فقيرن ۽ مسڪينن لاءِ.

رياست جي سمورن ملازمن جي خدمتن جي معاوضي ۾.

اسلام ۽ مسلمانن جي ڀلائيءَ وارن سمورن سياسي خرچن لاءِ.

هر قسم جي غلاميءَ کان ڇوٽڪاري لاءِ.

نقصان، ڏنڊ يا قرض جي بوجهہ ۾ دٻيل ماڻهن جي سهائتا لاءِ.

دين جي خدمت ۽ ماڻهن جي ڀلائيءَ لاءِ.

مسافرن جي مدد ۽ انهن جي لاءِ روڊ رستن، پُلن، مهمان خانن وغيره جي اڏاوت لاءِ.

4. زڪواة جو هڪ قسم فطري جو صدقو بہ آهي. اهو هڪ فرد جي لاءِ صبح ۽ شام جو کاڌو ڪارائڻ آهي جيڪو ننڍي توڙي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

وڏي هر شخص جي لاءِ ڏيڻ لازم ڪيو ويو آهي ۽ اهو رمضان مهيني جي پڇاڙيءَ تي، عيد نماز کان اڳ ادا ڪيو ويندو آهي.

# روزو

نماز ۽ زڪواة کان پوءِ ٽئين اهم عبادت روزو آهي. عربي ٻوليءَ ۾ انهيءَ جي لاءِ "صوم" جو لفظ اچي ٿو جنهن جي معنيٰ ڪنهن شيءِ کان رڪجي وڃڻ ۽ انهيءَ کي تياڳڻ آهي. شريعت جي اصطلاح ۾ هي لفظ خاص حدن ۽ پابندين سان کائڻ پيئڻ ۽ ازدواجي لاڳاپن کان رڪجي وڃڻ لاءِ استعمال ٿيندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ انهيءَ کي روزو سڏيو ويندو آهي. انسان جيئن ته هن دنيا ۾ پنهنجو هڪ عملي وجود رکندو آهي، انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جي لاءِ سندس عبادت جو جذبو جڏهن سندس عملي وجود سان لاڳاپيل هوندو آهي ته پوڄا سان گڏوگڏ ان ۾ فرمانبرداريءَ وارو رخ به شامل ٿي ويندو آهي. روزو انهيءَ ئي فرمانبرداريءَ جو علامتي اظهار آهي. انهيءَ ۾ ٻانهو پنهنجي پالڻهار جي حڪم تي ۽ سندس راضپي ۽ خوشنوديءَ جي طلب ۾ ڪجهه جائز شين کي به پنهنجي لاءِ حرام ڪري فرمانبرداريءَ جو پيڪر بڻجي ويندو آهي ۽ ايئن عملي طرح سان انهيءَ ڳالهه جو اعلان ڪندو آهي ته الله تعاليٰ ۽ سندس حڪم کان وڌيڪ سندس لاءِ ٻي ڪابه شيءِ نه آهي. هو جيڪڏهن فطري قانون جي لحاظ کان ڪنهن جائز شيءِ کان به ڪيس منع ڪري ٿو ته ٻانهي هجڻ جي حيثيت ۾ ان لاءِ اها ئي ڳالهه سونهين ٿي ته هو بنا ڪجهه ڪڇڻ پڇڻ جي سندس حڪم اڳيان پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

الله تعاليٰ جي عظمت ۽ جلال ۽ سندس بزرگي ۽ وڏائيءَ جي احساس ۽ مڃتا جي هيءَ حالت، جيڪڏهن غور ڪري ڏسجي ته سندس شڪرگذاريءَ جو حقيقي اظهار آهي. انهيءَ ڪري قرآن مجيد انهيءَ ئي بنياد تي روزي کي الله تعاليٰ جي وڏائي تسليم ڪرڻ ۽ سندس شڪرگذاري سڏيو آهي ۽ فرمايو آهي ته انهيءَ مقصد جي لاءِ رمضان جو مهينو خاص ڪيو ويو آهي ته قرآن جي شڪل ۾ الله تعاليٰ جيڪا توهان کي هدايت هن مهيني ۾ عطا ڪئي آهي، جنهن ۾ عقل جي رهنمائي ۽ حق ۽ باطل ۾ فرق ۽ سڃاڻ جي لاءِ چٽا ۽ پختا دليل آهن. انهيءَ تي الله تعاليٰ جي وڏائي بيان ڪريو ۽ سندس شڪرگذار بڻجو.

انهيءَ جي ڪمال جي آخري حد هيءَ آهي ته ماڻهو روزي جي حالت ۾ پنهنجي مٿان ڪجهه وڌيڪ پابنديون مقرر ڪندي، پين کان پاسيرو ٿي، ڪجهه ڏينهن لاءِ مسجد ۾ ويهي رهي ۽ وڌ کان وڌ الله تعاليٰ جي عبادت ڪري. اصطلاح ۾ انهيءَ عمل کي اعتڪاف سڏيو ويندو آهي. اهو جيتوڻيڪ رمضان جي روزن وانگر لازم ته نه ڪيو ويو آهي، پر نفس جي پاڪائيءَ جي لحاظ کان انهيءَ جي وڏي اهميت آهي. روزي، نماز ۽ قرآن پاڪ جي تلاوت جي ميلاپ سان جيڪا خاص ڪيفيت پيدا ٿيندي آهي ۽ نفس تي الله تعاليٰ جي لاءِ اڪيلائپ ۽ نويڪلائيءَ واري جيڪا حالت ڇانئجي ويندي آهي، انهيءَ سان روزي جو گهربل مقصد پنهنجي ڪماليت سان حاصل ٿيندو آهي.

## 1. روزي جي تاريخ:

نماز وانگر روزي جي تاريخ به تمام ئي آڳاٽي آهي. قرآن ٻڌايو



www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org
"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آهي تہ روزو مسلمانن تي ايئن ئي فرض ڪيو ويو آهي جيئن اهو اڳين قومن تي فرض ڪيو ويو هو. انهيءَ ڪري اها هڪ حقيقت آهي تہ نفس جي تربيت جي لاءِ هڪ اهم عبادت طور، روزي جو تصور سمورن مذهبن ۾ موجود رهيو آهي.

## 2. روزي جو مقصد:

انهيءَ جو مقصد قرآن ڪريم هي ٻڌايو آهي تہ ماڻهو الله لاءِ پرهيزگاري اختيار ڪن. قرآن پاڪ ۾ انهيءَ جي لاءِ لفظ "تقويٰ" آيو آهي، جنهن جي معنيٰ هيءَ آهي تہ انسان پنهنجي رات ڏينهن جي ڪمن ڪارين ۾ الله تعاليٰ جي مقرر ڪيل حدن اندر رهندي زندگي گذاري ۽ پنهنجي دل جي اونهائين ۾ ان ڳالهہ کان ڊڄندو رهي تہ جيڪڏهن هن ڪڏهن بہ انهن حدن کي ٽوڙيو تہ انهن جي سزا کان الله تعاليٰ کانسواءِ ٻيو ڪوبہ ڪيس بچائڻ وارو نہ آهي.

## 3. روزي جو قانون:

انهيءَ جو قانون هن طرح آهي:

روزي جي نيت سان ۽ رڳو الله تعاليٰ جي رضامندي لاءِ کائڻ، پيئڻ ۽ زالن سان جنسي لاڳاپن کان پاسو ڪرڻ روزو آهي.

اها پابندي فجر (صبح صادق) کان وٺي رات جي شروع ٿيڻ تائين آهي. تنهن ڪري روزي وارين راتين ۾ کائڻ پيئڻ ۽ گهروارين وٽ وڃڻ بلڪل جائز آهي.

روزن جي لاءِ رمضان جو مهينو خاص طرح سان مقرر ڪيو ويو آهي. انهيءَ ڪري جيڪو ماڻهو هن مهيني ۾ موجود هجي، ان تي فرض آهي تہ هو سموري مهيني جا روزا رکي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

بيماري يا سفر جي ڪري يا ڪنهن مجبوري جي ڪري ماڻهو جيڪڏهن رمضان جا روزا پورا نہ رکي سگهي تہ ان لاءِ لازم آهي تہ ٻين ڏينهن ۾ روزا پورا ڪري انهيءَ جي تلافي ڪري ۽ اهو ڳاڻيٽو پورو ڪري.

حيض ۽ نفسا جي حالت ۾ روزو رکڻ منع آهي. تنهن هوندي بہ انهيءَ طرح سان ڇڏيل روزا بہ اڳتي هلي پورا ڪيا ويندا.

روزي ۾ ڪمال جي حد اعتڪاف آهي. الله تعاليٰ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کي انهيءَ جي توفيق ڏئي تہ ڪيس گهرجي تہ روزن جي مهيني ۾ جيترن ڏينهن لاءِ بہ ٿي سگهي، دنيا کان پاسيرو ٿي، الله تعاليٰ جي ٻانهپ لاءِ مسجد جي ڪنهن ڪنڊ ۾ نويڪلو ويهي، الله تعاليٰ جي عبادت ڪري ۽ بنا ڪنهن اٽڪر انساني ضرورت جي، مسجد کان ٻاهر نہ نڪري.

ماڻهو اعتڪاف جي لاءِ وينو هجي تہ روزي جي راتين ۾ کائڻ پيئڻ تي تہ ڪا پابندي نہ آهي، پر زالن سان جنسي لاڳاپو قائم ڪرڻ انهيءَ ڪري جائز نہ آهي جو اعتڪاف جي حالت ۾ الله تعاليٰ انهيءَ کان روڪيو آهي.

## حج ۽ عمرو

اهي ٻئي عبادتون دين ابراهيمي ۾ عبادت ۾ ڪمال جي آخري حد آهن. انهن جي تاريخ انهيءَ اعلان سان شروع ٿئي ٿي جيڪو حضرت ابراهيم عليه السلام مسجد حرام جي اڏاوت کان پوءِ ڪيو هو تہ ماڻهو الله تعاليٰ جي لاءِ نذرانو پورو ڪرڻ لاءِ اچن ۽ اڪيلي الله تي ايمان جو واعدو جيڪو انهن ڪيو آهي، تنهن کي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

هتي اچي ڪري تازو ڪن.

پنهنجي معبود جي لاءِ پوڄا واري جذبي جو اهو آخري ڏاڪو آهي جو انهيءَ جي گهُر ڪرڻ تي ٻانهو پنهنجو سر ساهه مڏي ملڪيت، سڀ ڪجهه سندس اڳيان نذر ڪرڻ لاءِ حاضر ٿي وڃي. حج ۽ عمرو انهيءَ ئي نذر جو هڪ مثال آهي. اهي ٻئي هڪ ئي حقيقت سان مشابهت رکن ٿا. فرق رڳو هي آهي ته عمرو مختصر آهي ۽ حج انهيءَ لحاظ کان انهيءَ جي وضاحت ڪري ڇڏي ٿو. اِنهيءَ سان اهو مقصد بہ بلڪل چٽو ٿي وڃي ٿو جنهن جي لاءِ جان ۽ مال نذر ڪري ڇڏڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

الله تعاليٰ ٻڌايو آهي ته آدم جي پيدائش سان سندس منصوبو جيڪو دنيا ۾ جوڙيو ويو آهي، ان جي خلاف ابليس پهرين ئي ڏينهن کان جنگ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. تنهن ڪري الله تعاليٰ جي ٻانها هاڻي قيامت جي ڏينهن تائين پنهنجي هن دائمي دشمن ۽ سندس اولاد جي خلاف جنگ ۾ جنبيل آهن. اها ئي هن دنيا جي آزمائش آهي جنهن ۾ ڪاميابي يا ناڪاميءَ تي ئي انسان جي دائمي مستقبل جو دارومدار آهي. پنهنجو سر ساهه توڙي مال ملڪيت اسان انهيءَ ئي جنگ جي لاءِ الله تعاليٰ جي نذر ڪندا آهيون. ابليس يا شيطان جي خلاف انهيءَ جنگ کي حج سان پيٽيو ويو آهي. اها پيٽا هن طرح آهي:

الله تعاليٰ جا ٻانها پنهنجي پالڻهار جي سڏ تي، دنيا جي مال دولت ۽ ان جي فرحتن ۽ مشغولين تان هٿ کڻي ٿا وڃن.

وري ”لَبَّيْكَ لَبَّيْكَ“ چوندي جنگ جي ميدان ۾ پهچي بلڪل مجاهدن جي طريقي تي هڪ ماٿري ۾ خيما کوڙين ٿا.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اڳئين ڏينهن هڪ کليل ميدان ۾ پهچي پنهنجي گناهن جي معافي گهرن ٿا، انهيءَ جنگ ۾ ڪاميابيءَ لاءِ دعائون گهرن ۽ ٻاڌائن ٿا ۽ پنهنجي امام جو خطبو ٻڌن ٿا.

جنگ واري پيٽا جي گهرجن موجب نمازون مختصر (قصر) ۽ گڏائي پڙهن ٿا ۽ رستي ۾ ٿوري دير ترسندي ٻيهر پنهنجي خيمن ۾ پهچي وڃن ٿا.

وري شيطان تي پٿر وسائيندي، پنهنجي جانورن جي قرباني پيش ڪري، پنهنجو پاڻ ڪي الله تعاليٰ جي نذر ڪن ٿا. پنهنجا مٿا ڪوڙائن ۽ نذر جي ڦيرن لاءِ اصل عبادتگاهه ۽ قربان گاهه ۾ حاضر ٿي وڃن ٿا.

وري اتان کان واپس ٿين ۽ اڳيان ٻه يا ٽي ڏينهن ايئن ئي شيطان تي پٿر وسائيندا رهن ٿا.

انهيءَ لحاظ کان ڏسو ته حج ۽ عمري جي حالت ۾ احرام ان ڳالهه جو اهڃاڻ آهي ته مومن ٻانهو دنيا جي راحتن، مشغولين ۽ رونقن تان هٿ کڻي ورتو آهي ۽ ٻن اڻ سبيل چادرن سان پنهنجو جسم ڍڪي، مٿي اگهاڙي ۽ ڪنهن حد تائين پيرين اگهاڙي بلڪل راهبن واري شڪل ناهي، پنهنجي پالڻهار جي اڳيان حاضر ٿيڻ لاءِ پنهنجي گهران نڪري پيو آهي.

تلبيو انهيءَ سڏ جو جواب آهي جيڪو سيدنا ابراهيم عليه السلام بيت الله کي ٻيهر اڏڻ کان پوءِ الله تعاليٰ جي حڪم سان هڪ پٿر تي بيهي ڏنو هو. هاڻي اهو سڏ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچي چڪو آهي ۽ الله تعاليٰ جا ٻانها سندس نعمتن جو اعتراف ۽ سندس هيڪڙائيءَ جو اقرار ڪندي، انهيءَ سڏ جي جواب ۾



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

”لَبَّيْكَ اَللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ“ جو هي وڻندڙ ترانو پڙهندا آهن.

طواف نذر جا ڦيرا آهن. دين ابراهيمي ۾ هيءَ روايت گهڻو آڳاٽو هلندي پئي اچي ته جنهن جي قرباني ڪئي ويجي، يا جنهن کي عبادتگاهه جي خدمت جي نذر ڪيو ويجي ته انهيءَ کي عبادت يا قربان گاهه جي سامهون ڦيرا ڏياريا وڃن.

حجر اسود جو استلام واعدي کي ورجائڻ جو اهڃاڻ آهي. انهيءَ ۾ ٻانهو پٿر کي تمثيل طور پنهنجي پالڻهار جو هٿ سڏيندي ان جي هٿ ۾ پنهنجو هٿ ڏئي ٿو ۽ واعدي ۽ قول قرار جي آڳاٽي روايت موجب، انهيءَ کي چميندي پنهنجي عهد يا واعدي کي ورجائي ٿو ته، اسلام قبول ڪري هو بهشت جي بدلي پنهنجو سر ساهه مال مڏي، سڀ ڪجهه الله تعاليٰ جي حوالي ڪري چڪو آهي.

سعي وري اسماعيلؑ جو قربان گاهه ڏانهن طواف آهي. سيدنا ابراهيمؑ صفا جبل تي بيهي انهيءَ قربان گاهه کي ڏٺو هو ۽ پوءِ حڪم کي پورو ڪرڻ لاءِ ٿورو تڪڙو هلندي مَروه (جبل) ڏانهن ويو هو. انهيءَ ڪري صفا ۽ مَروه جو هي طواف به نذر جا ڦيرا آهن، جيڪي پهرين عبادتگاهه جي سامهون ۽ ان کان پوءِ قربانيءَ واري جاءِ تي لڳايا ويندا آهن.

عرفات عبادتگاهه جو قائم مقام آهي، جتي شيطان جي خلاف انهيءَ جنگ جا جوڌا جوان مجاهد گڏ ٿيندا آهن، پنهنجي گناهن جي معافي گهرندا آهن ۽ انهيءَ جنگ ۾ ڪاميابيءَ جي لاءِ دعائون گهرندا ۽ ٻاڏائيندا آهن.

مزدلفه وري رستي ۾ ترسڻ جي جاءِ آهي، جتي هو رات



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

گذاريندا ۽ صبح جو اٿي ميدان ۾ لهڻ کان اڳ هڪ دفعو ٻيهر دعائون گهرندا آهن.

رمي ابليس يا شيطان مٿان ڦٽڪار ۽ ان جي خلاف جنگ جو اهڃاڻ آهي. اهو عمل انهيءَ پختي ارادي سان ڪيو ويندو آهي ته مومن ٻانهو ابليس جي ناڪاميءَ کان گهٽ ٻي ڪنهن به شيءِ تي راضي نه ٿيندو. سيني کي خبر آهي ته انسان جو هيءُ دائمي دشمن جڏهن انسان جي اندر وسوسا وجهندو آهي ته ان کان پوءِ چپ ڪري ويهي نه رهندو آهي، پر اهو سلسلو جاري رهندو آهي. جيڪڏهن ان کي روڪيو وڃي ته ان جو حملو آهستي آهستي هيٺو پئجي ويندو آهي. ٽن ڏينهن جي رمي ۾ ان جي لاءِ ٻهريان وڏي ۽ ان کان پوءِ ننڍين ڄمرن جي رمي سان، انهيءَ ڳالهه کي ظاهر ڪيو ويو آهي.

قرباني جان جو فديو آهي ۽ مٿي جا وار ڪوڙڻ ان ڳالهه جو اهڃاڻ آهي ته نذر پيش ڪيو ويو ۽ هاڻي ٻانهو پنهنجي پالڻهار جي فرمانبرداري ۽ دائمي غلاميءَ جي انهيءَ اهڃاڻ سان پنهنجي گهر موٽي سگهي ٿو.

انهيءَ مان اندازو ڪري سگهجي ٿو ته اها ڪيترو نه غير معمولي عبادت آهي جيڪا هر پهچ رکندڙ مسلمان تي زندگيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو فرض ڪئي وئي آهي.

## 1. حج ۽ عمري جو مقصد:

حج ۽ عمري جو مقصد اهو ئي آهي جيڪا انهن جي حقيقت آهي. يعني الله تعاليٰ جي نعمتن جي ميڃتا، سندس هيڪڙائيءَ جو اقرار ۽ ان ڳالهه جي يادگيري ته اسلام قبوليندي



www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org

"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اسان پنهنجو پاڻ کي، پنهنجي پالڻهار جي نذر ڪري چڪا آهيون. اهي ئي اُهي شيون آهن، جن جي سجاڻ دل دماغ ۾ ويهارڻ کي، قرآن حج وارن هنڌن تي وڃڻ جي فائدن مان ٻڌايو آهي. اهو مقصد ذڪر جي انهن لفظن سان تمام ئي سهڻي نموني چٽو ٿئي ٿو جيڪي هن عبادت لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن. اها ڳالهه چٽيءَ طرح سمجهه ۾ اچي ٿي تہ اهي لفظ انهيءَ مقصد کي چٽو رکڻ ۽ ذهنن ۾ چڱيءَ طرح سان کُپائڻ لاءِ چونڊيا ويا آهن. انهيءَ ڪري احرام ٻڌي وٺڻ کان پوءِ هي لفظ هر ماڻهو جي زبان تي لڳاتار جاري رهندا آهن:

لَبَّيْكَ، اللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ؛ لَبَّيْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ، لَبَّيْكَ؛ اِنَّ الْحَمْدَ وَ النِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ؛ لَا شَرِيْكَ لَكَ

”مان حاضر آهيان، اي الله، مان حاضر آهيان؛ حاضر آهيان، تنهنجو ڪوبہ ڀائيوار ڪونهي؛ مان حاضر آهيان، سڀ ساراهہ تنهنجي لاءِ ئي آهي، سڀئي نعمتون تنهنجون (ئي ڏنل) آهن ۽ بادشاهي بہ تنهنجي لاءِ ئي آهي؛ تنهنجو ڪوبہ ڀائيوار نہ آهي“.

## 2. حج ۽ عمري جا ڏينهن:

عمري جي لاءِ ڪوبہ وقت مقرر نہ آهي. سموري سال ۾ ماڻهو جڏهن بہ گهرن ڪري سگهن ٿا. باقي حج جي لاءِ ٨ ذي الحج کان ١٣ ذي الحج تائين جا ڏينهن مقرر ٿيل آهن ۽ اهو انهن ئي ڏينهن ۾ ٿي سگهي ٿو.

## 3. حج ۽ عمري جو طريقو:



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

حج ۽ عمري جي لاءِ جيڪو طريقو مقرر ڪيو ويو آهي سو هن طرح آهي:

**عمرو:**

هن عبادت جي نيت سان انهيءَ جو احرام ٻڌو وڃي.

ٻاهران اچڻ وارا هي احرام پنهنجي ميقات کان ٻڌندا، مقيم يلي مڪي جو دائمي رهندڙ هجي يا عارضي طور مڪي ۾ ترسيل هجي، هو حرم جي حدن کان ٻاهر ڪنهن جاءِ تان احرام ٻڌندو. جيڪي ماڻهو انهن حدن کان ٻاهر، پر ميقات جي اندر رهندا هجن، تن جي ميقات اها ئي جاءِ آهي، جتي اهي رهندڙ آهن. اهي ماڻهو اتان ئي احرام ٻڌندا ۽ تلبيو پڙهڻ شروع ڪندا.

بيت الله ۾ پهچڻ تائين تلبيي جو ورد جاري رکيو ويندو.

اتي پهچي بيت الله جو طواف ڪيو ويندو.

وري صفا ۽ مروه جي سعي ڪئي ويندي.

هدي جو جانور جيڪڏهن گڏ هجي ته ان جي قرباني ڪئي ويندي.

قربانيءَ کان پوءِ مرد مٿي جا وار ڪوڙائي يا ننڍا ڪرائي ۽ عورتون پنهنجي چوٽيءَ جي ٿورڙي چڳ ڪٽي احرام کوليندا.

هي احرام هڪ اصطلاح آهي. ان جي معنيٰ هيءَ آهي ته هاڻي هو شهوت جي ڪابه ڳالهه نه ڪندا. هار سينگار جي ڪابه شيءِ مثال طور عطر، وغيره استعمال نه ڪندا، ننهن نه لاهيندا، نه جسم جي ڪنهن ڀاڱي جا وار ڪوڙيندا، نه جسم تان مر مٿي لاهيندا، ايتري تائين جو پنهنجي بت جي وارن ۾ موجود جوئن کي به نه ماريندا. شڪار نه ڪندا. سِبيَل ڪپڙا نه پهريندا،



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

پنهنجو منهن، مٿو ۽ پيرن جو مٿيون پاڱو کُليل رکندا ۽ هڪ چادر گوڏ جي طور تي ٻڌندا ۽ هڪ مٿان ڍڪيندا.

عورتون سو سبيل ڪپڙا پهرينديون ۽ مٿو ۽ پير ٻه ڍڪي سگهنديون. انهن جي لاءِ رڳو منهن ۽ هٿ کليل رکڻ ضروري آهن.

ميقات انهن هنڌن کي چيو ويندو آهي، جيڪي حج ۽ عمري جي نيت سان اچڻ وارن جي لاءِ حرم پاڪ جي حدن کان ڪجهه مفاصلي تي مقرر ڪيا ويا آهن. انهن کان اڳتي اهي احرام ٻڌڻ کانسواءِ نٿا وڃي سگهن. اهي پنج جايون آهن: مديني کان اچڻ وارن جي لاءِ ذوالحليفه، يمن کان اچڻ وارن لاءِ يلملم، مصر ۽ شام کان اچڻ وارن جي لاءِ حجفه، نجد کان اچڻ وارن جي لاءِ قرن ۽ اوڀر پاسي کان اچڻ وارن لاءِ ذات عرق.

تلبيي جو مطلب، "لَبَّيْكَ، اللّٰهُمَّ لَبَّيْكَ؛ لَبَّيْكَ لَا شَرِيْكَ لَكَ، لَبَّيْكَ؛ اِنَّ الْحَمْدَ وَ النِّعْمَةَ لَكَ وَالْمُلْكَ؛ لَا شَرِيْكَ لَكَ" جو ورد آهي جيڪو احرام ٻڌڻ سان ئي شروع ٿي ويندو آهي ۽ بيت الله ۾ پهچڻ تائين لڳاتار جاري رهندو آهي. حج ۽ عمري جي لاءِ هيءُ ئي هڪڙو ذڪر آهي جيڪو الله تعاليٰ مقرر فرمايو آهي.

طواف جو لفظ انهن ستن ڦيرن لاءِ ڳالهايو ويندو آهي جيڪي هر قسم جي پليتائي کان پاڪ ٿي ڪري بيت الله جي چوگرد لڳايا ويندا آهن. انهن مان هر ڦيرو حجر اسود[5] کان شروع ٿي، ان تي ئي ختم ٿيندو آهي. هر ڦيري جي شروعات ۾ حجر اسود

[5] هي بيت الله جي پراڻي اڏاوت جو پٿر آهي جنهن کي واعدي جي ورجاءَ جي اهڃاڻ طور، ان جي هڪ ڪنڊ ۾ لڳايو ويو آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جو استلام ڪيو ويندو آهي. اهو حجر اسود کي چمڻ يا هٿ سان ان کي ڇهي پنهنجو هٿ چمڻ جي لاءِ هڪ اصطلاح آهي. ماڻهن جي هجوم جي صورت ۾ هٿ سان يا هٿ ۾ جهليل لڪڻ وغيره سان يا ان طرح جي ٻي ڪنهن شيءِ سان اشارو ڪرڻ بہ انهيءَ لاءِ ڪافي سمجهيو ويندو آهي.

سعي جو مطلب صفا ۽ مروه جو طواف آهي. ان جا بہ ست ڦيرا آهن جيڪي صفا کان شروع ٿيندا. صفا کان مروه تائين هڪ ۽ مروه کان صفا تائين بہ ڦيرا ڳڻيا ويندا آهن. انهن مان آخري ڦيرو مروه تي ختم ٿيندو آهي.

قربانيءَ وانگر صفا ۽ مروه جي سعي بہ نفل جي طور ڪئي ويندي آهي. اها عمري جو ڪو لازمي عمل نہ آهي. عمرو ان کانسواءِ بہ مڪمل ٿي سگهي ٿو.

هدي جو لفظ انهيءَ جانور لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪو حرم جي قربانيءَ لاءِ خاص ڪيو ويو هجي. ٻين جانورن کان انهيءَ کي ممتاز رکڻ لاءِ انهن جي جسم تي نشان لڳايا ويندا آهن.

**حج:**

عمري وانگر حج جي لاءِ بہ پهريون ڪم اهو ئي آهي تہ ان جي نيت سان انهيءَ لاءِ احرام ٻڌو وڃي.

ٻاهران اچڻ وارا اهو احرام پنهنجي ميقات کان ٻڌندا، اتان جا رهندڙ پوءِ ڀلي اهي مڪي جا مستقل رهائشي هجن يا عارضي طور تي مڪي ۾ ترسيل هجن يا حرم جي حدن کان ٻاهر، پر ميقات جي اندر رهندا هجن، تن جي ميقات اها ئي جاءِ آهي، جتي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اهي ٽڪيل آهن. اهي اتان ئي احرام ٻڌندا ۽ تلبيو پڙهڻ شروع ڪندا.

8 ذي الحج تي مني جي لاءِ روانو ٿيندا ۽ اتي ٽڪندا.

9 ذي الحج جي صبح تي عرفات جي لاءِ روانو ٿيندا.

اتي پهچي امام ظهر جي نماز کان اڳ حج جو خطبو ڏيندو، وري ظهر ۽ عصر جي نماز گڏائي ۽ گهٽائي (قصر ڪري) پڙهي ويندي.

نماز کان واندو ٿي، جيتري دير ممڪن ٿي سگهي، الله تعاليٰ جي اڳيان ان جي پاڪائي ۽ ساراهہ بيان ڪجي، ان جي وڏائي هيڪڙائي بيان ڪندي ڪائنس ٻاڏائي دعا ڪئي وڃي.

وري منا جي لاءِ روانو ٿجي ۽ اتان جمره عقبہ وٽ پهچي تلبيو پڙهڻ بند ڪجي ۽ انهيءَ جمري کي ست پٿريون هنيون وڃن.

هدي جا جانور ساڻ هجن يا نذر ۽ ڪفاري جي ڪا قرباني واجب ٿي چڪي هجي تہ قرباني ڪئي وڃي.

ان کان پوءِ مرد مٿو ڪوڙائي يا وار ڪترائي ۽ عورتون پنهنجي چوٽيءَ جي ٿورڙي چڳ ڪتي احرام وارو لباس لاهي ڇڏيندا.

پوءِ بيت الله پهچي ان جو طواف ڪيو ويندو.

احرام جون سموريون پابنديون هاڻي ختم ٿي وينديون، ان کان پوءِ جيڪڏهن شوق هجي تہ نفل عبادت جي طور صفا ۽ مروه جي سعي بہ ڪئي وڃي.

پوءِ مني واپس پهچي بہ يا ٽي ڏينهن ترسبو ۽ روزانو پهرين جمرة الاوليٰ، پوءِ جمرة الوسطيٰ ۽ ان کان پوءِ جمرة الاخريٰ کي ست ست



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

پٽريون هنيون وينديون.

سيدنا ابراهيم ؑ جي زماني کان وٺي حج ۽ عمري جا اهي ئي ارڪان آهن. قرآن انهن ۾ ڪابه تبديلي نہ ڪئي آهي. رڳو ايترو ڪيو آهي جو انهن سان لاڳاپيل ڪجھہ فقهي حڪمن جي وضاحت فرمائي آهي.

اهي حڪم هيٺ بيان ڪجن ٿا:

پهريون حڪم هي آهي تہ حج ۽ عمري سان لاڳاپيل جيڪي حرمتون الله تعاليٰ قائم ڪيون آهن، تن جو احترام ايمان جي گهرج آهي، ان ڪري انهن جو احترام هر حالت ۾ هئڻ گهرجي. تنهن هوندي بہ ٻيو ڪو ماڻهو انهن کي لحاظ ۾ رکڻ کان انڪار ڪري ٿو تہ ان جي بدلي ۾ مسلمانن کي بہ حق آهي تہ اهي بہ برابري وارو قدم کڻن. اهو ان ڪري آهي تہ جيئن ان قسمن جون حرمتون هڪٻئي جي احترام سان قائم رهي سگهن، انهن کي ڪوبہ ماڻهو اڪيلو ئي اڪيلو پنهنجي طور تي قائم نٿو رکي سگهي.

ٻيو حڪم هي آهي تہ انهيءَ اجازت جي باوجود مسلمان پنهنجي طرفان ڪوبہ اڳواٽ قدم نٿا کڻي سگهن. اهي الله تعاليٰ جون حرمتون آهن ۽ انهن کي ٽوڙڻ ۾ اڳرائي هڪ تمام ئي بڇڙو ڏوهہ آهي. اهو ڏوهہ ڪنهن بہ طرح سان ٿيڻ نہ گهرجي.

ٽيون حڪم هي آهي تہ احرام جي حالت ۾ شڪار جي جهل رڳو خشڪي تي رهندڙ جانورن جي لاءِ آهي. دريائي جانور جو شڪار ڪرڻ يا ٻين جو ڪيل شڪار کائڻ، ٻئي جائز آهن. تنهن هوندي بہ ان جو اهو مطلب نہ آهي تہ ماڻهو انهيءَ رعايت کان اڳتي


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

وڏڻ جي ڪوشش ڪن. خشڪي جو شڪار هر حال ۾ روڪيل آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو ڄاڻي واڻي اهو گناهه جو ڪم ڪندو ته ان کي ڪفارو ادا ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ جون ٽي شڪليون آهن:

جهڙي قسم جو جانور شڪار ڪيو ويو آهي، انهيءَ ئي جنس جو ڪو جانور گهريلو چوپاين مان قربانيءَ لاءِ بيت الله موڪليو وڃي.

جيڪڏهن ايئن ڪرڻ ممڪن نه هجي ته ان جانور جي قيمت جي نسبت سان مسڪينن کي کاڌو کارايو وڃي.

ايئن ڪرڻ به ڏکيو هجي ته ايترا روزا رکي جيترن مسڪينن کي کاڌو کارائڻ ان ماڻهوءَ تي لازم بڻجي ٿو.

رهي اها ڳالهه ته جانورن جو بدل ڇا آهي يا جيڪڏهن جانور جي قربانيءَ ۾ ڪا لاچاري هجي ته ان جي قيمت ڇا ٿيندي يا ان جي بدلي ۾ ڪيترن مسڪينن کي کاڌو کارايو وڃي، يا ڪيترا روزا رکيا وڃن؟ ته ان ڳالهه جو فيصلو مسلمانن مان ٻه معتبر ماڻهو ڪندا ته جيئن ڏوهه ڪرڻ وارن جي لاءِ پنهنجي نفساني طرفداري جو ڪوبه امڪان باقي نه رهي.

چوٿون حڪم هي آهي ته حج ۽ عمري جي لاءِ سفر ڪرڻ وارا جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي ڦاسي پون ۽ انهن جي لاءِ اڳتي وڃڻ ناممڪن بڻجي وڃي ته اٺ، ڳئون، ٻڪري مان جيڪو به جانور ملي سگهي، سو قربانيءَ لاءِ موڪليو وڃي يا وري جيڪڏهن موڪلڻ به ناممڪن هجي ته پوءِ اُتي ئي ان جي قرباني ڪئي وڃي ۽ مٿو ڪوڙائي احرام کوليو وڃي. انهن جو حج ۽ عمرو اهو


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ئي آهي. انهيءَ باري ۾ اها ڳالهہ سمجهڻ گهرجي تہ قرباني ان قسم جي ڪنهن جاءِ تي ڪئي وڃي يا مڪي ۽ منيٰ ۾، ان کان اڳ مٿو ڪوڙائڻ جائز نہ آهي، سواءِ ان جي جو ڪو ماڻهو بيمار هجي يا ان جي مٿي ۾ ڪا تڪليف هجي ۽ هو قربانيءَ کان اڳ ئي مٿو ڪوڙائڻ تي لاچار هجي. قرآن ان ڳالهہ جي اجازت ڏني آهي تہ ان قسم جي جيڪڏهن ڪا مجبوري اچي وڃي تہ ماڻهو مٿو ڪوڙائن، پر روزن يا صدقي يا قربانيءَ جي صورت ۾ انهيءَ جو فديو ڏين ۽ انهن جو ڳاٽيٽو ۽ مقدار پنهنجي حيثيت آڌار جيڪو مناسب سمجهن طئي ڪن.

پنجون حڪم هي آهي تہ ٻاهر کان ايندڙ جيڪڏهن هڪ ئي سفر ۾ حج ۽ عمرو ٻئي گڏائي ڪرڻ گهرن تہ ڪري سگهن ٿا. انهيءَ جو طريقو هي آهي تہ اهي پهريان عمرو ڪري احرام کولي ڇڏن، ان کان پوءِ ٨ ذي الحج تي مڪي ۾ ئي ٻيهر احرام ٻڌي حج ڪن. اها رڳو هڪ اجازت آهي، جيڪا الله تعاليٰ ٻہ دفعا سفر جي تڪليف کي سامهون رکندي، ٻاهران ايندڙ حج جي پانڌيئڙن کي عطا فرمائي آهي. تنهن ڪري اهي انهيءَ جو فديو ڏيندا. ان جون ٻہ شڪليون آهن:

اٺ، ڳئون، ٻڪري ۾ جيڪو بہ جانور ملي سگهي، تنهن جي قرباني ڪئي وڃي. اهو ممڪن نہ هجي تہ ڏهہ روزا رکيا وڃن: ٽي حج جي ڏينهن ۾ ۽ ست حج کان موٽي اچڻ تي.

انهيءَ مان چٽائي ٿي وڃي ٿي تہ الله تعاليٰ وٽ پلي ڳالهہ اها ئي آهي تہ حج جي لاءِ جدا ۽ عمري جي لاءِ جدا سفر ڪيو وڃي. انهيءَ ڪري قرآن پاڪ ۾ چٽائي ڪئي وئي آهي تہ اها رعايت


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

انهن ماڻهن جي لاءِ نہ آهي، جن جا گھر مسجد حرام وٽ هجن.

چھون حڪم هي آهي تہ منيٰ کان 12 ذي الحج تي بہ واپس اچي سگھجي ٿو ۽ گھرو تہ 13 ذي الحج تائين بہ ترسي سگھجي ٿو. الله تعاليٰ ٻڌايو آهي تہ ٻنهي صورتن ۾ ڪوبہ گناھ نہ آهي. انهيءَ ڪري اصل اهميت ان ڳالھہ جي نہ آهي تہ ماڻهو ڪيترا ڏينهن ترسي، پر ان ڳالھہ جي آهي تہ جيترا ڏينهن بہ ترسي، الله تعاليٰ جي ياد ۾ ۽ ان کان ڊڄندي ترسي.

## قرباني

دنيا جي سمورن مذهبن ۾ قرباني الله تعاليٰ جي ويجھڙائيءَ جو هڪ تمام ئي وڏو وسيلو رهي آهي. انهيءَ جي حقيقت اها ئي آهي، جيڪا زڪواة جي آهي، پر اها اصل مال جي نہ، پر جان جو نذر آهي جيڪو انهيءَ جانور جي بدلي ۾ ڏنو ويجي ٿو جنهن کي اسان انهيءَ جو قائم مقام بڻائي قربان ڪريون ٿا.

نمازن کان پوءِ تڪبير جو اهو حڪم مطلق آهي. انهيءَ جا ڪي خاص لفظ شريعت ۾ مقرر نہ ڪيا ويا آهن.

قربانيءَ جو گوشت ماڻهو پاڻ بہ بنا ڪنهن ٻڌتر جي کائي سگھن ٿا ۽ ٻين کي بہ کارائي سگھن ٿا.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

2

# معاشرتي قانون

انسان جي خالق، انسان هڪ معاشرت پسند حيوان جي فطرت عطا فرمائي آهي. ان جو سبب هي آهي ته سندس پيدائش ايئن نه ٿي ٿئي جو سندس خلقڻهار کيس آسمان تي ڪٿي بڻائي، بلڪل قوهه جوانيءَ جي حالت ۾ سڌو سنئون زمين تي نازل ڪري ڇڏي ۽ پوءِ جواني ۽ پوڙهپ جي مرحلن مان گذارڻ کانسواءِ ئي کيس واپس وٺي وڃي. ان جي برخلاف، سندس معاملو هن طرح آهي ته هو طبق در طبق اونداهين ۾ هڪ تمام ئي ڪمزور ٻار جي حيثيت سان وجود ۾ ايندو آهي. ماءُ جي جهوليءَ ۾ اکيون کوليندو آهي. هونگڙيون هڻندو، ڪيڏندو، ٻين جي هٿان کائيندو، پيئندو ۽ پنهنجون ضرورتون پوريون ڪندو آهي. هو پهرين زمين تي ريڙهيون پائيندو، گوڏن ڀر ٻانبڙا پائيندو ۽ پوءِ وڏي ڏکيائيءَ سان پنهنجي پيرن تي بيهڻ جي لائق ٿيندو آهي. ان کان پوءِ وک وک تي کيس سهاري يا مدد جي ضرورت ٿيندي آهي. ايتري تائين جو ٻاروتڻ ۽ ٻالڪپڻ جي ڪيترن ئي مرحلن کي طئي ڪندي هو پندرهن يا سورهن سالن جي عمر کي پهچڻ کان پوءِ وڃي جوان ٿيندو آهي. سندس جوانيءَ جو اهو دور به ويهه ٽيهه سالن کان وڌيڪ ڏگهو نه هوندو آهي. ان کان پوءِ هو ڏسندو آهي ته ڪراڙپ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جا اهڃاڻ ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن ۽ ڪيترائي دفعا علم ۽ سڃاڻ جي تمام ئي اوچائين کي ڇهڻ کان پوءِ، هو هڪ دفعو ٻيهر ڪمزور ٻارن وانگر ٻئي ٻين جي سهاري زندگيءَ جا پهر پورا ڪرڻ تي لاچار ٿي ويندو آهي.

انسان جو اهو معاملو لازمي طرح سان ان ڳالهه جي گهر ڪري ٿو ته هو هڪ معاشرت پسند هستي واري زندگي گذاري. مرد ۽ عورت جي حيثيت سان اها معاشرت، سندس پيدائش جي پهرين ئي ڏينهن کان مڪمل طور تي سندس اندر ئي لڪيل هوندي آهي. انهيءَ کي ڳولڻ لاءِ کيس پنهنجي وجود کان ڪٿي ٻاهر وڃڻ جي ضرورت نه هوندي آهي. هو هن دنيا ۾ ايندو آهي ته پنهنجو ساز سامان ۽ هنڌ بسترو پاڻ سان گڏ کڻي ايندو آهي. جبلن سان گهيريل وادي هجي يا کليل بيابان، هو هر جاءِ تي پنهنجي محفل پاڻ ئي سينگاري وٺندو آهي.

انسان جي تاريخ ٻڌائي ٿي ته سندس تخليق ۾ رچيل انهيءَ ئي اسڪيم جي ڪري، سيدنا آدم عليه السلام جڏهن پهرين انسان جي حيثيت سان هن دنيا ۾ آيو ته کيس اڪيلو نه موڪليو ويو. پر سندس ساٿ جي لاءِ الله تعاليٰ سندس ئي جنس منجهان ان جو هڪ جوڙو بڻايو. وري ان مان ڪيترا ئي مرد ۽ عورتون دنيا ۾ پکيڙيا. ايتري تائين جو خاندان، قبيلا ۽ آخرڪار رياست جي سطح تي معاشرتي نظام وجود ۾ آيو جنهن ۾ انسان کي اهو سڀ ڪجهه ملي ويو جنهن جو ملڻ سندس لڪيل صلاحيتن کي ڪم آڻڻ لاءِ اڻ ٽر هو.

اهي ئي حقيقتون آهن، جن کي سامهون رکندي نبين سڳورن جي دين ۾ زال مڙس جي مستقل ساٿ جو طريقيڪار اختيار ڪيو ويو آهي. انسان کي سندس ٻاروتڻ کان وٺي ڪراڙپ تائين سامهون



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

رکيو وڃي ٿو. بلڪل چٽائي ٿي وڃي ٿي ته سندس حياتي، نفسياتي ۽ معاشرتي ضرورتن جي لحاظ کان اهو طريقو ئي عقل ۽ فطرت موجب آهي. انهيءَ سان جيڪا معاشرت وجود ۾ اچي ٿي، ان جي ڪجهه اهم معاملن ۾ انساني عقل جي رهنمائيءَ لاءِ هڪ تفصيلي قانون، نبين سڳورن عليهم السلام جي ذريعي آدم جي اولاد کي ڏنو ويو آهي. انهيءَ کي اسان هيٺ ڏنل عنوانن سان بيان ڪري سگهون ٿا:

## نڪاح

عورتن ۽ مردن جي هڪ ٻئي مان جنسي لذت حاصل ڪرڻ جو جائز طريقو رڳو نڪاح آهي. اعلانيه ايجاب ۽ قبول جي ذريعي اهو مرد ۽ عورت جي وچ ۾ مستقل ساٿ جو واعدو آهي، جيڪو ماڻهن جي سامهون ۽ ڪنهن ذميوار شخصيت جي طرف کان انهيءَ موقعي تي واعظ ۽ نصيحت کان پوءِ مڪمل بندوبست ۽ سنجيدگيءَ سان ڪيو ويندو آهي. انهيءَ معاملي ۾ عورتون به مردن وانگر پنهنجي مرضيءَ جون مالڪ آهن ۽ خدائي حدن جي اندر رهندي پنهنجو فيصلو ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي آزاد آهن. انهن جي رضامندي کانسواءِ ڪابه شيءِ انهن تي ٿاڦي نٿي سگهجي.

## محرم (منع ڪيل) رشتا

ماءُ، ڌيءَ، ڀيڻ، ڦڦي، ماسي، ڀاڻيجي ۽ ڀائيٽي سان نڪاح منع ڪيل آهي. الله تعاليٰ گهري ٿو ته ماءُ جي لاءِ پٽ، ڌيءَ جي لاءِ پيءُ، ڀيڻ جي لاءِ ڀاءُ، ڦڦيءَ لاءِ ڀائيٽي، ماسيءَ جي لاءِ ڀاڻيجي، ڀاڻيجيءَ لاءِ مامي ۽ ڀائيٽيءَ لاءِ چاچي جي نظر جنس ۽ شهوت جي هر گدلاڻ


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڪان پاڪ رهي. ڇو جو انهن رشتن ۾ انهيءَ قسم جو لاڳاپو انساني شرافت کي ڪيرائيندڙ ۽ شرم ۽ حياءَ جي انهيءَ پاڪيزه احساس جي بلڪل خلاف آهي، جيڪو انسانن ۽ جانورن ۾ سَندو ڪندڙ آهي. ساڳيو ئي حڪم رضاعي رشتن جو بہ آهي. انهيءَ ڪري هر اهو رشتو، جيڪو نسبي لاڳاپي سان حرام آهي، رضاعت (ٿڃ پيارڻ) سان بہ حرام ٿي ويندو آهي. نسب ۽ رضاعت ڪان پوءِ هڪ لاڳاپو ساهراڻو بہ آهي. انهيءَ سان جيڪي رشتا پيدا ٿيندا آهن، تن جو احترام بہ انساني فطرت جي لاءِ بلڪل چٽو آهي. انهيءَ ڪري سهري جي لاءِ نُنهن ۽ مڙس جي لاءِ زال جي ماءُ، ڌيءَ، ڀيڻ، ماسي، ڀڦي، ڀاٽيجي ۽ ڀائيٽي سان نڪاح منع ڪيل آهي. تنهن هوندي بہ اهي رشتا جيئن تہ زال ۽ مڙس جي لاڳاپي جي ڪري پيدا ٿيندا آهن ۽ انهيءَ ڪري هڪ قسم جي ڪمزوري انهن ۾ پيدا ٿي ويندي آهي، تنهن ڪري قرآن ڪريم انهن تي ٽي شرط لاڳو ڪري ٿو:

هڪ هي تہ ڌيءَ رڳو انهيءَ زال جي حرام آهي، جنهن سان ميلاپ ٿيو هجي.

ٻيو هي تہ نُنهن جي لاءِ پٽ جو حقيقي هئڻ ضروري آهي.

ٽيون هي تہ زال جي ڀيڻ، ڀڦي، ماسي، ڀاٽيجي ۽ ڀائيٽي جي حرمت رڳو ان حالت سان خاص آهي، جڏهن زال مڙس ۾ نڪاح جو لاڳاپو قائم هجي.

انهن رشتن ڪانسواءِ ويڳي ماءُ سان ۽ ان عورت سان بہ نڪاح منع ڪيو ويو آهي، جيڪا ٻئي ڪنهن جي نڪاح ۾ هجي.

## حدون ۽ شرط



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نڪاح مال، يعني ڪابين سان هئڻ گهرجي. قرآن ڪريم فرمائي ٿو تہ الله تعاليٰ جي لاڳو ڪيل هڪ فرض جي حيثيت سان، هي نڪاح جو هڪ لازمي شرط آهي. مرد ۽ عورت نڪاح جي وسيلي هڪ ٻئي سان مستقل ساٿ جو جيڪو واعدو ڪن ٿا، تنهن مان ڪاڏي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي جي ذميواري سدائين مرد ئي کڻندو رهيو آهي، هي انهيءَ جي علامت (token) آهي. انهيءَ جو ڪوبہ مقدار مقرر نہ ڪيو ويو آهي. انهيءَ کي معاشري جي رسم رواج ۽ ماڻهن جي فيصلي تي ڇڏيو ويو آهي. انهيءَ ڪري عورت جي سماجي حيثيت ۽ مرد جي معاشي حالتن کي لحاظ ۾ رکندي، جيترو بہ ڪابين گهرو مقرر ڪري سگهجي ٿو.

نڪاح جي لاءِ پاڪ دامن هئڻ بہ ضروري آهي. ڪو زاني مرد ڪنهن پاڪدامن عورت سان ۽ ڪا زاني عورت ڪنهن پاڪدامن مرد سان نڪاح نٿي ڪري سگهي، سواءِ ان جي جو معاملو عدالت ۾ نہ پهتو هجي ۽ اهي توبہ استغفار جي ذريعي سان پنهنجو پاڻ کي انهيءَ گناه کان پاڪ نہ ڪري وٺن. ساڳيو ئي معاملو شرڪ جو آهي. جهڙي ريت اها ڳالهہ برداشت نٿي ڪري سگهجي تہ زال ۽ مڙس مان ڪو ٻئي جي بستري تي سمهي، اهڙي طرح سان اها ڳالهہ بہ ڪنهن مسلمان جي لاءِ سهپ لائق نٿي ٿي سگهي تہ سندس گهر ۾ الله تعاليٰ سان گڏ ٻئي ڪنهن جي بہ پوڄا ڪئي وڃي، اڃا بہ اها ڳالهہ وٽس ٻئي ڪنهن جي سندس بستري تي سمهڻ کان وڌيڪ ڏڪار لائق ڳالهہ آهي. يهودين ۽ عيسائين جي باري ۾ سو ايتري رعايت ڏني وئي آهي تہ انهن جي پاڪ دامن عورتن سان الله تعاليٰ مسلمانن کي نڪاح جي اجازت ڏني آهي.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ان جو سبب هي آهي تہ شرڪ جھڙي پليتيءَ سان مڪمل طور گدلو هئڻ باوجود اهي بہ اصل ۾ توحيد کي مڃيندڙ آهن.

## حق ۽ ذميواريون

خاندان جو ادارو بہ هڪ ننڍڙي رياست آهي. جھڙي طرح هر رياست پنھنجي قيام ۽ بقا جي لاءِ هڪ سربراھ جي گھُر ڪندي آهي، اهڙي طرح سان هيءَ رياست بہ هڪ سربراھ جي گھُر ڪندي آهي. سربراهيءَ جو مرتبو هن رياست ۾ مرد کي بہ ڏئي سگھجي ٿو ۽ عورت کي بہ ڏئي سگھجي ٿو. قرآن ٻڌايو آهي تہ مرد جي ڪجھہ پيدائشي صلاحيتن کي سامھون رکندي، اهو مرتبو مرد کي ڏنو ويو آهي ۽ انھيءَ جي لازمي نتيجي طور عورتن کان اها گھُر ڪئي وئي آهي تہ پھريون، ڪين پنھنجي مڙسن جي حال تي هلڻ ۽ انهن جي فرمانبرداري وارو رويو اختيار ڪرڻ گھرجي، ٻيو هي تہ مڙس جي رازن ۽ سندس عزت جي حفاظت ڪرڻ گھرجي.

عورت جيڪڏهن مڙس جي انھيءَ حيثيت کي للڪاريندي گھر جي نظام کي ڏاوان ڏول ڪرڻ تي لھي اچي تہ الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ پنھنجي گھر کي بچائڻ لاءِ مرد ٽي صورتون اختيار ڪري سگھي ٿو:

پھريون هي تہ عورت کي نصيحت ڪئي وڃي. قرآن ۾ انھيءَ جي لاءِ ”وَعْظ“ جو لفظ آيو آهي، جنھن جي معنيٰ هيءَ آهي تہ انھيءَ ۾ ڪنھن حد تائين دڙڪو دهمان بہ ٿي سگھي ٿو.

ٻيو هي تہ ان سان بي رخي اختيار ڪئي وڃي تہ جيئن ڪيس اندازو ٿي وڃي تہ جيڪڏهن هن پنھنجو رويو نہ بدلايو تہ ان جي


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

نتيجا غير معمولي ٿي سگهن ٿا.

ٽيون هي ته عورت کي جسماني سزا ڏني وڃي. هيءَ سزا ايتري ئي ٿي سگهي ٿي، جيتري ڪو استاد پنهنجي تربيت هيٺ شاگرد کي يا ڪو پيءُ پنهنجي اولاد کي ڏيندو آهي.

اهي ٽئي صورتون ترتيبوار ۽ آهستي آهستي آهن. يعني پهرين کان پوءِ ٻئي ۽ ٻئي کان پوءِ ٽئين صورت ان وقت اختيار ڪرڻ گهرجي، جڏهن ماڻهو کي پڪ ٿي وڃي ته ان طرح ڪم نه ٿيندو ۽ اڳيون قدم کڻڻ ڪانسواءِ ٻي ڪا واٽ نه آهي. مڙس طرفان سزا ڏيڻ وارن اختيارن جي اها آخري حد آهي. انهيءَ سان سڌارو ٿي وڃي ته عورت جي خلاف بدلي ۽ سختيءَ واري واٽ نه ڳولڻ گهرجي.

زال جيڪڏهن پسند نه به هجي ته ان کي ڏنل ڪابين يا ٻيو ڪجهه واپس وٺڻ لاءِ ان کي ايذائڻ يا پريشان ڪرڻ جي ڪوشش، ڪنهن مومن ٻانهي لاءِ جائز نه آهي. اهڙي قسم جو رويو رڳو ان وقت ئي برداشت ڪري سگهجي ٿو جڏهن هوءَ کليل طرح سان بي حيائي ۽ بدڪاري ڪرڻ لڳي. اهڙي قسم جي ٻي ڪا ڳالهه جيڪڏهن ان کان نه ٿي آهي، هوءَ پنهنجي وفاداريءَ تي به قائم آهي ۽ پاڪدامنيءَ سان زندگي گذاري رهي آهي ته رڳو ان بنياد تي ته زال کيس نه ٿي وڻي، کيس تنگ ڪرڻ عدل ۽ انصاف جي خلاف ۽ شرافت جي بلڪل ابتڙ آهي. اخلاقي فساد بنا ڪنهن شڪ جي هڪ ڌڪار جوڳو عمل آهي، پر رڳو شڪل ۽ صورت ۾ نه وڻڻ جي ڪري يا ڪنهن طبيعي نا مناسبت جي بنياد تي کيس شريفاڻي معاشرت جي حقن کان محروم نٿو ڪري سگهجي. نه وڻڻ باوجود ساڻس اهو ئي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ورتاءُ ڪرڻ گهرجي جيڪو شريف انسانن کي سونهين، عقل ۽ فطرت موجب هجي، ٻاجهه ۽ ماڻهپي تي آڌاريل هجي ۽ ان ۾ عدل ۽ انصاف جي گهرجن جو لحاظ رکيل هجي.

## زالن جي گهٽائي

انسان جي پيدائش جنهن فطرت تي آهي، انهيءَ لحاظ کان ڪٽنب جو ادارو پنهنجي اصل گڏن سان هڪ ئي مرد ۽ عورت ۾ نڪاح جي رشتي سان قائم ٿيندو آهي. اهي معاشرتي زندگي جون ضرورتون ۽ انساني زندگيءَ جا نفسي، سياسي ۽ سماجي سڏارا آهن، جن جي بنياد تي زالن جي گهٽائيءَ جو رواج گهٽ يا وڌ، هر معاشري ۾ رهيو آهي ۽ انهيءَ ڪري الله تعاليٰ به انهيءَ عمل کان، پنهنجي ڪنهن به شريعت ۾ نه روڪيو آهي. تنهن هوندي به يتيمن جي سڏاري کي سامهون رکندي جڏهن قرآن انهيءَ رواج مان فائدو ماڻڻ تي همٿايو آهي، ته ان سان گڏوگڏ ٻه شرط به لاڳو ڪيا آهن:

هڪ هيءُ ته يتيمن جي حقن ڏيارڻ جهڙي ڀلائيءَ جي لاءِ به عورتن جو تعداد ڪنهن ماڻهوءَ جي نڪاح ۾ چئن کان وڌيڪ نه هئڻ گهرجي.

ٻيو هي ته زالن جي وچ ۾ انصاف جو شرط هڪ اهڙو ته پڪو شرط آهي، جو جيڪڏهن ڪو ماڻهو انهيءَ کي پورو نٿو ڪري سگهي ته اهڙي قسم جي ڪنهن اهم ديني ڀلائيءَ کي سامهون رکندي به هڪ کان وڌيڪ نڪاح ڪرڻ ان لاءِ جائز نه آهي.

تنهن هوندي به ان جو مطلب اهو نه آهي ته ظاهري ورتاءَ ۽ دل


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جي لاڙي ۾ ڪنهن به پاسي کان ڪو فرق نه رهي. اهڙي قسم جو انصاف ڪنهن جي به وس ۾ نه آهي ۽ ڪو ماڻهو ايئن ڪرڻ به گهري ته نٿو ڪري سگهي. دل جي لاڙي تي ماڻهوءَ جو وس نه هلندو آهي، تنهن ڪري ايترو ئي گهڻو آهي ته مڙس هڪ ئي زال ڏانهن ايترو نه جهڪي وڃي جو ٻي بلڪل ئي ٽنگيل رهي.

نڪاح يتيمن جي حقن جي سنڀال لاءِ ڪيو ويو هجي يا ٻئي ڪنهن مقصد سان، ڪابين ۽ انصاف عورت جو حق آهي ۽ اهو تمام ئي سهڻي نموني سان ادا ٿيڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ان ڳالهه جو خوف هجي ته زالن ۾ برابريءَ وارو حق گهرڻ جي نتيجي ۾ مڙس زال کان منهن موڙي ڇڏيندو يا جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪندو ته انهيءَ ۾ ڪا به خرابي نه آهي ته ٻئي پاڻ ۾ ويهي ڪنهن ڳالهه تي ناهه ڪن.

## همبستري جون حدون

حيض ۽ نفاس وارن ڏينهن ۾ زال مڙس جو جنسي ميلاپ منع ڪيل آهي. اها پابندي رت جي بند ٿي وڃڻ تائين آهي. ان کان پوءِ اها ختم ٿي وڃي ٿي، پر صحيح طريقو هي آهي ته جڏهن عورت وهنجي سنهجي پاڪائي حاصل ڪري وٺي، تڏهن ان سان ميل ميلاپ ڪيو وڃي ۽ لازمي طرح سان انهيءَ ئي رستي کان ڪيو وڃي جيڪو الله تعاليٰ مقرر ڪيو آهي.

## ايلاء

زال سان ازدواجي لاڳاپا ٽوڙڻ ڪنهن مناسب سبب کانسواءِ


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جائز نہ آهن. ايتري تائين جو جيڪڏهن انهيءَ لاءِ قسم کنيو ويو آهي تہ انهيءَ کي ٽوڙڻ ضروري آهي. انهيءَ لاءِ چئن مهينن جي مدت مقرر ڪئي وئي آهي. مڙس پابند آهي انهيءَ مدت جي اندر يا تہ زال سان ازدواجي لاڳاپا بحال ڪري يا وري جيڪڏهن طلاق ڏيڻ جو فيصلو ڪيو اٿس تہ کيس طلاق ڏئي ڇڏي.

## ظهار

جيڪڏهن ڪو ماڻهو وات ڦاٽوڙو ٿي زال کي ماءُ سان يا سندس ڪنهن عضوي کي ماءُ جي عضوي سان تشبيهہ ڏئي ٿو تہ انهيءَ سان ان جي زال سندس ماءُ نٿي ٿئي ۽ نہ ئي کيس اها حرمت حاصل ٿي سگهي ٿي، جيڪا ماءُ کي حاصل آهي. تنهن ڪري اهڙي قسم جي تشبيهہ ڏيڻ سان نہ ڪنهن جو نڪاح ٽٽي ٿو ۽ نہ ان جي زال کيس، سندس ماءُ وانگر حرام ٿئي ٿي. تنهن هوندي بہ ان جو اهو مطلب بہ نہ آهي تہ کيس بنا ڪنهن ڇينڀ جي ڇڏي ڏنو وڃي. انسان جي معاشرتي زندگي تي اهڙي قسم جي ڳالهين جا اثر تمام ئي غير معمولي هوندا آهن. تنهن ڪري ضروري آهي کيس سيکت ڏني وڃي تہ جيئن اڳتي لاءِ هو بہ احتياط ڪري ۽ ٻين کي بہ انهيءَ مان سبق ملي. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جو فيصلو آهي تہ اهڙي حالت ۾ زال کي هٿ لائڻ کان اڳ کيس پنهنجي انهيءَ حرڪت جو ڪفارو ادا ڪرڻ گهرجي. اهو ڪفارو هن طرح آهي:

هڪ ٻانهي يا غلام کي آزاد ڪيو وڃي.

اهو نہ هجي تہ لڳاتار ٻہ مهينا روزا رکي.

اهو بہ نہ ٿي سگهي تہ پوءِ سٺ مسڪينن کي کاڌو کارائي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

# طلاق

زال مڙس ۾ نباھ نہ ٿي سگھي نبين سڀني سڳورن عليھم السلام جي دين ۾ جدائيءَ جي گنجائش سدائين رھي آھي. اصطلاح ۾ انھيءَ کي طلاق سڏيو ويندو آھي. اھڙي حالت پيش اچڻ کان پھريان ھر ماڻھوءَ جي اھا خواھش ھئڻ گھرجي تہ جيڪو رشتو ھڪ دفعو قائم ٿي ويو آھي، تنھن کي ممڪن حد تائين بچائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. پر سڌاري جي سمورين ڪوشش باوجود بہ جيڪڏھن صورتحال نٿي سڌري ۽ چٽيءَ طرح سان چاڻ ۾ اچي وڃي ٿو تہ ھاڻي اھو رشتو قائم رھي نہ سگھندو تہ طلاق کان اڳ آخري تدبير جي طور تي الله تعاليٰ زال مڙس جي قبيلي، برادري ۽ ان جي مٽن مائٽن ۽ خيرخواھن کي ھدايت فرمائي آھي تہ اھي اڳتي وڌن ۽ پنھنجي اثر رسوخ کان ڪم وٺندي، معاملن کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪن. انھيءَ جي صورت اھا ٻڌائي وئي آھي تہ ھڪ امين مڙس ۽ ھڪ زال جي ڪٽنب مان چونڊيو وڃي ۽ ٻئي پاڻ ۾ گڏجي انھن ۾ نباھ ڪرائن. ايئن ڪرڻ سان اميد آھي تہ جنھن جھيڙي کي ٻئي ڌريون پاڻ نبيرڻ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگھيون، سو خاندان جي چڱن مڙسن ۽ ٻين خيرخواھن ۽ ھمدردن جي وچ ۾ پوڻ سان نبرجي ويندو.

مرد ڪٽنب جو سربراھ آھي. وري ڪاڏي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي جا خرچ پکن جي ذميواري بہ ان تي ئي آھي، انھيءَ ڪري طلاق جو حق بہ کيس ئي ڏنو ويو آھي. انھيءَ ڪري جيڪڏھن عورت جدا ٿيڻ گھري تہ ھوءَ طلاق ڏئي نٿي سگھي، پر ھوءَ مڙس کان طلاق جي گھُر ڪندي. عام حالتن ۾ اھا ئي اميد آھي تہ ھر شريف طبيعت



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ماڻھو نباھ جي ڪابہ شڪل نہ ڏسي اھڙي گھُر ڪي مڃي ونندو. پر جيڪڏھن ايئن نہ ٿو ٿئي تہ عورت عدالت ۾ وڃي سگھي ٿي، جيڪا مڙس کي طلاق ڏيڻ جو حڪم ڏيندي يا نڪاح کي ٽوڙڻ جو فيصلو ڏيندي.

مڙس پاڻ طلاق ڏئي يا زال جي مطالبي تي ڪيس جدا ڪرڻ جو فيصلو ڪري، ٻنهي حالتن ۾ ان جو طريقو جيڪو قرآن ڪريم ۾ ٻڌايو ويو آھي، سو ھن طرح آھي:

1. طلاق عدت جي لحاظ کان ڏني ويندي. ان جو مطلب ھي آھي تہ زال کي يڪدم جدا ڪري ڇڏڻ لاءِ طلاق ڏيڻ جائز نہ آھي. اھا جڏھن ڏني ويندي، ھڪ مقرر ڪيل مدت جي پوري ٿيڻ تي، جدا ٿيڻ جي ارادي سان ڏني ويندي. عدت جو لفظ اصطلاح ۾ انھيءَ عرصي لاءِ استعمال ٿيندو آھي، جنھن ۾ زال مڙس جي طرف کان طلاق ملڻ يا ان جي وفات کان پوءِ ٻئي ڪنھن ماڻھوءَ سان نڪاح نٿي ڪري سگھي. اھو عرصو جيئن تہ بنيادي طرح سان مقرر ئي انھيءَ لاءِ ڪيو ويو آھي تہ عورت جي پيٽ جي صورتحال چٽيءَ طرح واضح ٿي وڃي، انھيءَ ڪري ضروري آھي تہ زال کي حيض کان پاڪ ٿيڻ کان پوءِ ۽ ان سان زال مڙس واري لاڳاپي قائم ڪرڻ کانسواءِ ئي طلاق ڏني وڃي.

2. عدت جو ڳاڻيٽو تمام ئي احتياط سان ڪرڻ گھرجي. طلاق جو معاملو تمام ئي نازڪ آھي. انھيءَ سان عورت ۽ مرد ۽ انھن جي اولاد ۽ ڪٽنب جي لاءِ ڪيترائي قانوني مسئلا پيدا ٿيندا آھن. انھيءَ ڪري ضروري آھي تہ جڏھن طلاق ڏني وڃي تہ وقت ۽ تاريخ کي ياد رکيو وڃي تہ طلاق جي وقت عورت جي


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

کھڙي حالت هئي، عدت جي شروعات ڪڏهن ٿي آهي، اها ڪڏهن تائين هلندي ۽ ڪڏهن ختم ٿيندي.

3. عدت جي پوري ٿيڻ تائين مڙس کي رجوع (موٽي اچي زال مڙس واري رشتي کي قائم رکڻ) جو حق آهي. مڙس جيڪڏهن رجوع نہ ڪري تہ عدت جي پوري ٿيڻ تي زال مڙس جو رشتو ختم ٿي ويندو. انهيءَ ڪري اها عدت جڏهن پنهنجي پڄاڻيءَ کي پهچي رهي هجي تہ مڙس کي فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ ڪيس زال کي روڪڻو آهي يا ڇڏي ڏيڻو آهي. ٻنهي صورتن ۾ الله تعاليٰ جو حڪم هيءُ آهي تہ معاملو سٺي نموني نبيريو وڃي. انهيءَ باري ۾ جيڪي هدايتون قرآن ۾ ڏنيون ويون آهن سي هي آهن:

پهريون هي تہ زال کي ڪو مال، اثاثو زيور، ڪپڙا وغيره، پوءِ ڀلي ڪيتري ئي قيمت جا هجن، جيڪڏهن تحفو ڪري ڏنا ويا آهن تہ انهن جو واپس وٺڻ جائز نہ آهي. کاڌو پيتو، لٽو ڪپڙو ۽ ڪابين تہ عورت جو حق آهي، انهن کي واپس ڪرڻ جو تہ سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. انهن ڪانسواءِ بہ ٻيون ڪي شيون جيڪڏهن ڏنيون ويون هجن، تہ انهن جي باري ۾ قرآن جو حڪم هي آهي تہ اهي بلڪل بہ واپس نہ ورتيون وينديون.

ان ۾ بہ هيٺيون حالتون انهيءَ حڪم کان ٻاهر آهن:

هڪ هيءُ تہ زال مڙس ۾ خدائي حدن ۾ نباهہ ممڪن نہ رهي ۽ معاشري جا چڱا مڙس بہ محسوس ڪن، پر مڙس رڳو انهيءَ ڪري طلاق ڏيڻ لاءِ راضي نہ هجي تہ سندس ڏنل مال بہ زال سان گڏ هليو ويندو تہ زال اهو مال يا انهن جو ڪجهہ ڀاڱو واپس ڪري مڙس کان طلاق وٺي سگهي ٿي. اهڙي قسم جي صورتحال جيڪڏهن پيدا ٿي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

وجي تہ مڙس جي لاءِ اهو ونڻ منع نہ آهي.

ٻيو هي تہ زال کليل طرح سان بدڪاري ڪري. انهيءَ سان زال مڙس جي رشتي جو بنياد ئي جيئن تہ ڍهي پٽ پئجي وڃي ٿو. تنهن ڪري مڙس جي لاءِ جائز آهي تہ انهيءَ صورت ۾ هو پنهنجو ڏنل مال ان کان واپس وٺي.

ٻيو هي تہ زال کي هٿ لڳائڻ يا ڪابين مقرر ڪرڻ کان اڳ ئي طلاق ڏني وڃي تہ ڪابين جي معاملي ۾ مڙس تي ڪابہ ذميواري لاڳو نٿي ٿئي. پر جيڪڏهن ڪابين مقرر ڪيو آهي ۽ هٿ لڳائڻ کان اڳ ئي طلاق جي نوبت اچي وڃي تہ مقرر ڪيل ڪابين جو اڌ ادا ڪرڻ لازمي هوندو. سواءِ ان جي تہ عورت پنهنجي مرضيءَ سان سموري ڪابين تان هٿ کڻي وڃي يا وري مرد سمورو ڪابين ادا ڪري.

ٽيون هيءُ تہ عورت کي گذاري جيترو سامان ڏئي موڪلايو وڃي. قرآن انهيءَ کي الله تعاليٰ کان ڊڄڻ وارن ۽ احسان جو رويو اختيار ڪرڻ وارن تي هڪ حق سڏيو آهي. انهيءَ جو مقدار معاشري جي دستور ۽ مرد جي معاشي حالتن کي لحاظ ۾ رکندي رکيو ويندو. طلاق جيڪڏهن عورت کي هٿ لڳائڻ کانسواءِ يا ڪابين مقرر ڪرڻ کانسواءِ ڏني وئي آهي تہ الله تعاليٰ جو فرمان آهي تہ اهو حق ادا ٿيڻ گهرجي.

4. عدت وارن ڏينهن ۾ مڙس جيڪڏهن موٽي اچي تہ عورت اڳئين وانگر ان جي زال ئي رهندي. طلاق ۽ طلاق کان پوءِ موٽي اچڻ (رجوع) جو حق هر ماڻهوءَ کي نڪاح جي هڪ رشتي ۾ ٻہ دفعا حاصل آهي. ان کان پوءِ اهو حق باقي نٿو رهي. انهيءَ ڪري نڪاح


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جي هڪ رشتي ۾ ٻه دفعا رجوع ڪان پوءِ ٽيون دفعو وري جدائيءَ جي نوبت اچي وئي ۽ مڙس طلاق ڏئي ڇڏي ته انهيءَ جي نتيجي ۾ عورت سدائين جي لاءِ ان ڪان جدا ٿي ويندي، سواءِ ان حالت جي، ته ان جو نڪاح ٻئي ڪنهن ماڻهو سان ٿئي ۽ اهو به ڪيس طلاق ڏئي.

5. مڙس طلاق ڏئي يا رجوع ڪري، ٻنهي صورتن ۾ ڪين گهرجي ته پنهنجي انهيءَ فيصلي تي ٻن معتبر مسلمانن کي شاهد بڻائي. انهيءَ جو مقصد هي آهي ته ٻنهي ڌرين مان ڪو اڳتي هلي ڪنهن ڳالهه جو انڪار نه ڪري ۽ جيڪڏهن جهيڙي جي صورتحال پيدا ٿي پوي ته ان جو نبيرو آسانيءَ سان ٿي وڃي.

6. طلاق جي عدت عام حالتن ۾ ٽي حيض ۽ پيٽ هئڻ جي صورت ۾ ٻار جو ڄمڻ آهي. عورت جو حيض اچڻ جيڪڏهن بند ٿي چڪو هجي يا حيض جي عمر اچڻ جي باوجود به ڪيس حيض نه آيو هجي ته اها مدت ٽي مهينا هوندي. عورت سان جيڪڏهن همبستري نه ٿي آهي، ته انهيءَ کي پيٽ هئڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي، انهيءَ ڪري ان جي ڪابه عدت نه آهي.

عدت واري مدت جا حڪم جيڪي قرآن پاڪ ۾ بيان ٿيا آهن، سي هي آهن:

پهريون، هدايت ڪئي وئي آهي ته انهيءَ وچ ۾ زال کي نه پنهنجو گهر ڇڏڻ گهرجي ۽ نه ئي مڙس کي هيءُ حق آهي ته ڪيس گهران ڪڍي ڇڏي. ان طرح سان گڏجي رهڻ جي نتيجي ۾ ان ڳالهه جي اميد آهي ته دلين ۾ ڦيرو اچي وڃي، ٻئي پنهنجي رويي تي ويچار ڪن ۽ انهن جو برباد ٿيندڙ گهر هڪ دفعو وري آباد ٿي وڃي. انهيءَ کان آجي رڳو هيءَ صورت آهي ته مرد عورت کي طلاق



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ئي ڪنهن ڪليل بدڪاريءَ جي ڪري ڏني هجي. انهيءَ صورت ۾ ظاهر آهي تہ نہ مڙس کان هيءَ گهُر ڪرڻ جائز آهي تہ هو اهڙي عورت کي گهر ۾ رهڻ ڏئي ۽ نہ ئي انهيءَ سان اهو فائدو حاصل ٿي سگهي ٿو، جنهن جي لاءِ اها هدايت ڪئي وئي آهي.

ٻيو، فرمايو ويو آهي تہ عدت جي وچ ۾ مڙس عورت کي پنهنجي حيثيت آڌار رهڻ جي جاءِ ۽ کاڌو پيتو، لٽو ڪپڙو مهيا ڪندو ۽ انهيءَ وچ ۾ اهڙو ڪوبہ طريقو اختيار نہ ڪندو، جنهن سان عورت جي خودداري تي ڌڪ لڳي ۽ هوءَ ڪجهہ ئي ڏينهن ۾ پريشان ٿي، ان جو گهر ڇڏڻ تي مجبور ٿي وڃي.

ٽيون، عدت واري مدت ۾ عورت پنهنجو پيٽ لڪائڻ جي ڪوشش نہ ڪندي. الله تعاليٰ تمام ئي سختيءَ سان انهيءَ لاءِ تاڪيد ڪئي آهي. چو جو عدت جو حڪم ڏنو ئي انهيءَ لاءِ ويو آهي تہ عورت جي پيٽ سان هئڻ جي خبر پئجي وڃي.

7. طلاق کان پوءِ بہ جيڪڏهن طلاق ڏيندڙ مڙس هي گهري ٿو تہ عورت سندس ٻار کي کير پياري تہ کيس ٻن سالن تائين اها ذميواري پوري ڪرڻ گهرجي. عورت جيڪڏهن انهيءَ لاءِ تيار ٿئي تہ مرد کيس انهيءَ خدمت جو معاوضو ادا ڪندو ۽ اهو معاوضو هڪٻئي جي رضامندي ۽ سهڻي نموني سان طئي ڪيو ويندو. ٻار جو پيءُ فوت ٿي ويو هجي، تہ بلڪل ساڳي ئي حالت ذڪر ڪيل ذميوارين ۽ حقن جي معاملي ۾ ان جي وارثن جي هوندي. ڏريون اها مدت گهٽائي بہ سگهن ٿيون ۽ ٻار جو پيءُ يا ان جا وارث ماءُ جي بدران ٻي ڪنهن عورت کان کير پيارڻ گهرن تہ ان جي بہ اجازت آهي، پر ان لاءِ شرط هي آهي تہ ان جي ماءُ سان ڏيتي ليتي جو جيڪو ٺهراءُ ٿيو آهي، سو



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

پورو ڪيو وڃي.

8. طلاق کان پوءِ عورت جي ڪنهن فيصلي ۾ رڪاوٽ بڻجڻ جو حق پهرين مڙس وٽ نٿو رهي. هوءَ جڏهن گهري، جتي گهري شادي ڪري سگهي ٿي. ان جو اهو فيصلو جيڪڏهن رواج موجب آهي، ته انهيءَ لاءِ ڪنهن اعتراض جي گنجائش نٿي ٿي سگهي.

## مڙس جي وفات

رنڙ زال جي عدت چار مهينا ڏه ڏينهن آهي. عام طلاقيل جي پيٽ ۾ هيءُ واڌارو انهيءَ لاءِ آهي جو ڪيس ته اهڙي پاڪائيءَ ۾ طلاق ڏيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ مڙس سان ان جي ملاقات نه ٿي هجي، پر رنڙ جي لاءِ جيئن ته ان قسم جو ڪوبه طريقيڪار جوڙڻ ناممڪن آهي، انهيءَ ڪري احتياط جي گهر اها ئي آهي ته ڏينهن جو ڳاڻيٽو وڌايو وڃي.

طلاقيل ۽ رنڙ جي لاءِ عدت جو حڪم جيئن ته هڪ ئي مقصد هيٺ ڏنو ويو آهي، تنهن ڪري جن ڳالهين کان طلاقيل جي آجي هجڻ جو بيان ٿيو آهي، سي رنڙ جي عدت ۾ به ايئن ئي ڌيان ۾ رکيون وينديون. انهيءَ ڪري اهڙي رنڙ جنهن کي مڙس اجا هٿ نه لاتو آهي، تنهن لاءِ ڪابه عدت نه آهي ۽ پيٽ واري عورت جي عدت ٻار ڄڻڻ سان ختم ٿي ويندي.

عدت پوري ٿيڻ کان پوءِ عورت آزاد آهي. هوءَ پنهنجي معاملي ۾ جيڪو به فيصلو مناسب سمجهي، ڪري سگهي ٿي. معاشري جي رواج جي پابندي سو ڪيس ڪرڻ گهرجي. يعني



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڪوبہ اهڙو ڪم نہ ڪري، جنهن سان سندس ڪٽنب جي عزت، ناموس، شان مان ۽ چڱين روايتن کي نقصان پهچڻ جو خوف هجي. ڪيس اها ڳالهہ ڌيان ۾ رهي تہ سندس ڪنهن بہ عمل سان مڙس يا سندس ڏٽين تي ڪو الزام تہ نٿو اچي.

جيڪڏهن ڪو ماڻهو رنڙ سان نڪاح ڪرڻ گهرندو هجي تہ عدت واري وقت ۾ اهو تہ ڪري سگهي ٿو تہ پنهنجي دل ۾ انهيءَ جو ارادو ڪري يا اشاري ۾ ڪا ڳالهہ ڪري، پر ان جي لاءِ اهو بلڪل بہ جائز نہ آهي تہ هو هڪ ڏک پريي ڪٽنب جي جذبن کي خيال ۾ آڻڻ ڪانسواءِ ئي، عورت کي نڪاح جو پيغام موڪلي يا ڳجهي طرح سان واعدو وچن ڪري.

مڙسن جي لاءِ ضروري آهي تہ اهي پنهنجي رنڙن جي لاءِ هڪ سال تائين ڪاڏي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي جو خيال رکڻ ۽ پنهنجي گهرن ۾ کين رهائڻ جي وصيت ڪري وڃن، سواءِ ان جي جو اهي پاڻ پنهنجي مرضيءَ سان مڙس جو گهر ڇڏن يا ان قسم جو ٻيو ڪو فيصلو ڪن.

## مرد عورتن جو ميل جول

نڪاح جي اداري جي حفاظت ۽ هڪبئي سان لاڳاپن ۾ دلين اندر پاڪائي قائم رکڻ لاءِ الله تعاليٰ مرد ۽ عورتن جي ميل جول جا ڪجهہ ادب مقرر فرمايا آهن.

اهي ادب هن طرح آهن:

1. هڪ ٻئي جي گهرن ۾ وڃڻ جي ضرورت ٿي پئي تہ بنا هبڪ جي ۽ بنا پڇا ڳاڇا جي اندر داخل ٿيڻ جائز نہ آهي. ان قسم



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جي موقعن تي ضروري آهي تہ ماڻهو گهر وارن کي پهريان پنهنجي واقفيت ڪرائي، جنهن جو سهڻو طريقو هي آهي تہ دروازي تي بيهي سلام ڪيو وڃي. ان جا گهر وارا پڇا ڪندا تہ ايندڙ ماڻهو ڪير آهي؟ ڪهڙو ڪم اٿس؟ ۽ سندس گهر ۾ داخل ٿيڻ مناسب آهي يا نہ؟ ان ڪان پوءِ جيڪڏهن اهي سلام جو جواب ڏين ۽ اجازت ملي تہ گهر ۾ داخل ٿئي. پر جيڪڏهن اجازت ڏيڻ لاءِ گهر ۾ ڪوبہ ماڻهو موجود نہ هجي يا موجود تہ هجي پر ان جي طرفان چيو وڃي تہ هن وقت ملڻ ممڪن نہ آهي تہ دل ۾ ڪنهن بہ قسم جي مونجهہ محسوس ڪرڻ ڪانسواءِ ئي واپس هليو وڃجي.

انهيءَ سان رابطي ۽ لاڳاپن وارن ماڻهن کي سهاري کان محروم ڪرڻ يا انهن جي سماجي آزاديءَ تي پابندي لڳائڻ گهربل نہ آهي، تنهن ڪري ماڻهو پاڻ هجن يا انهن جا لاچار ۽ معذور مٽ مائٽ، جيڪي انهن جي ئي گهرن تي گذارو ڪن ٿا. تن جي لاءِ ڪا بہ حرڪت نہ آهي تہ اهي هڪٻئي جي گهرن ۾ اچن وڃن، ملن جلن ۽ مرد ۽ عورتون جدا جدا يا گڏجي ويهي کائن پيئن. نہ انهن جي پنهنجن گهرن ۾ ان معاملي ۾ ڪا خرابي آهي، نہ پيءُ ڏاڏي جي گهرن ۾، نہ مائرن جي گهرن ۾، نہ ڀائرن ۽ ڀينرن جي گهرن ۾ ، نہ چاچن، پڦين، مامن ۽ ماسين جي گهرن ۾، نہ پنهنجي پرورش هيٺ رهندڙ ماڻهن جي گهرن ۾ ۽ نہ دوستن جي گهرن ۾. ايتري ڳالهہ سو ضروري آهي تہ گهرن ۾ داخل ٿيڻ وقت گهر ڏٺين تي سلام ڪيو وڃي.

2. اهڙين جائن لاءِ اهڙي پابندي ضروري نہ آهي، جتي ماڻهن جون زالون ۽ ٻار نہ رهندا آهن. يعني هوٽل، مسافر خانا، دڪان،



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آفيسون، مردن جي ويهڻ جون جايون وغيره. اهڙي طرح سان گهرن ۾ ايندڙ ويندڙ خادمن ۽ نابالغ ٻارن جي لاءِ ٻـ هر وقت اجازت وٺڻ ضروري نـ آهي. انهن جي لاءِ ايترو ئي ڪافي آهي تـ اهي ٽن وقتن ۾ اجازت گهري داخل ٿين: فجر نماز کان اڳ جڏهن جو ماڻهو اڃا بسترن ۾ هوندا آهن: ٻيپهري جي وقت جڏهن اهي قيلولي جي لاءِ ڪپڙا لاهي رکندا آهن ۽ سومهڻي کان پوءِ جڏهن اهي سمهڻ لاءِ بسترن ۾ هليا ويندا آهن. انهن ڪانسواءِ ٻين وقتن ۾ بي سمجهـ ٻار ۽ گهر جا خدمتگار عورتن ۽ مردن وٽ، انهن جي اڪيلائپ وارن جائن ۾، انهن جي ڪمرن ۾ اجازت گهرڻ ڪانسواءِ ئي اچي سگهن ٿا. بي سمجهـ ٻارن جي لاءِ، سمجهـ ڀريو ٿيڻ کان پوءِ سو اها اجازت نـ رهندي، سمجهـ ڀري عمر کي پهچڻ کان پوءِ انهن لاءِ ٻـ ضروري ٿيندو تـ عام قانون موجب اجازت وٺي گهرن ۾ داخل ٿين.

3. انهن جائن تي جيڪڏهن عورتون موجود هجن تـ الله تعاليٰ جو حڪم هي آهي تـ مرد ٻـ پنهنجي نظرن کي بچائن ۽ عورتون ٻـ. نگاهن ۾ شرم هجي ۽ مرد عورتون هڪ ٻئي جي سونهن مان اکيون ٺارڻ، جسم جي هيٺائين مٿاهين کي جاچڻ ۽ هڪ ٻئي کي گهوري ڏسڻ کان پاسو ڪن تـ انهيءَ حڪم جو مقصد پڪ سان پورو ٿي وڃي ٿو. ڇو جو انهيءَ جو مقصد نـ ڏسڻ يا هر وقت هيٺ ئي ڏسندو رهڻ نـ آهي، پر نظرون ڄمائي نـ ڏسڻ ۽ نگاهن کي ڏسڻ جي لاءِ بلڪل ڍرو نـ ڇڏي ڏيڻ آهي.

4. اهڙي قسم جي موقعن تي شرم گاهن جي حفاظت ڪئي وڃي. انهيءَ جو مطلب هي آهي تـ، نـ انهن جي اندر ٻين جي لاءِ ڪو لاڙو هجي ۽ نـ ئي اهي انهن جي اڳيان کوليون وڃن، اڃا ٻـ



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

عورتون ۽ مرد جيڪڏهن هڪ هنڌ گڏ موجود هجن تہ ڍَڪِڻ وارن جائن کي اجا بہ وڌيڪ بندوبست سان ڍَڪي رکيو وڃي. انهيءَ ۾ ظاهر آهي تہ وڌو عمل دخل انهيءَ شيءِ کي آهي تہ لباس ڍنگ وارو هجي. عورتون ۽ مرد، ٻئي اهڙو لباس پهرن جيڪو خوبصورتي سان گڏ جنسي عضون کي بہ مڪمل طرح سان ڍڪيندڙ هجي. وري ملڻ جلڻ جي وقتن تي بہ ان ڳالهہ جو خيال رکيو وڃي تہ اٿڻ ۽ ويهڻ ۾ ڪوبہ ماڻهو اگهاڙو نہ ٿئي.

5. عورتن جي لاءِ خاص طرح سان ضروري آهي تہ سونهن سينگار واري ڪابہ شيءِ پنهنجي محرم مائٽن ۽ واسطيدارن کان سواءِ ٻيو ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي اڳيان ظاهر ٿيڻ نہ ڏين. انهيءَ سان سينگار جون اهي شيون سو آجيون آهن، جيڪي عام طرح سان کليل هونديون آهن. يعني هٿ پير ۽ منهن جو هار سينگار وغيره. انهن عضون کانسواءِ باقي هر جاءِ جو سينگار عورتن کي لڪائڻ گهرجي ۽ انهيءَ جي لاءِ پنهنجي چادرن جو پلئہ پنهنجي ڇاتيءَ تي رکڻ گهرجي. ايتري تائين جو مردن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي پيرن کي زمين تي هٽي هلڻ کان بہ پاسو ڪرڻ گهرجي تہ جيئن انهن جو لڪيل سينگار ظاهر نہ ٿي وڃي.

6. ڇاتي ۽ ڳچي کي ڍڪي رکڻ جو حڪم جيڪو مٿي بيان ٿيو آهي، سو انهن ڪراڙين عورتن لاءِ نہ آهي، جيڪي هاڻي نڪاح جي اميد نٿيون رکن. ان لاءِ شرط هي آهي تہ اهي زينتن جي نمائش ڪرڻ واريون نہ هجن. تنهن هوندي بہ ڀلي ڳالهہ انهن لاءِ هيءَ ئي آهي تہ احتياط ڪن ۽ مردن جي موجودگيءَ ۾ رئو نہ لاهن. اهو انهن لاءِ ڀلو آهي.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

## پيءُ ماءُ

نڪاح سان جيڪي رشتا پيدا ٿيندا آهن تن ۾ سڀ کان اهم رشتو پيءُ ماءُ جو آهي. انهن سان سهڻي سلوڪ جي تعليم سمورن آسماني ڪتابن ۽ صحيفن ۾ ڏني وئي آهي. انهن جون جيڪي حدون قرآن ڪريم مقرر فرمايون آهن سي هي آهن:

1. پنهنجي پالڻهار کان پوءِ انسان کي سڀ کان وڏيڪ پنهنجي پيءُ ماءُ جو شڪرگذار هئڻ گهرجي. اهو شڪر رڳو زبان سان ادا نٿو ٿي سگهي. انهيءَ جي لازمي گهُرج هيءَ آهي ته انهن سان تمام ئي احترام سان پيش اچجي. انهن جي لاءِ دل ۾ ڪنهن به قسم جي بيزاري پيدا ٿيڻ نه ڏئي. انهن جي اڳيان ادب جي خلاف ڪوبه ٻول نه ٻولجي. اجا به انهن سان نرمي، محبت، شرافت ۽ سياڻپ اولاد وارو انداز اختيار ڪجي. انهن جي ڳالهه مڃي ۽ ڪراڙپ جي ڪمزورين ۾ انهن کي دلداري ۽ تسلي ڏيندو رهجي.

2. پيءُ ماءُ جي انهيءَ حيثيت باوجود انهن کي ان ڳالهه جو حق حاصل نه آهي ته اهي ڪنهن کي الله تعاليٰ سان گڏ ڀاڱي ڀائيوار ڪرڻ لاءِ اولاد تي دٻاءُ وجهن. انهيءَ معاملي ۾ اولاد کي انهن جي فرمانبرداري ڪرڻ کان چٽيءَ طرح انڪار ڪرڻ گهرجي ۽ پيروي هر حال ۾ انهن ماڻهن جي طريقي جي ڪرڻ گهرجي جيڪي الله تعاليٰ ڏانهن ڏيان ڏيندڙ آهن. الله تعاليٰ جي نافرمانيءَ جي دعوة جيڪڏهن پيءُ ماءُ به ڏين ته به مڃي نٿي سگهجي. الله تعاليٰ جي ٻئي حڪم ۽ هدايتون به ان طرح سمجهيون وڃن ۽ پيءُ ماءُ جي چوڻ تي انهن جي خلاف ورزي به ڪنهن جي لاءِ جائز نه هوندي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

شرڪ جهڙي گناهه تي زور ڀرڻ باوجود دنيا جي معاملن ۾ پيءُ ماءُ سان سهڻي سلوڪ وارو رويو دستور موجب جيئن جو تيئن قائم رهڻ گهرجي. انهن جون گهرجون جيترو ٿي سگهي پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ۽ انهن جي لاءِ هدايت جي دعا بہ لڳاتار ڪندي رهجي. دين ۽ شريعت جو معاملو جدا آهن، پر ان قسم جي ڳالهين ۾ اولاد کان ڪوتاهي بلڪل بہ نہ ٿيڻ گهرجي.

## يتيم

ٻار پيءُ جي ڇانو کان محروم ٿي وڃن تہ انهن جي باري ۾ ڪجهہ مقرر ڪيل هدايتون قرآن ڏنيون آهن جن جو تت هن طرح آهي:

1. يتيمن جا سنڀاليندڙ انهن جو مال انهن جي حوالي ڪن. انهيءَ کي ڀاڙ هڙپ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪن. ظلم ۽ ناانصافيءَ سان يتيم جو مال هڙپ ڪرڻ ايئن آهي جيئن پنهنجي پيٽ ۾ باهه ڀرڻ. تنهن ڪري ڪوبہ ماڻهو نہ پنهنجي خراب مال انهن جي سٺي مال سان مَٽائڻ جي ڪوشش ڪري ۽ نہ مال جي سنڀال جو ڏيکاءُ ڪري پنهنجي مال سان گڏائي کائي وڃڻ جا موقعا پيدا ڪري. اهڙي قسم جو ميلاپ جيڪڏهن ڪنهن وقت ڪيو وڃي تہ ڪائي ڪپائڻ لاءِ نہ، پر انهن جي واڌاري ۽ معاملن ۾ سڌاري جي لاءِ هئڻ گهرجي.

2. يتيمن جي مال جي حفاظت ۽ انهن جي حقن جي سنڀال هڪ تمام وڏي ذميواري آهي. ماڻهن جي لاءِ اڪيلو ئي انهيءَ ذميواريءَ کي نڀائڻ ڏکيو هجي ۽ اهي هي سمجهندا هجن تہ يتيم



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جي ماءُ کي انھن سان گڏائي ھو پنھنجي لاءِ آساني پيدا ڪري سگھن ٿا تہ انھن کي گھرجي تہ انھن جي مائرن مان، جيڪڏھن انھن لاءِ جائز ھجن، تن مان ٻہ ٻہ، ٽي ٽي، چار چار پرڻجن. پر ھيءَ اجازت رڳو انھيءَ صورت ۾ آھي جڏھن زالن وچ ۾ انصاف قائم ڪرڻ ممڪن ھجي. پر جيڪڏھن ان ڳالھہ جو انديشو ھجي تہ اھي انھيءَ ۾ ڪامياب نہ ٿي سگھندا تہ پوءِ يتيمن جي ڀلائيءَ جھڙي نيڪ مقصد لاءِ بہ ھڪ کان وڌيڪ نڪاح نہ ڪن. انصاف تي قائم رھڻ لاءِ اھو ئي طريقو وڌيڪ صحيح آھي. انھيءَ سان گڏ ھي بہ ضروري آھي تہ انھن عورتن جو ڪابين انھيءَ ئي طريقي سان ڏنو وڃي، جھڙي طرح سان عام عورتن کي ڏنو ويندو آھي. اھو بھانو پيدا نہ ڪرڻ گھرجي تہ نڪاح جيئن تہ ان جي اولاد جي سڌاري لاءِ ئي ڪيو آھي، تنھن ڪري ڪابہ ذميواري باقي نہ رھي. ھا، جيڪڏھن ڪابين جو ڪجھہ ڀاڱو ھوءَ خوشيءَ سان معاف ڪري يا ٻي ڪا رعايت ڪري تہ انھيءَ ۾ ڪابہ خرابي نہ آھي. ماڻھو جيڪڏھن گھرن تہ انھيءَ مان فائدو وٺي سگھن ٿا.

3. يتيمن جو مال انھن جي حوالي ڪري ڇڏڻ جي جيڪا ھدايت ڪئي وئي آھي، تنھن تي عمل ان وقت ڪيو ويندو، جڏھن اھي پنھنجو مال سنڀالڻ جي عمر کي پھچي وڃن. انھيءَ کان اڳ ضروري آھي تہ ھو سنڀاليندڙ جي حفاظت ۽ نگرانيءَ ۾ ھجي ۽ ھو يتيمن کي جاچيندو رھي تہ انھن جي اندر معاملن جو شعور ۽ پنھنجي ذميوارين کي نڀائڻ جي صلاحيت پيدا ٿي رھي آھي يا نہ. انھيءَ وچ ۾ انھن جي ضرورتن کي سو ڪليل دل سان پورو ڪيو وڃي. انھيءَ خوف کان تہ اھي وڏا ٿي ويندا، انھن جو مال



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

جلدي جلدي کپائڻ جي ڪوشش نہ ڪئي وڃي ۽ ڳالھہ ٻولھہ ۾ انهن جي دلداريءَ جو خيال ڪيو وڃي.

4. سنڀاليندڙ جيڪڏهن آسودو هجي تہ ڪيس انهيءَ خدمت جو ڪوبہ بدلو وٺڻ نہ گهرجي، پر جيڪڏهن غريب هجي تہ يتيم جي مال مان پنهنجي خدمت جي مزدوري دستور موجب وٺي سگهي ٿو.

5. جيڪڏهن مال حوالي ڪيو وڃي تہ انهيءَ تي ڪجهہ معتبر ماڻهن کي شاهد بڻائڻ گهرجي تہ جيئن ڪنهن بہ بڇڙي گمان ۽ اختلاف ۽ جهيڙي جو انديشو باقي نہ رهي. ان ڪان پوءِ ياد رکڻ گهرجي تہ هڪ ڏينهن اهو ئي حساب الله تعاليٰ کي بہ ڏيڻو آهي جيڪو سڀ ڪجهہ ٻڌندڙ ۽ ڄاڻيندڙ آهي؛ ان ڪان ڪابہ ڳالھہ لڪائي نٿي سگهجي.

6. مرڻ واري جي ڇڏيل ملڪيت ۾ وارثن جا ڀاڱا جيتوڻيڪ مقرر آهن، پر وراثت جي ورهاست مهل جيڪڏهن ويجها مٽ مائٽ ۽ يتيم ۽ مسڪين اچي وڃن تہ، ان ڳالھہ کان هٽي ڪري تہ انهن جو قانوني حق بڻجي ٿو يا نہ، انهن کي ڪجهہ ڏئي راضي ڪري چڱي انداز سان موڪلائڻ گهرجي. ان قسم جي موقعن تي اها ڳالھہ هر ماڻهوءَ کي ياد رکڻ گهرجي تہ سندس ٻار بہ يتيم ٿي سگهن ٿا ۽ هو پاڻ بہ ايئن ئي انهن کي ٻين جي توجهہ جو محتاج ڇڏي دنيا مان موڪلائي سگهي ٿو.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

3

# سياست جو قانون

انسان کي الله تعاليٰ جنهن فطرت تي پيدا ڪيو آهي، تنهن جو هڪ لازمي نتيجو هي به آهي ته هو هڪ شهري زندگي گهرندو ۽ پوءِ انهيءَ شهري زندگي کي پنهنجي ارادي ۽ اختيار جي غلط استعمال کان بچائڻ لاءِ اوير يا سوير پنهنجي اندر هڪ گڏيل ضابطو پيدا ڪرڻ تي مجبور ٿي ويندو آهي. انساني تاريخ ۾ سياست ۽ حڪومت، انسان جي انهيءَ خواهش ۽ انهيءَ مجبوريءَ جي پيٽ مان پيدا ٿي آهي ۽ انسان جيستائين انسان آهي، هو جيڪڏهن گهُري، ته به انهيءَ کان جند ڇڏائي نٿو سگهي. تنهن ڪري عقل جي گهُرج اها ئي آهي ته هن دنيا ۾ حڪومت ڪانسواءِ ڪنهن معاشري جي سڌريل شهري زندگيءَ جو خواب ڏسڻ بدران هو پنهنجي انهي گڏيل نظام کي وڌ کان وڌ پاڪيزه بڻائڻ جي ڪوشش ڪري.

آسماني صحيفن جا ڄاڻو ڄاڻن ٿا ته دنيا ۾ به علائقا اهڙا آهن، جيڪي الله تعاليٰ پنهنجي لاءِ خاص ڪيا هئا: هڪ فلسطين ۽ ٻيو بيٽ نما عرب. اهي انهيءَ لاءِ خاص ڪيا ويا هئا ته عالمي سطح تي دين جي شاهديءَ لاءِ الله تعاليٰ جون چونڊيل قومون زمين جي انهن علائقن ۾ سندس توحيد جا مرڪز قائم ڪن. اهي مرڪز مڪي ۽ يروشلم ۾ ٻن مسجدن جي صورت ۾ قائم ڪيون ويون آهن جن کي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

بيت الحرام ۾ هيڪل سليماني سڏيو وڃي ٿو. انهن مرڪزن جي حفاظت ۾ انهن جي وسيلي سان دين جي دعوة دنيا جي ڏورانهن علائقن تائين پهچائڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو ته انهن علائقن ۾ بين ڪن دينن جي ميجڻ وارا مستقل طور ڪڏهن به آباد نه ٿيندا. انهيءَ جو لازمي نتيجو اتي انهن قومن جي حڪومت هئي جيڪي انهيءَ مقصد لاءِ چونڊيون ويون. انهيءَ حڪومت جو انتظام تاريخ ۾ ڪيترائي دفعا جهانن جي پالڻهار جي هٿ ۾ ئي رهيو آهي. آخري دفعو هي واقعو محمدﷺ جي رسالت واري زماني ۾ ٿيو. انهيءَ ڪري اهو ئي اهو موقعو آهي جڏهن الله تعاليٰ جي انهيءَ حڪومت جي لاءِ سياست جو هڪ قانون قرآن مجيد ۾ نازل ڪيو ويو آهي، جنهن جي ڪجهه پاسن جي وضاحت الله تعاليٰ جي آخري پيغمبر فرمائي آهي. گڏيل نظام جي پاڪائيءَ لاءِ هڪ رهنما قانون آهي جيڪو هيٺ بيان ڪيل پنجن اصولن تي آڏاريل آهي:

## بنيادي اصول

الله ۽ سندس رسول، جن معاملن ۾ ڪو حڪم سدائين لاءِ ڏئي ڇڏيو آهي، تن ۾ مسلمانن جي حاڪمن کي، پوءِ اهي پلي رياست جا سربراهه هجن يا پارليامينٽ جا ميمبر، پنهنجي پاران ڪوبه فيصلو ڪرڻ جو حق نه آهي. انهيءَ ڪري مسلمان پنهنجي رياست ۾ ڪوبه اهڙو قانون نٿا جوڙي سگهن، جيڪو الله ۽ رسول جي حڪمن جي خلاف هجي يا جنهن ۾ انهن جي هدايت کي نظر انداز ڪيو ويو هجي. باقي انهن حڪمن مطابق معاملن ۾ مسلمان ان ڳالهه جا پابند آهن ته حاڪمن جي طرفان ڪين جيڪو به



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

حڪم ڏنو ويجي، تنهن کي پوري ڏيان سان ٻڌن ۽ مڃن.

## اصل ذميواري

انهيءَ اصول جي بنياد تي جيڪو گڏيل نظام قائم ٿيندو، تنهن جي اصل ذميواري هيءَ اهي ته قوم جون امانتون اهليت (merit) جي بنياد تي ماڻهن جي حوالي ڪري ۽ عدل ۽ انصاف کي زندگيءَ جي هر شعبي ۾ ۽ ان جي آخري حد تائين قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهي.

## ديني فرض

نماز قائم ڪئي وڃي، زڪواة ادا ڪئي وڃي، ڀلائيءَ جي تاڪيد ڪئي وڃي ۽ برائيءَ کان روڪيو وڃي؛ اهي ڳالهيون گڏيل نظام جا ديني فرض آهن. انهن کي پورو ڪرڻ لاءِ جيڪي هدايتون قرآن ۽ سنت ۾ ڏنيون ويون آهن تن جي لحاظ کان:

أ. مسلمانن جا حاڪم پاڻ به نماز جو بندوبست ڪندا ۽ پنهنجي عملدارن کي به ان ڳالهہ جو پابند بڻائيندا.

ب. جمعي ۽ عيدن جي نمازن جو خطبو ۽ انهن جي امامت هر جاءِ تي اهي ئي حاڪم ۽ انهن جا مقرر ڪيل عملدار ڪندا.

ت. مسلمانن جي لاءِ ٽيڪس رڳو زڪواة ئي آهي. تنهن ڪري هر مسلمان، جنهن تي زڪوات لاڳو ٿئي ٿي، پنهنجي مال، جانورن ۽ پيداوار ۾ مقرر حصو پنهنجي سرمائي کان جدا ڪري، لازمي طور حڪومت جي حوالي ڪندو ۽ حڪومت وري ٻين خرچن سان گڏ، ان کي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

پنهنجي ضرورتمند شهرين جي ضرورتن، انهن جي دانهن کان اڳ ئي، انهن جي دروازي تي پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي.

ث. پلائيءَ جي تاڪيد ڪرڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ لاءِ حڪومت جي طرفان ڪجهه ماڻهو باقاعدي مقرر ڪيا ويندا جيڪي پنهنجي لاءِ مقرر ڪيل حدن مطابق انهيءَ کي پورو ڪرڻ جي لاءِ هر وقت مشغول هوندا.

## مسلمانن جا حق

رياست جا مسلمان شهري جيڪڏهن نماز جو بندوبست ڪن ۽ زڪواة ادا ڪندا رهن تہ انهن کي اهي سمورا حق حاصل ٿي ويندا، جيڪي هڪ مسلمان جي حيثيت سان، انهن جي حڪومت ۾ ڪين حاصل هئڻ گهرجن. اهي پاڻ ۾ پائرن وانگر هوندا، قانوني لحاظ کان برابر هوندا، دين جي مڃيل گهرجن مان نماز ۽ زڪواةڪانسواءِ ڪابہ شيءِ قانون جي طاقت سان انهن تي ٿاڦي نٿي سگهجي ۽ نہ حڪومت انهن جي جان، مال، عزت ۽ عقل جي خلاف ڪنهن بہ قسم جي ڪا زيادتي ڪري سگهندي.

## حڪومتي نظام

رياست جي حاڪمن جي چونڊ ۽ حڪومت ۾ سرداري ماڻهن جي راءِ ۽ مشوري سان طئي ٿيندي. سرداريءَ جو عهدو سنڀالڻ کان پوءِ اهي اهو اختيار نہ رکندا تہ گڏيل معاملن ۾ مسلمانن جي اجماع يا گهڻائيءَ جي راءِ کي رد ڪن.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

4

# معيشت جو قانون

معيشت جي پاڪائيءَ جو جيڪو قانون الله تعاليٰ پنهنجي آخري پيغمبر ﷺ جي ذريعي انسانيت کي ڏنو آهي، ان جو بنياد انهيءَ اصول تي قائم آهي تہ الله تعاليٰ هن دنيا کي آزمائش لاءِ بڻايو آهي. انهيءَ ڪري ان جو نظام اهڙو جوڙيو اٿس جو هتي سڀئي ماڻهو هڪ ٻئي جي محتاج هئڻ جي حيثيت سان پيدا ٿيا آهن. هن دنيا ۾ تمام اوچي کان اوچيون شخصيتون بہ پنهنجي ضرورتن جي پورائي لاءِ ٻين ڏانهن واجهائڻ جون محتاج آهن ۽ تمام ئي خسيس انسانن ڏانهن بہ انهن کي ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ جهڪايو ويندو آهي. هتي هر ماڻهوءَ جو هڪ ڪردار آهي ۽ ڪوبہ ماڻهو ٻئي کان بي پرواهہ ٿي جيئرو رهي نٿو سگهي. جهانن جي پالڻهار هن دنيا ۾ هر ماڻهوءَ جي سمجهہ، صلاحيت، دلچسپي ۽ ذريعن يا وسيلن ۾ وڏو فرق رکيو آهي. انهيءَ ڪري ان فرق جي نتيجي ۾ جيڪو معاشرو وجود ۾ اچي ٿو انهيءَ ۾ جيڪڏهن هڪ پاسي اهڙا عالم ۽ حڪيم پيدا ٿيندا آهن جنهن جي ڏاهپ سان دنيا کي سوجهرو حاصل ٿيندو آهي؛ اهي مصنف پيدا ٿيندا آهن جن جي قلم جو لفظ معنيٰ جي ناتن کي دائمي زندگي عطا ڪري ڇڏيندو آهي، اهڙا محقق پيدا ٿيندا آهن جن جي املهہ تحقيق تي زمانو واهہ واهہ ڪندو رهندو



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آهي؛ اهڙا اڳواڻ پيدا ٿيندا آهن جن جي تدبير ۽ سياست سان اجتماعي زندگيءَ جون ڏکيائيون ختم ٿي وينديون آهن، اهڙا سڌارڪ انسان پيدا ٿيندا آهن جن جي ڪوشش سان انسانيت پنهنجو پاڻ ئي سمجهه حاصل ڪري وٺندي آهي ۽ اهڙا حڪمران پيدا ٿيندا آهن جن جو حوصلو ۽ ثابت قدمي تاريخ جو پاسو ئي مٽائي ڇڏيندو آهي؛ تہ ٻئي پاسي اهڙا مزدور، هاري، خدمتگار، قُلي ۽ چوڪيدار پيدا ٿيندا آهن جن جي محنت سان مڪڙيون معجزا ڏيکارينديون، مٽي سون اوڳاڇيندي آهي، ڇلهيون وات جي چس جو سامان پيدا ڪنديون آهن؛ گهر چانديءَ وانگر چمڪندا آهن، رستا پير پڪڙڻ لاءِ بيقرر نظر ايندا آهن، عمارتون آسمان سان ڳالهيون ڪنديون آهن ۽ خرابيون مهل سان پنهنجي تڏا ويڙهہ ڪنديون آهن.

مرتبن جي انهيءَ فرق سان دنيا کي پيدا ڪري، جهانن جو پالڻهار هي ڏسي رهيو آهي تہ هي عزت پريو ۽ حقير، هڪٻئي جي احترام ۽ تعاون سان سڌريل معاشرت ۽ سڌريل شهري زندگي کي وجود ۾ آڻن ٿا يا هڪ ٻئي جي خلاف پنهنجي شرارتن ۽ بيوقوفين سان هن دنيا کي سراسر فساد بنائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف ٿي وڃن ٿا ۽ اهڙي طرح سان دنيا ۾ بہ رسوا ٿين ٿا ۽ آخرت ۾ بہ ان جي عذاب جا حقدار بڻجن ٿا.

انسان جي اها ئي آزمائش آهي، جنهن ۾ پورو لهڻ جي لاءِ الله تعاليٰ پنهنجي پيغمبرن جي وسيلي، انهن جي رهنمائي فرمائي ۽ معاشي عمل ۾ ان جي پاڪائي ۽ صفائي سترائيءَ جي لاءِ ڪيس پنهنجو هڪ قانون ڏنو آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اهو قانون هيٺ ڏنو وڃي ٿو.

## ناجائز مال ڪائڻ

ٻين جو مال ناجائز طريقن سان ڪائڻ منع آهي. وياج ۽ جوئا انهيءَ سلسلي ۾ تمام ئي بڇڙا ڏوھ آهن. انهن ڪانسواءِ ٻين سمورن معاشي معاملن جي جائز ۽ ناجائز هئڻ جو فيصلو بہ انهيءَ ئي اصول جي روشنيءَ ۾ ڪرڻ گهرجي.

## قومي جائيدادون

اهي سمورا مال ۽ جائيدادون جيڪي ڪنهن فرد جي ملڪيت نہ آهن يا نٿيون ٿي سگهن، تن کي رياست جي ئي ملڪيت ۾ رهڻ گهرجي تہ جيئن قوم جي هيءَ دولت دولتمندن ۾ ئي گردش نہ ڪري، پر ان جو فائدو اهي ماڻهو بہ کڻن جيڪي پنهنجي ضرورتن جي لاءِ ٻين جي مدد جا محتاج آهن. اهڙي طرح گڏيل انتظام سان لاڳاپيل ڪجهہ ٻيون ذميواريون بہ انهيءَ سان پوريون ڪري سگهجن ٿيون.

## لکت ۽ شاهدي

ڏيتي ليتي، قرض، وصيت ۽ ان قسم جي ٻين مالي معاملن ۾ لکت ۽ شاهديءَ جو بندوبست ڪرڻ ضروري آهي. انهيءَ کان بي پرواهي ڪڏهن ڪڏهن تمام وڏي اخلاقي فساد جو سبب بڻجي ويندي آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ان جا حڪم هن طرح آهن:

قرض جي ڏيتي ليتي جيڪڏهن هڪ خاص مدت جي لاءِ هجي تہ ضروري آهي تہ انهيءَ جو دستاويز لکيو وڃي.

اهو دستاويز ٻنهي ڌرين جي موجودگيءَ ۾ لکڻ وارو انصاف سان لکي.

دستاويز لکرائڻ جي ذميواري قرض وٺڻ واري تي هوندي. هو دستاويز ۾ اها ڳالهہ مڃيندو تہ مان فلاڻو پٽ فلاڻي جو هيترن پئسن جو قرضدار آهيان.

جيڪڏهن اهو ماڻهو ابوجهہ هجي يا ٻيڙو هجي يا دستاويز لکڻ لکائڻ جي صلاحيت نہ رکندو هجي، تہ سندس ڌڻي يا وڪيل کي سچائي ۽ انصاف سان هي دستاويز لکڻ گهرجي.

انهيءَ تي ٻن مسلمان مردن جي شاهدي بہ لڳائي وڃي جيڪي واٽين پنڌين ملندڙ ۾ مٿن مائٽن مان سٺن اخلاقن ۽ ڪردار وارا، معزز، معتبر ۽ ايماندار هجن.

جيڪڏهن ذڪر ڪيل گڻن وارا ٻہ مرد نہ ملن تہ هڪ مرد ۽ ٻن عورتن جي چونڊ بہ ڪري سگهجي ٿي. ٻن عورتن جو شرط انهيءَ لاءِ آهي تہ گهر ۾ رهندڙ هڪ مائي جيڪڏهن عدالت جي ماحول ۾ گهٻرائجي وڃي تہ شاهدي کي شڪ ۽ مونجهاري کان بچائڻ لاءِ ٻي مائي ان جو سهارو بڻجي وڃي.[6]

جيڪي ماڻهو دستاويز جي شاهديءَ ۾ شامل ٿي چڪا هجن، شاهدي جي موقعي تي کين شاهدي ڏيڻ کان پاسيرو ٿيڻ بلڪل نہ گهرجي.

---

[6] هي سد ذريعہ (سبب کي روڪڻ) جو حڪم آهي. انهيءَ ڪري عورتن جي حالتن ۾ تبديليءَ جي ڪري، ان جي ضرورت باقي نہ رهي تہ، انهيءَ تي عمل ڪرڻ بہ ضروري نہ ٿيندو.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

هٿو هٿ ڏيتي ليتيءَ لاءِ لکت ۾ ڪتابت جي ضرورت نہ آهي. ها، جيڪڏهن ڪا اهميت واري شيءِ خريد يا وڪرو ٿي رهي هجي تہ انهيءَ لاءِ شاهد ٻڌائڻ گهرجي تہ جيئن ڪوبہ جهيڙو پيدا ٿي پئي تہ انهيءَ کي نبيري سگهجي.

جهيڙو ٿي پوڻ جي صورت ۾ دستاويز لکندڙ يا شاهد کي نقصان پهچائڻ ڪنهن بہ ڏر جي لاءِ جائز نہ آهي.

ماڻهو جيڪڏهن سفر ۾ هجي ۽ ڪو لکڻ وارو نہ ملي تہ قرض جي ڏيتي ليتي ڪا شيءِ گروي رکرائڻ جي شڪل ۾ بہ ٿي سگهي ٿو. گروي رکڻ جي اجازت ان وقت تائين آهي، جيستائين قرض ڏيڻ واري جي لاءِ اطمينان جي ڪا صورت پيدا نہ ٿي ٿئي. پر جيڪڏهن اهڙي صورت پيدا ٿي پوي تہ قرض تي شاهد بيهاري گروي رکيل شيءِ لازمي طور واپس ڪري ڇڏڻ گهرجي.

ڪنهن ماڻهوءَ جي مٿان موت اچي پهچي ۽ ڪيس پنهنجي مال جي باري ۾ ڪا وصيت ڪرڻي هجي تہ پنهنجي مسلمان ڀائرن مان ٻن معزز ماڻهن کي پنهنجي انهيءَ وصيت مٿان شاهد ٻڌائڻ گهرجي.

موت جو مرحلو جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ مٿان سفر جي حالت ۾ اچي وڃي ۽ شاهد بيهارڻ جي لاءِ اتي بہ مسلمان ملي نہ سگهن تہ مجبوري جي حالت ۾ غير مسلمانن کي بہ شاهد ٻڌائي سگهي ٿو.

مسلمانن منجهان جن ٻن ماڻهن کي شاهدي جي لاءِ چونڊيو وڃي، تن جي باري ۾ جيڪڏهن اهو خوف هجي تہ ڪنهن ماڻهو جي طرفداريءَ ۾ اهي پنهنجي شاهديءَ ۾ هير ڦير ڪري ڇڏيندا


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

تہ انهيءَ کان بچڻ لاءِ اها تدبير ڪري سگهجي ٿي تہ ڪنهن نماز کان پوءِ انهن کي مسجد ۾ روڪيو وڃي ۽ انهن کان الله جي نالي تي قسم ورتو وڃي تہ پنهنجي ڪنهن دنياوي فائدي لاءِ يا ڪنهن جي پاسخاطري لاءِ، پوءِ پلي اهو سندن ويجهو مائٽ ئي ڇونہ هجي، اهي پنهنجي شاهديءَ ۾ ڪابہ ڦير ڦار نہ ڪندا ۽ جيڪڏهن ڪندا تہ گنهگار ٿيندا.

شاهدن کي ڄاڻ هئڻ گهرجي تہ اها شاهدي الله تعاليٰ لڳ شاهدي آهي، تنهن ڪري انهيءَ ۾ ننڍڙي خيانت بہ جيڪڏهن انهن کان ٿي پئي تہ اهي نہ رڳو پانهن، پر الله تعاليٰ سان بہ خيانت ڪندڙ سمجهيا ويندا.

ان جي باوجود بہ جيڪڏهن اها ڳالهہ ڄاڻ ۾ اچي وڃي تہ شاهدن وصيت ڪرڻ واري جي وصيت جي خلاف ڪنهن سان طرفداري ڪئي آهي يا ڪنهن جو حق ماريو آهي، تہ جن جو حق مئو آهي، تن مان بہ ماڻهو اٿي قسم کڻندا تہ اسان انهن اڳ ۾ شاهدي ڏيندڙن جي شاهدي کان وڌيڪ سچا آهيون. اسان انهيءَ معاملي ۾ حق کان اڳتي نہ وڌيا آهيون ۽ اسان اها ڳالهہ پوري ذميواريءَ سان چئون ٿا تہ جيڪڏهن اسان ايئن ڪيو تہ الله تعاليٰ جي دربار ۾ ظالم سڏيا ويندا سين.

شاهدن تي وڌيڪ احتساب جو فائدو هي آهي تہ انهيءَ جي خيال کان اميد آهي تہ اهي پوري پوري شاهدي ڏيندا. ٻي صورت ۾ انهن کي ان ڳالهہ جو خوف هوندو تہ جيڪڏهن انهن ڪابہ لچائي ڪئي تہ انهن جا قسم ٻين جي قسم کڻڻ سان باطل ٿي ويندا ۽ پڇرين شاهد هئڻ باوجود بہ انهن جي شاهدي رد ٿي ويندي.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

# ڇڏيل مال جي ورڇ

هر مسلمان جي دولت سندس مرڻ کان پوءِ هيٺ بيان ڪيل طريقي موجب سندس وارثن ۾ لازمي ورهائڻ گهرجي.

مرڻ واري جي مٿان جيڪڏهن ڪو قرض هجي ته سڀ کان اڳ سندس ڇڏيل ملڪيت مان اهو ادا ڪيو ويندو. ان کان پوءِ جيڪڏهن هن ڪا وصيت ڪئي آهي ته اها پوري ڪئي ويندي، ان کان پوءِ ملڪيت کي ورهايو ويندو.

وارث جي حق ۾ وصيت نٿي ٿي سگهي. سواءِ ان جي جو ان جون حالتون يا ان جي ڪا خدمت يا ضرورت، ڪنهن خاص صورتحال ۾ انهيءَ جي گهُر ڪندي هجي.

پيءُ ماءُ ۽ زال يا مڙس جو حصو ڏيڻ کان پوءِ ڇڏيل ملڪيت جا وارث مري ويل جو اولاد آهن. مرڻ واري جي اولاد ۾ جيڪڏهن ڪو ڇوڪرو نہ آهي ۽ سندس اولاد ۾ بہ يا ٻن کان وڌيڪ ڌيئر آهن تہ انهن کي بچيل ميراث جو بہ ٽهايون حصو ڏنو ويندو. هڪ ئي ڇوڪري هجي تہ اها ان جي اڌ جي حقدار ٿيندي. مري ويل جي اولاد ۾ رڳو ڇوڪرا ئي هجن تہ اهو سمورو مال انهن ۾ ورهايو ويندو. اولاد ۾ ڇوڪرا ڇوڪريون ٻئي هجن تہ هڪ ڇوڪري جو حصو ٻن ڇوڪرين جي برابر ٿيندو ۽ انهي صورت ۾ بہ سمورو مال انهن ۾ ئي ورهايو ويندو.

اولاد جي غير موجودگيءَ ۾ ميت جا پائر پينرون اولاد جي جاءِ تي آهن. پيءُ ماءُ ۽ زال يا مڙس موجود هجي تہ انهن جو حصو ڏيڻ کان پوءِ ميت جا وارث اهي ئي ٿيندا. ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي لاءِ انهن جي حصن ۽ انهن ۾ ميراث جي ورڇ جو طريقو ساڳيو ئي آهي جيڪو اولاد جي لاءِ مٿي بيان ٿيو آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

مري ويل جي اولاد هجي يا نہ هجي، ۽ ڀائر ڀينرون هجن تہ ڀيءُ ماءُ مان هر هڪ کي ڇڏيل ملڪيت جو ڇهون حصو ڏنو ويندو . ڀائر ڀينرون نہ بہ هجن ۽ رڳو ڀيءُ ماءُ ئي مري ويل جا وارث هجن تہ ڇڏيل ملڪيت جو ٽيون ڀاڱو ماءُ جو ۽ ٻہ ٽهايون ڀيءُ جو حق آهي.

مرڻ وارو مرد هجي ۽ ان کي اولاد هجي تہ سندس زال کي سندس ڇڏيل ملڪيت جو اٺون ڀاڱو ملندو. پر جيڪڏهن اولاد نہ اٿس تہ هوءَ چوٿين ڀاڱي جي ڇڏيل ملڪيت جي حقدار هوندي. مري ويل عورت هجي ۽ ڪيس اولاد نہ هجي تہ سندس ڇڏيل ملڪيت جو اڌ ان جي مڙس جو آهي ۽ جيڪڏهن ڪيس اولاد هجي تہ مڙس کي چوٿون ڀاڱو ملندو.

انهن وارثن جي نہ هجڻ جي صورت ۾ مرڻ وارو جيڪڏهن گهري تہ ڪنهن کي پنهنجي ڇڏيل ملڪيت جو وارث بنائي سگهي ٿو. جنهن ماڻهوءَ کي وارث بڻايو ويو هجي، سو جيڪڏهن مائٽ آهي ۽ ان جو هڪ ڀاءُ يا ڀيڻ آهي تہ ڇهون ڀاڱو ۽ هڪ کان وڌيڪ ڀائر ۽ ڀينرون هجن تہ ٽيون ڀاڱو انهن کي ڏيڻ کان پوءِ باقي ٥/٦ يا ٻہ ٽهايون ڪيس ملندا.

اها ورڇ جنهن بنياد تي قائم آهي، سا نفعو ڏيندڙ ويجهڙائي آهي ۽ ڀاڱن ۾ فرق جو سبب بہ ڀاڱو ماڻيندڙن جي طرفان مري ويل جي لاءِ انهن جي نفعي بخشي جو گهٽ يا وڌ هئڻ ئي آهي. ڇوڪرين جو فائدو جيئن تہ شادي کان پوءِ انهن جي مڙسن کي ٿيندو آهي، اهڙي طرح سان زال مڙس جو ساٿ ڏيندي آهي، پر مڙس ساٿ ڏيڻ سان گڏوگڏ سندس کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي جي ذميواري بہ کڻندو آهي. انهيءَ ڪري ڇوڪرن جو ڀاڱو ڇوڪرين کان ۽ مڙس جو ڀاڱو زال کان ٻيڻو رکيو ويو آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

5

# دعوت جو قانون

دين جو هڪ اهم مطالبو هي آهي تہ جيڪي ماڻهو هن دنيا ۾ حق واري واٽ اختيار ڪن، سي انهيءَ کي اختيار ڪرڻ کان پوءِ ٻين کي بہ ان راهہ تي اچڻ لاءِ لڳاتار تاڪيد ۽ نصيحت ڪندا رهن. دين جو اهو ئي مطالبو آهي، جنهن جي لاءِ عام طرح سان دعوة ۽ تبليغ جو اصطلاح استعمال ڪيو ويندو آهي. انهيءَ جو قانون جيڪو قرآن ۾ بيان ٿيو آهي، انهيءَ ۾ دعوة جي ذميواري، ايمان وارن جي مختلف حيثيتن جي لحاظ کان، بلڪل جدا جدا صورتن ۾ انهن تي رکي وئي آهي.

انهيءَ کي اسان هيٺ ذڪر ڪيل عنوانن هيٺ بيان ڪري سگهون ٿا:

## پيغمبر جي دعوة

الله تعاليٰ جا جيڪي بہ پيغمبر دنيا ۾ آيا آهن، الله تعاليٰ ڏانهن سڏڻ (دعوة الي الله) ۽ ڊيڄارڻ ۽ خوشخبري ڏيڻ لاءِ آيا آهن. انهن ۾ نبين جو ڊيڄارڻ ۽ بشارت ڏيڻ تہ ڪنهن وضاحت جي گهُرَ نٿو پيو ڪري، پر نبين مان الله تعاليٰ جنهن کي رسالت جي مرتبي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

تي فائز ڪري ٿو تن جي باري ۾ سو قرآن ٻڌايو آهي تہ اهي انهيءَ ڏيچارڻ کي، پنهنجي قومن تي شاهدي واري مرتبي تي پهچائي ڇڏڻ لاءِ مقرر هئا. قرآن پاڪ جي اصطلاح ۾ ان جو مطلب هي آهي تہ حق ماڻهن تي اهڙي طرح پڌرو ڪيو وڃي جو ان کان پوءِ ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ انهيءَ کان منهن موڙڻ جي ڪا گنجائش ئي نہ هجي. ان جي صورت هيءَ هوندي آهي تہ الله تعاليٰ انهن رسولن کي پنهنجي دين کي ظاهر ڪرڻ لاءِ چوندبيندو آهي ۽ پوءِ قيامت کان اڳ هڪ ننڍڙي قيامت انهن جي وسيلي سان هِن دنيا ۾ برپا ڪري ڇڏيندو آهي. انهن کي ٻڌايو ويندو آهي تہ اهي الله تعاليٰ سان پنهنجي ميثاق تي قائم رهندا تہ انهيءَ جي جزا ۽ جيڪڏهن انهيءَ کان منهن موڙيندا تہ انهيءَ جي سزا ڪين دنيا ۾ ئي ملي ويندي. انهيءَ جو نتيجو هيءُ نڪري ٿو جو انهن جو وجود ماڻهن جي لاءِ هڪ خدائي نشاني بڻجي ويندو آهي ۽ اهي الله تعاليٰ کي جڻ تہ انهن سان گڏ زمين تي هلندي ڦرندي ۽ عدالت ڪندي ڏسندا آهن. ان سان گڏوگڏ انهن کي حڪم ڏنو ويندو آهي تہ جنهن حق کي اهي پنهنجي اکين سان ڏسي چڪا آهن، تنهن جي پرچار ڪن ۽ الله تعاليٰ جي هدايت بنا ڪنهن کوٽي واڌي جي مڪمل طور ماڻهن تائين پهچائي ڇڏن. اها ئي شاهدي آهي. رسولن جي دعوة ۾ ڏيچارڻ، عام ڏيچارڻ، حجت پوري ڪرڻ، هجرت ۽ ڇوٽڪاري جي مرحلن مان گذري هيءَ شاهدي جڏهن قائم ٿي ويندي آهي تہ دنيا ۽ آخرت " ٻنهي ۾ خدائي فصلي جو بنياد بڻجي ويندي آهي. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ انهن رسولن کي سوڀارو ڪندو آهي ۽ انهن جي دعوة جو انڪار ڪرڻ وارن تي هن دنيا ۾ ئي عذاب نازل ڪري ڇڏيندو آهي.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

## اولاد ابراهيم جي دعوة

هيءَ دعوة ساڳي ئي شاهدي آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ٿيو آهي. قرآن ٻڌايو آهي تہ اولاد ابراهيم کي بہ الله تعاليٰ هن شاهديءَ جي لاءِ ايئن ئي چونڊيو ۽ ان جي گهرجن کي پورو ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙ جو حڪم ڏنو آهي، جيئن آدم جي اولاد مان ڪجهہ تمام وڏي مرتبي وارين هستين کي نبوت ۽ رسالت جي لاءِ چونڊيندو آهي.

اولاد ابراهيم جو اهو ئي مرتبو آهي جنهن هيٺ جيڪڏهن اها حق تي قائم هجي ۽ انهيءَ کي بنا ڪنهن گهاٽي واڌي جي پورو جو پورو دنيا جي سمورين قومن تي پهچائيندي رهي تہ، انهن جي نہ مڃڻ جي صورت ۾ الله تعاليٰ انهن قومن تي کين سوڀارو ڪندو ۽ انهن کان منهن موڙيندڙن کي انهن جي وسيلي سان ذلت ۽ غلاميءَ جي عذاب ۾ گرفتار ڪندو آهي.

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org

## عالمن جي دعوة

نبي ﷺ کان پوءِ ڊيڄارڻ جي ذميواري هن امت جي عالمن ڏانهن منتقل ٿي آهي. الله تعاليٰ فرمايو آهي تہ مسلمانن جي هر جماعت ۾ ڪجهہ اهڙا ماڻهو اڳتي وڌي اچن، جيڪي دين جو علم حاصل ڪن ۽ پنهنجي قوم جي لاءِ ڊيڄاريندڙ بڻجي انهن کي آخرت جي عذاب کان بچائڻ جي ڪوشش ڪن.

قرآن مان معلوم ٿئي ٿو تہ دعوة جي انهيءَ صورت ۾ هيٺين ڪجهہ ڳالهيون ضرور ڌيان ۾ رکڻ گهرجن.

پهريون هي تہ انهيءَ جي لاءِ اٿڻ وارا جيڪو حق کڻي اٿن، تنهن تي سندن پنهنجو ايمان بلڪل مضبوط ۽ پختو هئڻ گهرجي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اهي جيڪا بہ ڳالهہ ماڻهن جي اڳيان پيش ڪن، انهيءَ تي سندن دل ۽ دماغ ڪي اهڙي طرح مطمئن هئڻ گهرجي جو اهي پاڻ بہ محسوس ڪن تہ اها انهن جي دل جي ڳالهہ ۽ روح جي رڙ آهي جيڪا انهن جي زبان تي آئي آهي. هو پنهنجي سموري شخصيت کي پنهنجي پالڻهار جي حوالي ڪري، انهيءَ ميدان ۾ لهي اچن ۽ جنهن ڳالهہ ڏانهن ماڻهن کي سڏن، انهيءَ جي باري ۾ سڀ کان اڳ پاڻ هي اعلان ڪن تہ اهي دل جي گهرائين ۽ جسماني عمل سان ان تي ايمان رکن ٿا.

ٻيو هي تہ انهن جي قول ۽ عمل ۾ ڪنهن بہ پاسي کان ڪو ٽڪراءُ نہ هجي. اهي جنهن شيءِ جا علمبردار بڻجي اٿن، تنهن کي سڀ کان اڳ پاڻ ئي پنهنجائن ۽ جنهن حق جي ماڻهن کي دعوة ڏين، انهن جو عمل بہ انهيءَ جي ئي شاهدي ڏئي.

ٽيون هي تہ اهي حق جي معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي منافقت کان ڪم نہ وٺن. دين جي ننڍي کان ننڍڙي حقيقت بہ جڏهن انهن تي پڌري ٿي پوي تہ انهيءَ کي دل جان سان قبول ڪن، زبان سان انهيءَ جي شاهدي ڏين، ۽ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ انهيءَ کي بنا ڪنهن گهاٽي واڌي جي دنيا جي سامهون پيش ڪن.

چوٿون هيءُ تہ پنهنجي ڏيجارڻ جو ذريعو اهي قرآن مجيد کي بڻائن. رسول الله ﷺ کي قرآن انهيءَ جو ئي حڪم ڏنو آهي. پاڻ انهيءَ ئي بنياد تي سموري دنيا جي لاءِ ڏيجاريندڙ آهن. عالم، حقيقت ۾ پاڻ ﷺ جي انهيءَ ڏيجارڻ کي ئي ماڻهن تائين پهچائيندا آهن.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

# رياست جي دعوة

مسلمانن کي جيڪڏهن زمين جي ڪنهن ڀاڱي ۾ سياسي خودمختياري حاصل ٿي وڃي تہ انهن جي ذميواري آهي تہ ڪجهہ ماڻهن کي انهيءَ ڪم تي مقرر ڪن تہ اهي ماڻهن کي ڀلائيءَ ڏانهن سڏن، برائيءَ کان روڪن ۽ ڀلائيءَ جي تاڪيد ڪن. حڪومت قائم ڪرڻ کان پوءِ اها ذميواري مسلمانن جي حڪمرانن تي لاڳو ٿئي ٿي. انهن لاءِ ضروري آهي تہ رياستي انتظام سان لاڳاپيل ٻين سمورين فطري ذميوارين کي پورو ڪرڻ سان گڏوگڏ اهي پنهنجي هيءَ ذميواري بہ ضرور پوري ڪن.

# فرد جي دعوة

فرد جي دعوة پنهنجي ماحول ۽ پنهنجي عملي دائري ۾ هڪ ٻئي کي ڀلائيءَ جي لاءِ نصيحت ڪرڻ ۽ برائيءَ کان روڪڻ آهي. دعوة جي انهيءَ صورت ۾ دعوة ڏيندڙ ۽ دعوة ڏنل جدا جدا نہ آهن، پر هر ماڻهو جهڙي طرح سان هر وقت دعوة ڏيندڙ آهي، اهڙي طرح هو دعوة ڏنل بہ آهي. اهو فرض پيءُ کي پٽ لاءِ ۽ پٽ کي پيءُ لاءِ، زال کي مڙس لاءِ ۽ مڙس کي زال لاءِ، ڀاءُ کي ڀيڻ لاءِ ۽ ڀيڻ کي ڀاءُ لاءِ، دوست کي دوست لاءِ ۽ پاڙيسري کي پاڙيسري لاءِ، مطلب تہ هر ماڻهو کي پاڻ سان لاڳاپيل هر ماڻهن جي لاءِ ادا ڪرڻ گهرجي. هو جتي اهو ڏسي تہ سندس لاڳاپيل ماڻهن مان ڪنهن حق جي خلاف ڪو طريقو اختيار ڪيو آهي تہ کيس گهرجي تہ پنهنجي ڄاڻ ۽ صلاحيت موجب کيس سچائيءَ واري واٽ هلڻ جي نصيحت ڪري. هي ٿي سگهي ٿو تہ صبح جو اسان ڪنهن کي ڀلائيءَ جي ترغيب ڏيون ۽



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

شام جي وقت هو اسان جي لاءِ ساڳي ئي خدمت ڏئي. اڄ اسان کنهن کي ڪا حق جي ڳالهه پهچايون ۽ سياڻي هو اسان کي انهيءَ جي تلقين ڪري. مطلب هي آهي ته جڏهن به موقعو ملي، هر مسلمان کي پنهنجي طور تي اهو ڪم لازمي ڪندو رهڻ گهرجي.

## دعوة جي حڪمت عملي

دعوة جي اها حڪمت عملي ان جي هر صورت سان لاڳاپيل آهي. قرآن انهيءَ کي هڪ بنيادي اصول جي حيثيت سان بيان ڪيو آهي جيڪو هيٺ بيان ڪيل ٽن نڪتن تي آڌاريل آهي:

پهريون هيءَ ته دعوة سدائين حڪمت، نصيحت ۽ سهڻي دليل واري انداز ۾ پيش ڪرڻ گهرجي. حڪمت جو مطلب دليل آهن ۽ سهڻي نصيحت جو مطلب درد ڀريل واعظ ۽ نصيحت آهي. مقصد هيءُ آهي ته دعوة ڏيندڙ جيڪا به ڳالهه چوي، سا دليل، علم ۽ عقل جي روشنيءَ ۾ چوي. سندس انداز وڙهڻ ۽ داٻو وجهڻ وارو نه، پر خير خواهي ۽ پيار محبت سان ڏيان ڇڪائڻ وارو هجي. ايتري تائين جو جيڪڏهن بحث مباحثي جي جيڪڏهن نوبت اچي وڃي ۽ انهيءَ جي جواب ۾ مخالف ڇڙ ڏياريندڙ ڳالهيون ڪرڻ لڳي ته به گار جو جواب گارين سان ڏيڻ بدران حق جي داعيءَ کي هميشه سلجهيل ۽ ماٺيپي واري انداز سان پيش اچڻ گهرجي.

ٻيو هي ته دعوة ڏيندڙ جي ذميواري رڳو دعوة تائين محدود آهي. يعني هي ته ڳالهه پهچائي وڃي، حق جي ڳالهه کي هر پاسي کان چِٽو ڪيو وڃي ۽ ترغيب ۽ تلقين ۾ پنهنجي پاران ڪا به


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڪسر نہ ڇڏي وجي. هُن جيڪڏهن پنهنجو فرض صحيح طرح سان ادا ڪيو تہ هو پنهنجي ذميواريءَ کان آجو ٿي ويو. ماڻهن جي هدايت ۽ گمراهي جو معاملو الله تعاليٰ پنهنجي هٿ ۾ وٺي ڇڏيو آهي. هو انهن کي بہ ڄاڻي ٿو جيڪي سندس واٽ کان ٿلجي ويا آهن ۽ انهن کي بہ ڄاڻي ٿو جيڪي هدايت ماڻيندڙ آهن. تنهن ڪري هو هر هڪ سان اهڙو ئي معاملو ڪندو جنهن جو هو حقدار هوندو. داعي کي نہ داروغو بنجڻ گهرجي ۽ نہ پنهنجي مخاطبن جي لاءِ بهشت ۽ دوزخ جو فيصلو ٻڌائڻ گهرجي. اهي سمورا معاملا الله تعاليٰ سان لاڳاپيل آهن. حق جي داعيءَ جي ذميواري رڳو حق پهچائڻ آهي. کيس گهرجي تہ پنهنجي انهيءَ ذميواريءَ کان اڳتي بلڪل نہ وڌي.

ٺيڪ ان هي تہ جن کي دعوة ڏني ويندي هجي، سي جيڪڏهن ظلم، زيادتي ۽ ايذائڻ تي لهي اچن تہ داعي اخلاقي حدن جي اندر رهندي، ايترو بدلو وٺڻ جو حق رکي ٿو جيترو کيس تڪليف پهچائي وئي آهي. پر الله تعاليٰ کي اها ڳالهہ وڻي ٿي تہ اهڙي موقعي تي صبر کان ڪم ورتو وڃي. انهيءَ صبر جو مطلب هي آهي تہ حق جو داعي هر تڪليف سهي وڃي، پر بدلي وٺڻ لاءِ ڪابہ وک نہ کڻي ۽ نہ ڏکن ۽ تڪليفن کان گهٻرائجي پنهنجي مؤقف ۾ ڪا ڦير ڦار ۽ تبديلي ڪرڻ لاءِ تيار ٿئي. اهڙي موقعي تي صبر ڪرڻ وارن جي لاءِ وڏي نعمت جو واعدو آهي. انهيءَ جو نتيجو دنيا ۾ بہ انهن جي لاءِ ڀلي ۾ ڀلي صورت ۾ ظاهر ٿيندو ۽ قيامت جي ڏينهن بہ الله تعاليٰ گهريو تہ اهي تمام ئي سٺن نتيجن کي ڏسندا.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

6

# جهاد جو قانون

انسان جي شهري زندگيءَ لاءِ امن ۽ آزادي هڪ اڻٽر ضرورت آهي. جيڪڏهن ڪو سرڪشي تي لهي اچي ته ان کي ادب سيکارڻ ۽ حفاظت لاءِ سزائون آهن. پر جيڪڏهن قومون مٿي جو سور بڻجي وڃن ته هر ماڻهو جاڻي ٿو ته انهن جي خلاف تلوار کڻڻ کانسواءِ ٻي ڪابہ واٽ نہ هوندي آهي. نصيحت ۽ تلقين سان جيستائين ڪم هلندو هجي، تلوار کڻڻ کي ڪوبہ ماڻهو جائز نہ سڏيندو. پر جڏهن ڪنهن قوم جي سرڪشي ۽ چريائپ ايتري حد تائين پهچي وڃي جو ان کي نصيحت ۽ تلقين سان سنئين واٽ تي آڻڻ ناممڪن ٿي وڃي ته انسان کي حق آهي ته ان جي خلاف تلوار کڻي ۽ ان وقت تائين مهاڏو اٽڪائي رکي جيستائين جو امن ۽ آزاديءَ جو ماحول دنيا ۾ بحال نہ ٿي وڃي. قرآن پاڪ جو ارشاد آهي تہ تلوار کڻڻ جي هيءَ اجازت جيڪڏهن نہ ڏني وڃي ها تہ قومن جي سرڪشي ايترو تہ چوٽ چڙهي وڃي ها جو شهري زندگيءَ جي بربادي تہ پري جي ڳالهہ رهي، عبادتگاهون بہ برباد ڪيون وڃن ها ۽ انهن جائن تي ڏوڙ اڏامي ها. جتي هاڻي رات ڏينهن جهانن جي پالڻهار الله جو نالو ورتو وڃي ٿو ۽ سندس عبادت ڪئي وڃي ٿي.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

اسلامي شريعت ۾ جهاد[7] انهيءَ ئي مقصد سان ڪيو ويندو آهي. اهو نہ تہ نفساني خواهشن جي پورائي لاءِ هوندو آهي، نہ مال دولت حاصل ڪرڻ لاءِ، نہ ڪنهن ملڪ تي قبضو ڪرڻ ۽ ان علائقي تي حڪومت ڪرڻ لاءِ، نہ مشهوري ۽ نالو پيدا ڪرڻ لاءِ ۽ نہ ئي قومي حميت يا مددگاري ۽ عصبيت يا دشمني جي ڪنهن جذبي کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ. انسان جي خود غرضي ۽ نفساني خواهشن جو انهيءَ جهاد ۽ قتال سان ڪوبہ لاڳاپو نہ آهي. اها الله جي جنگ آهي، جيڪا سندس ٻانها، سندس حڪم تي ۽ سندس هدايت موجب ان جي واٽ ۾ وڙهندا آهن. انهن جي حيثيت انهيءَ جنگ ۾ رڳو اوزارن ۽ عضون جي آهي (جيڪي انهيءَ خدائي جنگ ۾ ڪم ايندا آهن). انهيءَ ۾ انهن جو پنهنجو ڪوبہ ذاتي مقصد نہ هوندو آهي، پر الله تعاليٰ جي مرضيءَ کي پورو ڪرڻ مقصد هوندو آهي. تنهن ڪري اهي پنهنجي انهيءَ حيثيت کان ڪنهن بہ قسم جي نافرماني نٿا ڪري سگهن.

انهيءَ جو قانون هي آهي:

# جهاد جو حڪم

جهاد ۽ قتال جو حڪم مسلمانن کي جماعت جي حيثيت ۾ ڏنو ويو آهي. انهيءَ جون جيڪي بہ آيتون قرآن پاڪ ۾ آيون آهن، مسلمانن کي انهن جي انفرادي حيثيت ۾ اها ڳالهہ ڪئي ئي نہ وئي

---

[7] جهاد جو مطلب ڪنهن جاکوڙ ۾ پنهنجي سموري سگهہ خرچ ڪرڻ آهي. قرآن ۾ هيءُ لفظ جهڙي طرح سان الله تعاليٰ جي واٽ ۾ عام جاکوڙ لاءِ استعمال ٿيو آهي، اهڙي طرح قتال (هٿيار بند جنگ) في سبيل الله جي لاءِ بہ آيو آهي. هتي انهيءَ جو اهو ئي ٻيو مطلب بيان ڪيو پيو وڃي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

آهي. حدن ۽ تعزيرن وانگر انهن آيتن ۾ بہ جماعت جي حيثيت ۾ انهن سان ڳالھہ ڪئي وئي آهي. تنهن ڪري انهيءَ معاملي ۾ ڪنهن بہ قدم کڻڻ جو حق بہ انهن جي گڏيل يا اجتماعي انتظاميہ کي حاصل آهي. انهن منجهان ڪو فرد يا جماعت اهو حق بلڪل نٿي رکي جو انهن جي طرفان اهڙي قسم جي ڪا وک کڻڻ جو فيصلو ڪن.

## جهاد جو مقصد

قرآن ۾ انهيءَ جو حڪم بنيادي طور فتني ۽ فساد کي ختم ڪرڻ آهي. فتني فساد جو مطلب ڪنهن ماڻهوءَ کي ڏاڍ ۽ ظلم سان سندس مذهب کان بيزار ڪرڻ جي ڪوشش آهي. اها ئي اُها شيءِ آهي جنهن کي انگريزيءَ ۾ 'persecution' سان ڄاتو ويندو آهي. جان، مال ۽ آبرو جي خلاف ڏاڍائيءَ جون سموريون صورتون انهيءَ ۾ اچي وڃن ٿيون. انهيءَ ڪري ظلم ۽ ڏاڍائي، جنهن بہ شڪل ۾ هجي، مسلح جهاد انهيءَ جي خلاف ڪري سگهجي ٿو.

## جهاد جي فرضيت

جهاد مسلمانن تي ان وقت تائين فرض نٿو ٿئي، جيستائين جو دشمن جي مقابلي ۾ انهن جي جنگي طاقت هڪ خاص حد تائين نٿي پهچي. تنهن ڪري ضروري آهي تہ جهاد ۽ قتال جي انهيءَ ذميواريءَ کي پورو ڪرڻ لاءِ اهي نہ رڳو هي تہ پنهنجي اخلاقي وجود کي مضبوط رکڻ جي ڪوشش ڪن، پر پنهنجي جنگي سگهہ بہ ان حد تائين ضرور وڌائن جنهن جو حڪم قرآن


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڪريم رسول اللهﷺ جي زماني جي مسلمانن ڪي ان وقت جي حالتن موجب ڏنو هو ۽ سندن جنگي سگهہ سندن دشمنن جي ڀيٽ ۾ ڀيٽي ٿي وئي هئي.

## جهاد ۾ شموليت

جهاد ۾ عملي طرح سان ڀاڱي ڀائيوار نہ ٿيڻ رڳو انهيءَ حالت ۾ ڏوهہ آهي جڏهن ڪو مسلمانن جي عام جنگ جي باوجود بہ گهر ۾ ويٺو رهي. انهيءَ وقت بنا ڪنهن شڪ جي اهو نفاق جهڙو ڏوهہ ٻڌجي وڃي ٿو. پر جيڪڏهن اهڙي صورت نہ هجي تہ جهاد هڪ فضيلت وارو عمل آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ جو جذبو هر ماڻهوءَ کي هئڻ گهرجي. پر انهيءَ جي حيثيت هڪ فضيلت واري درجي جي ٿي آهي. هي انهن فرضن مان نہ آهي، جن کي جيڪڏهن پورو نہ ڪيو وڃي تہ ماڻهو ڏوهاري ٿي وڃي.

## جهاد مان ڀڄڻ

جهاد ۽ قتال جي ميدان ۾ لهڻ کان پوءِ بزدلي ڏيکارڻ ۽ ڀڄي وڃڻ جي نيت سان پٺ ڏيکارڻ حرام آهي. ڪنهن ايمان واري لاءِ اهو عمل بلڪل ئي جائز نہ آهي. اهو عمل الله تعاليٰ جي مدد تي بي اعتمادي، دنيا کي آخرت تي ترجيح ۽ موت ۽ حياتي کي پنهنجي تدبير تي آڌاريل سمجهڻ جو ڏوهہ آهي، جنهن جي ايمان جي حالت ۾ ڪابہ گنجائش نٿي ٿي سگهي.

## اخلاقي حدون

جهاد اخلاقي حدن کان بي پرواهہ ٿي ڪري بہ نٿو ڪري


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

سگهجي. اخلاقي ضابطن کي هر حال ۾ ۽ هر شيءِ تي اوليت ڏيڻي آهي ۽ جنگ ۽ ويڙهه وقت بہ الله تعاليٰ انهن ڳالهين کان منهن موڙڻ جي اجازت ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي نہ ڏني آهي. انهيءَ باري ۾ جيڪا سڀ کان اهم هدايت قرآن پاڪ ۾بيان ٿي آهي، سا واعدي جي پابندي آهي. بغاوت ۽ واعدي خلافي کي الله تعاليٰ سڀ کان بڇڙو گناهہ سڏيو آهي. انهيءَ ڪري ڪابہ معاهدي ۾ آيل قوم، جيڪڏهن مسلمانن تي ظلم بہ ڪري رهي هجي تہ، معاهدي جي خلاف ورزي ڪندي انهن جي مدد نٿي ڪري سگهجي. اهڙي طرح سان جيڪي ماڻهو جنگ جي موقعي تي ڪنهن سبب ڪري غير جانبداري تي رهڻ گهرندا هجن تہ انهن جي خلاف بہ ڪنهن قسم جو قدم کڻڻ جي اجازت نہ آهي.

جهاد جي لاءِ نڪرڻ وقت وڏائي ۽ ڏيکاءَ واري روش اختيار نہ ڪرڻ گهرجي. ٺٺ ٺانگر ۽ رعب تاب ڏيکارڻ ڪنهن بہ مومن ٻانهي کي نٿو سونهين. جنگ هجي يا جلسو الله جي ٻانهن تي ٻانهپ جي عاجزي ۽ انڪساري هر حال ۾ پڌري ڏسڻ ۾ اچڻ گهرجي.

## خدائي مدد

مسلمان اها جنگ الله تعاليٰ جي مدد جي آسري تي وڙهندا آهن. قرآن اها ڳالهہ چِٽي ڪري ڇڏي آهي تہ انهيءَ ۾ الله تعاليٰ جي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان بنيادي شيءِ صبر ۽ ثابت قدمي آهي. مسلمانن جي ڪنهن بہ جماعت جي لاءِ، خدائي مدد جي حقداري ان وقت تائين نٿي ٿئي، جيستائين ان جي اندر اهي گڻ نٿا پيدا ٿين.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

## جنگي قيدي

جنگ جي قيدين کي مسلمان ڇڏي بہ سگهن ٿا ۽ انهن کان فديو بہ وٺي سگهن ٿا. پر انهن کي قتل ڪرڻ يا ٻانهي ٻانهو بڻائي رکڻ جي گنجائش قرآن مجيد سدائين جي لاءِ ختم ڪري ڇڏي آهي.

## غنيمت جو مال

غنيمت جو مال بنيادي طور گڏيل مقصدن جي لاءِ خاص آهي. الله تعاليٰ جي طرف کان مجاهدن جو انهيءَ ۾ دائمي حق قائم نہ ڪيو ويو آهي تہ مسلمانن جي حڪومت انهن کي هر حال ۾ ادا ڪرڻ لاءِ پابند هجي. اها پنهنجي حالتن ۽ شهري ضرورتن جي لحاظ کان جيڪو بہ طريقو گهري، انهيءَ باري ۾ اختيار ڪري سگهي ٿي.

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

7

# حدون ۽ سزائون

ارادي ۽ اختيار جي نعمت جتي هن دنيا ۾ انسان جي لاءِ سڀ کان وڏي فضيلت آهي، اتي انهيءَ جو هڪ لازمي نتيجو هي بہ آهي تہ انهيءَ جي غلط استعمال سان ڪيترائي دفعا زمين تي فساد پيدا ٿي پوندو آهي. انساني تاريخ ۾ اهو فساد سڀ کان پهريان انسانن جي اَبي آدم جي پٽ قابيل جي هٿان ظاهر ٿيو. تنهن ڪري هيءَ ضرورت ان سان گڏ ئي سامهون اچي وئي تہ انسان کي انسان جي ئي انهيءَ فساد ۽ بڇڙائيءَ کان بچائڻ لاءِ ڪا رٿ هئڻ گهرجي. ڏوهہ ۽ سزا جا سمورا ضابطا انهيءَ ئي ضرورت جي بنياد تي جوڙيا ويا آهن. انهن جو بنيادي مقصد بڇڙائي ۽ فساد کي ختم ڪرڻ هوندو آهي ۽ اهو ٿيڻ بہ گهرجي. پر جيڪي ماڻهو الله تعاليٰ جي هدايت کي قبول ڪري سندس رسولن تي ايمان آڻين، تن جو معاملو عام ڏوهارين وارو نہ آهي. قرآن مان خبر پوي ٿي تہ جيڪڏهن اهي جان، مال، عزت يا گڏيل جماعتي نظام جي خلاف ڪو وڏو ڏوهہ ڪن تہ الله تعاليٰ جو فيصلو هي آهي تہ انهن کي هن دنيا ۾ عذاب ڏنو وڃي تہ جيئن ٻين جي لاءِ عبرت جو سامان پيدا ٿئي ۽ اهي الله تعاليٰ جي انهيءَ عذاب کي ڏسي آخرت جي عذاب کي ياد ڪري سگهن. وري وڏيڪ اهو تہ ڏوهارين جي لاءِ بہ اهو



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

عذاب، جيڪڏهن اهي توبہ ۽ سڌاري واري روش اختيار ڪن تہ گناهن کان پاڪائيءَ جو ذريعو بڻجي وڃي ٿو.

اهو عذاب جن سزائن جي صورت ۾ ڏنو ويندو آهي، سي سدائين سخت ئي رهيون آهن. ان جو سبب هي آهي تہ انهن سزائن جو مقصد رڳو جرم ڪي ڀنجو ڏيڻ ئي نہ آهي، پر انهن سمورن ماڻهن کي الله تعاليٰ جي عذاب جو مزو چکائڻو ۽ ٻين جي لاءِ بہ سبق سيکارڻ بہ آهي، جن مڪمل سمجهہ سان پنهنجو پاڻ کي الله ۽ ان جي رسول جي حوالي ڪيو، ان سان واعدو وچن ڪيو، ان جي دين کي دين جي حيثيت سان قبول ڪيو ۽ ان کان پوءِ ان قسم جي وڏن ڏوهن ۾ ايترو تہ ڪاهي پيا جو الله تعاليٰ انهن کي دنيا ۾ وائکو ڪيو ۽ ڳالهہ عدالت جي ڪٽهڙي تائين پهچي وئي.

اهي ڏوهہ هي آهن:

1. جنگ جهيڙو ۽ زمين تي فساد
2. قتل ۽ زخمي ڪرڻ
3. زنا
4. زناجي تهمت
5. چوري

شريعت ۾ جن ڏوهن جي سزا مقرر ڪئي وئي آهي، سي اهي ئي آهن. انهن جي ننڍڙين صورتن ۽ انهن کانسواءِ باقي سڀني ڏوهن جو معاملو الله تعاليٰ مسلمانن جي حڪمرانن تي ڇڏي ڏنو آهي. هڪٻئي سان صلاح مشورو ڪري اهي انهيءَ باري ۾ جيڪو قانون گهرن، جوڙي سگهن ٿا. تنهن هوندي بہ اها ڳالهہ ان ۾ بہ طئي ٿيل آهي تہ موت جي سزا قرآن جي لحاظ کان قتل ۽ زمين تي فساد



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

پيدا ڪرڻ ڪانسواءِ، ٻئي ڪنهن ڏوهه تي نٿي ڏئي سگهجي. انهيءَ طرح سان اها ڳالهه بہ طئي ٿيل آهي تہ انهن ڏوهن تي سزا جو حڪم مسلمانن کي انهن جي انفرادي حيثيت ۾ نہ آهي، پر سموري مسلمان معاشري کي ڏنو ويو آهي ۽ اهو حڪم انهيءَ لحاظ کان اجتماعي نظام سان لاڳاپيل آهي.

هتي اسان انهن سزائن جي وضاحت ڪريون ٿا:

## جنگ ۽ زمين تي فساد

الله جو رسول دنيا ۾ موجود هجي ۽ ماڻهو ان جي حڪومت ۾ سندس ڪنهن حڪم يا فيصلي جي خلاف سرڪشي اختيار ڪن تہ اهو الله ۽ ان جي رسول سان جنگ آهي. اهڙي طرح سان ان جو مطلب زمين تي فساد پيدا ڪرڻ بہ آهي. اها صورتحال ان وقت پيدا ٿيندي آهي جڏهن ڪو ماڻهو يا جماعت قانون سان بغاوت ڪندي، ماڻهن جي جان، مال، عزت ۽ عقل جي خلاف جنگ جوٽي ڏين. انهيءَ ڪري ماڻهو قتل، دهشت گردي، ڌاڙائيءَ سان بدڪاري (زنا)، ڌاڙن ۾ ملوث هئڻ سان گڏوگڏ بدڪاريءَ کي پنهنجو پيشو ٺاهي ڇڏن يا کليل طرح سان لچائيءَ تي لهي اچن يا پنهنجي لوڦرائپ، بدمعاشي ۽ جنسي ڇڙواڳي جي بنياد تي شريف ماڻهن جي عزت ۽ آبرو جي لاءِ خطرو بڻجي وڃن يا رياستي انتظام جي خلاف بغاوت جي لاءِ اٿي پون يا غوا، ڦر مار وغيره جهڙن تمام ئي بڇڙن ڏوهن سان حڪومت جي لاءِ امن امان جو مسئلو پيدا ڪن، تہ اهي ماڻهو زمين تي فساد پکيڙڻ جي ڏوهه جا ڏوهاري ٿيندا. انهن کي ڇنڊڻ لاءِ هي چار سزائون مقرر ڪيون ويون آهن:



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

1. انهن کي عبرتناڪ طريقي سان قتل ڪيو وڃي.
2. عبرتناڪ طريقي سان ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي.
3. هٿ پير ابت سبت وڍيا وڃن.
4. ملڪ نيڪالي ڏئي ڇڏجي.

انهن سزائن سان لاڳاپيل ڪجهہ ڳالهيون حدن ۽ شرطن جي طور تي بيان ٿيون آهن:

هڪ هي تہ قرآن ڪريم حڪومت کي اختيار ڏنو آهي تہ اها ڏوهہ جي نوعيت، ڏوهاري جي حالتن ۽ ڏوهہ جي موجوده ۽ هن کان پوءِ پيدا ٿيندڙ اثرن کي سامهون رکندي، انهن مان جيڪا بہ سزا مناسب سمجهي سا اهڙي قسم جي ڏوهارين کي ڏئي سگهي ٿي. عبرتناڪ طريقي سان قتل ڪرڻ ۽ ڦاسي چاڙهڻ جهڙن سزائن سان گڏوگڏ انهيءَ ۾ ملڪ نيڪاليءَ جي سزا ان لاءِ رکي وئي آهي تہ سزا ۾ تمام ئي سختي سان گڏ، حالتن جي گهُر هجي تہ ڏوهاريءَ سان نرمي جي لاءِ بہ ڪجهہ گنجائش رکي وڃي.

ٻيو هي تہ جيڪڏهن ڏوهہ ٽولي ٺاهي ڪري ڪيو ويو آهي، تہ انهيءَ جي سزا بہ انفرادي طور تي نہ، پر انهيءَ ٽولي کي ٽوليءَ جي ئي حيثيت سان ڏني ويندي. تنهن ڪري ڏوهارين جو ڪو ٽولو جيڪڏهن زمين تي فساد ڪرڻ واري طريقي تي قتل، اغوا، زنا، ڦر مار ۽ اهڙي قسم جا ٻيا ڪي ڏوهہ ڪيا آهن تہ ان ڳالهہ جي تحقيق جي ضرورت نہ آهي تہ اهو ڏوهہ خاص طرح سان ڪنهن جي هٿان ٿيو آهي ۽ ڪهڙن نہ ڪيو آهي، پر ٽولي جو هر فرد انهيءَ ذميواريءَ ۾ ڀائيوار سمجهيو ويندو ۽ ان سان بہ لازمي طور تي معاملو انهيءَ ئي حيثيت سان ڪيو ويندو.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ٽيون هي تہ اهڙي قسم جي ڏوهارين کي سزا ڏيڻ وقت ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي دل ۾ همدرديءَ جا ڪي جذبا پيدا نہ ٿيڻ گهرجن. اهو پالڻهار جيڪو سندس خلقڻهار آهي، انهن ڏوهن ڪان پوءِ ان جو فيصلو بہ اهو ئي آهي تہ انهن کي دنيا ۾ بلڪل خوار ڪيو وڃي. انهن جي سزائن جو مقصد اهو ئي آهي ۽ ان کي هر حال ۾ سامهون رکيو وڃي.

چوٿون هي تہ اهڙي قسم جا ڏوهاري جيڪڏهن حڪومت جي ڪنهن فيصلي کان اڳ پاڻ ئي اڳتي وڌي پنهنجو پاڻ کي قانون جي حوالي ڪن ٿا تہ، انهن سان وري عام ڏوهارين وارو معاملو ڪيو ويندو. انهيءَ صورت ۾ انهن کي جنگي يا زمين تي فساد پکيڙيندڙ ڏوهاري نہ سڏيو ويندو.

## قتل ۽ زخمي ڪرڻ

انهيءَ جو قصاص (بدلو) هڪ فرض آهي جيڪو مسلمانن جي اجتماعي نظام تي الله تعاليٰ طرفان مقرر ڪيو ويو آهي. معاشري جي لاءِ انهيءَ ۾ ئي زندگيءَ جو سامان آهي ۽ مسلمانن جي لاءِ الله تعاليٰ جو هيءُ نازل ڪيل قانون آهي، جنهن کان رڳو ظالم ماڻهو ئي منهن موڙيندا آهن. تنهن ڪري حڪومت جي ذميواري آهي تہ ان جي علائقي ۾ جيڪڏهن ڪو ماڻهو قتل ڪيو وڃي تہ ان جي قاتلن کي ڳولي، انهن کي گرفتار ڪري ۽ قانون موجب انهن کان قصاس وٺي.

قصاص جي معاملي ۾ مڪمل طور تي برابريءَ جو خيال ڪيو وڃي. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪو غلام قاتل آهي تہ ان جي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

بدلي ۾ اهو ئي غلام ۽ جيڪڏهن آزاد قاتل آهي ته ان جي بدلي ۾ اهو ئي آزاد قتل ڪيو ويندو. ڪنهن به ماڻهو جو معاشرتي ۽ سماجي مرتبو انهيءَ معاملي ۾ ڪنهن به ترجيح جو سبب بلڪل ئي نه بنجڻ گهرجي.

جيڪڏهن قتيل يا قتل ڪيل ماڻهوءَ جا وارث پاڻ ئي ساهه جي بدلي ساهه عضوي جي بدلي عضوي ۽ قٽ جي بدلي قَٽَ جو مطالبو نه ڪن ۽ ڏوهاريءَ سان نرمي ڪرڻ جي لاءِ تيار ٿين ته عدالت ڏوهه جي نوعيت ۽ ڏوهاري جي حالتن کي سامهون رکندي ان کي ڪابه گهٽ ۾ گهٽ سزا ڏئي سگهي ٿي[8]. اهو الله تعاليٰ جي طرفان ماڻهن جي لاءِ هڪ رعايت ۽ انهن جي مٿان خاص مهرباني آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ ڏوهه کان متاثر ٿيندڙ جيڪڏهن اها روش اختيار ڪندا ته الله تعاليٰ جي دربار ۾ انهن جو اهو معاف ڪرڻ سندس گناهن جو ڪفارو بڻجي ويندو.

قتيل يا قتل ٿيل جي ڏٿين کي انهيءَ صورت ۾ ڏوهاري جي طرفان خون بها ڏني ويندي. الله تعاليٰ فرمايو آهي ته اها خون بها معاشري جي دستور موجب ۽ تمام ئي سهڻي انداز سان ادا ڪئي ويندي.

قتل جيڪڏهن غلطي سان ٿيو آهي ۽ قتل ٿي ويل پنهنجي ئي رياست جو ڪو مسلمان شهري آهي يا پنهنجي رياست جو شهري ته نه آهي، پر ڪنهن معاهدو ڪيل قوم سان واسطو رکي ٿو ته قاتل مٿان لازم آهي ته جيڪڏهن ڪيس معاف نه ڪيو ويو آهي ته معاشري جي دستور موجب خون بها ادا ڪري ۽ انهيءَ ڏوهه جي

[8] يعني ڏئي سگهي ٿي. ان جو مطلب لازمي طور ڏيڻ نه آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ڪفاري ۾ پنهنجي پالڻهار اڳيان توبہ ڪري ۽ ان سان گڏوگڏ هڪ مسلمان غلام بہ آزاد ڪري. پر جيڪڏهن قتل ٿي ويل دشمن قوم جو ڪو مسلمان آهي تہ قاتل تي خون بها جي ڪابہ ذميواري نہ آهي. ان صورت ۾ ايترو ئي ڪافي آهي تہ پنهنجي انهيءَ گناهہ کي ڌوئڻ لاءِ هو هڪ مسلمان غلام کي آزاد ڪري. انهن ٻنهي صورتن ۾ جيڪڏهن غلام نہ ملي تہ ان جي بدلي ۾ ٻہ مهينا لڳاتار روزا رکي.

## بدڪاري يا زنا

بدڪار مرد هجي يا عورت، ان جو ڏوهہ جيڪڏهن ثابت ٿي وڃي تہ انهيءَ جي سزا ۾ انهن کي سئو ڪوڙا هنيا ويندا.

ڏوهاري کي اها سزا مسلمانن جي هڪ جماعت جي موجودگيءَ ۾ ڏني ويندي تہ جيئن اُن جي لاءِ اها خواري ۽ ٻين جي لاءِ سبق هجي. قرآن پاڪ جو ارشاد آهي تہ ايمان وارن جي ڪنهن بہ حڪومت يا عدالت کي انهيءَ معاملي ۾ ڪنهن بہ قسم جي نرمي بلڪل بہ نہ ڪرڻ گهرجي.

انهيءَ سزا کان پوءِ ڪنهن پاڪ دامن مرد يا عورت کي انهيءَ بدڪار مرد يا عورت سان نڪاح نہ ڪرڻ گهرجي. الله تعاليٰ انهيءَ عمل کي حرام سڏيو آهي.

اها انهيءَ ڏوهہ جي سڀ کان وڏي سزا آهي ۽ رڳو انهن ڏوهارين کي ئي ڏني ويندي، جن کان ڏوهہ بلڪل آخري صورت ۾ ٿي وڃي ۽ پنهنجي حالتن جي لحاظ کان اهي ڪنهن بہ رعايت جا حقدار نہ هوندا. تنهن ڪري سزا جي اچڻ کان بچڻ لاءِ معذور،



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

لاچار ۽ ڏوھ ڪان بچڻ لاءِ ضروري ماحول، حالتون ۽ حفاظت ڪان محروم سيئي ماڻھو انھيءَ ڪان پڪ سان آجا آھن.

## زنا جي تھمت

انھيءَ جون ٻہ صورتون آھن:

ھڪ ھي تہ ڪو ماڻھو ڪنھن شريف ۽ پاڪدامن عورت يا مرد تي زنا جو الزام ھڻي.

ٻيو ھي تہ اھڙي قسم جو معاملو ڪنھن زال مڙس جي وچ ۾ اچي وڃي.

پھرين صورت ۾ انھيءَ ماڻھوءَ کي ھر حال ۾ چار اکين ڏٺا شاھد پيش ڪرڻا پوندا. جيڪڏھن ھو ايئن ڪري نہ سگھيو تہ ھو تھمت ھڻڻ جو ڏوھاري سڏيو ويندو جنھن جي سزا ھيءَ آھي تہ کيس سئو ڪوڙا ھنيا ويندا ۽ ان ڪان اڳتي ھن جي شاھدي ڪنھن بہ معاملي ۾ قبولي نہ ويندي. قرآن پاڪ جو فرمان آھي تہ اھو ڏوھ ڪرڻ وارا الله تعاليٰ وٽ ڏوھاري آھن، سواءِ ان جي جو اھي پنھنجي ڏوھ ڪان توبہ ڪن ۽ اڳتي جي لاءِ سڌري وڃن.

ٻئي صورت ۾ شاھدي نہ ھجي تہ معاملي جو نبيرو قسم سان ٿيندو. ان جي صورت ھيءَ ٿيندي تہ مڙس چار دفعا الله تعاليٰ جو قسم کڻي ھي چوندو تہ ھو جيڪو الزام ھڻي رھيو اھي، تنھن ۾ سچو آھي ۽ پنجين دفعي سان ايئن چوندو تہ جيڪڏھن ھو انھيءَ الزام ھڻڻ ۾ ڪوڙو آھي تہ مٿس الله جي لعنت ھجي. ان جي جواب ۾ جيڪڏھن عورت انھيءَ قسم جي ڪابہ مخالفت نہ ڪري تہ مٿس زنا جي اھا ئي سزا جاري ٿيندي جيڪا شريعت ۾



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ان لاءِ مقرر آهي. پر جيڪڏهن هوءَ انهيءَ الزام کي نٽي ميجي ته رڳو انهيءَ ئي صورت ۾ سزا کان بچي سگهي ٿي ته چار دفعا الله جو قسم کڻي چوي ته هي ماڻهو (سندس مڙس) ڪوڙو آهي ۽ پنجين دفعي سان هي چوندي ته جيڪڏهن هي ماڻهو سچ چئي رهيو آهي ته الله تعاليٰ جو مٽس ڏمر هجي.

ساڳيو ئي معاملو ان وقت بہ ٿيندو جڏهن زال مڙس تي الزام لڳايو هجي.

# چوري

انهيءَ جي سزا هٿ ڪٽڻ آهي. چور مرد هجي يا عورت، ان جو ڏوهہ جيڪڏهن ثابت ٿي وڃي ته انهيءَ جي سزا ۾ ان جو سڄو هٿ مُري کان ڪٽيو ويندو. زنا وانگر هيءَ بہ انهيءَ ڏوهہ جي آخري سزا آهي ۽ رڳو انهيءَ صورت ۾ ڏني ويندي جڏهن ڏوهاري پنهنجي ڏوهہ جي نوعيت ۽ پنهنجي حالتن جي لحاظ کان ڪنهن بہ رعايت جو حقدار نہ هوندو.


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

8

# ڪاڌو ۽ پيتو

دين هر لحاظ کان انساني نفس جي پاڪائي گهري ٿو. انهيءَ ڪري اهو سدائين ان ڳالهه تي زور ڏئي ٿو ته روحاني پاڪائيءَ سان گڏوگڏ کائڻ ۽ پيئڻ جي شين ۾ به پليت ۽ پاڪ جو فرق هر حال ۾ ڌيان ۾ رکيو وڃي. انسان جي فطرت انهيءَ معاملي ۾ عام طرح سان صحيح رهنمائي ڪري ٿي ۽ هو بنا ڪنهن هٻڪ جي فيصلو ڪري وٺي ٿو ته ڪهڙي شيءِ پاڪ ۽ ڪهڙي شيءِ پليت آهي. هو سدائين ڄاڻي ٿو ته شينهن، چيتو، هاٿي، سرڻ، ڪانءُ، ڳجهه، باز، نانگ، وڇون ۽ انسان پاڻ به ڪا کائڻ جي شيءِ نه آهي. ڪيس خبر آهي ته گهوڙا ۽ گڏه دسترخوان جو ذائقو وڌائڻ لاءِ نه آهن، پر سواريءَ لاءِ پيدا ڪيا ويا آهن. انهن جانورن جي لڏ ۽ پيشاب جي پليتائيءَ کان به هو چڱيءَ طرح واقف آهي. نشي وارين شين جي گدلاڻ کي سمجهڻ ۾ به ان جو عقل عام طور تي صحيح نتيجي تي پهچي وڃي ٿو. انهيءَ ڪري الله تعاليٰ جي شريعت انهيءَ باري ۾ انسان کي بنيادي طور سندس فطرت جي رهنمائيءَ تي ئي ڇڏي ڏنو آهي.

انسان جي اها فطرت ڪڏهن ڪڏهن ميسارجي ويندي آهي، پر دنيا ۾ انسانن جي عادتن جو مطالعو ٻڌائي ٿو ته انهن جو هڪ وڏو



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

تعداد انهيءَ معاملي ۾ عام طرح سان غلطي نہ ڪندو آهي. انهيءَ ڪري شريعت انهيءَ قسم جي ڪنهن شيءِ کي پنهنجو موضوع نہ بڻايو آهي. انهيءَ باري ۾شريعت جو موضوع رڳو اهي جانور ۽ انهن سان لاڳاپيل ڳالهيون آهن، جن جي حرام ۽ حلال هجڻ جو فيصلو رڳو عقل ۽ فطرت جي رهنمائيءَ ۾ ڪرڻ انسان جي لاءِ ناممڪن هو. سورة الانعام ان قسم جي چوپاين جو ذڪر ڪري ٿي. مثال طور هڪ جانور آهي جيڪو چيرڦاڙ ڪندڙ جانورن وانگر گوشت بہ کائي ٿو تہ پوءِ ڇا انهيءَ کي کائڻ لائق جانور سمجهيو ويندو يا نہ کائڻ لائق؟ اهو جانور جن کي اسان ڪُهي کائيندا آهيون، جيڪڏهن پاڪ ڪرڻ[9] کانسواءِ مري وڃن تہ انهن جو ڪهڙو حڪم هئڻ گهرجي؟ اهڙن جانورن جو رت ڇا انهن جي لڏ ۽ پيشاب وانگر پليت آهي يا انهيءَ کي حلال ۽ پاڪ سڏيو ويندو؟ اهو جيڪڏهن الله کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي نالي تي ڪنو وڃي تہ ڇا پوءِ بہ حلال ٿي رهندو؟ انهن سوالن جو ڪو پڪو ۽ چٽو جواب جيئن تہ انسان جي لاءِ ڏيڻ ڏکيو هو ۽ انهيءَ معاملي ۾ غلطي ڪري سگهي پيو، انهيءَ جي لاءِ الله تعاليٰ نبين سڳورن جي وسيلي ڪيس ٻڌايو تہ مِرون، رت، مئل جانور ۽ الله تعاليٰ کانسواءِ ٻئي ڪنهن جي نالي تي ڪُٺل جانور بہ کائڻ جي لاءِ پاڪ نہ آهن ۽ انسان کي انهن کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

---

[9] هي نبين سڳورن جي قائم ڪيل سنت آهي ۽ اصطلاح طور جنهن معنيٰ ۾ ڳالهايو ويندو آهي، سو هي آهي تہ ڪنهن تيز ڌار واري ڪنهن شيءِ سان جانور کي زخمي ڪري، ان جو رت اهڙي طرح وهايو وڃي جو ان رت وهي وڃڻ جي ڪري ٺي هو مري وڃي. جانور کي مارڻ جي اها ئي صورت آهي، جنهن ۾ ان جو گوشت رت جي پليتيءَ کان چڱيءَ طرح سان پاڪ ٿي ويندو آهي.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

انهيءَ حڪم جي جيڪا وضاحت قرآن ۾ بيان ٿي آهي سا هن طرح آهي:

1) طبعي موت مئل ۽ ڪنهن حادثي جي ڪري مري ويل جانور ۾ ڪوبہ فرق نہ ڪيو ويندو. اهي بہ ئي مردار ئي سمجهيا ويندا. ڪنهن چير ڦار ڪندڙ جانورن جو ڦاڙيل جانور بہ مردار آهي، سواءِ ان جو جو ان کي جيئري حالت ۾ ڪٺو ويو هجي.

2) تربيت ڏنل جانور جيڪڏهن شڪار کي ڦاري وجهي ۽ شڪار ذبح ڪرڻ کان اڳ ئي مري وڃي تہ اهڙي قسم جي جانور جو ان کي ڦاڙي ڇڏڻ ئي ان جو تذڪيو يا پاڪائي آهي. تنهن ڪري انهيءَ کي کڻڻ کانسواءِ بہ ڪائي سگهجي ٿو. تنهن هوندي بہ ان لاءِ ضروري آهي تہ هو انهيءَ شڪار کي پنهنجي مالڪ لاءِ جهلي بيهي. انهيءَ مان جانور جيڪڏهن ڪجهہ کائي ورتو آهي تہ اهو شڪار جائز نہ رهندو.

3) اهو جانور بہ حرام آهي، جيڪو ڪنهن آستاني[10] تي ڪٺو ويو هجي. جنهن ڪُنيءَ تي الله کانسواءِ بہ ئي ڪنهن جو نالو تہ نہ ورتو ويو پر الله تعاليٰ جو نالو بہ نہ ورتو ويو، سو بہ انهيءَ ۾ اچي ويندو. ساڳيو ئي معاملو انهيءَ ڪُنيءَ جو آهي جنهن تي نالو تہ الله جو ورتو ويو پر نالو وٺن وارو الله کي نٿو مڃي يا مڃي تہ ٿو پر ڪيس

[10] اهڙي جاءِ جتي الله کانسواءِ بہ ئي ڪنهن جي پوڄا ۽ عبادت جون رسمون ادا ڪيون وينديون هجن (سنڌيڪار)



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

گهڻن خدائن جي جماعت مان هڪ خدا جي حيثيت ۾ مڃي ٿو ۽ شرڪ کي ئي پنهنجو بنيادي دين سڏي ٿو.

4) انهن حرام ڪيل شين مان بيقراريءَ واري حالت آجي آهي سو به ان طرح جو نه ماڻهو دل سان ان جي کائڻ جي خواهش ڪندڙ هجي ۽ نه ضرورت ۽ حد کان اڳتي وڌندڙ هجي.

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

9

# رسمون ۽ اخلاق

انساني تهذيب رهڻي ڪهڻي جي جن طريقن ۽ شهري زندگيءَ جي جن اهڃاڻن مان ظاهر ٿيندي آهي، تن کي اسان اصطلاح طور رسمون ۽ اخلاق سڏيندا آهيون. انساني معاشرت جو ڪو بہ دور انهن رسمن ۽ اخلاقن کان خالي نہ رهيو آهي. انهن کي اسان هر قبيلي، هر قوم ۽ هر تهذيب ۾ هڪجيترو رواج هيٺ ۽ هڪ عام دستور جي حيثيت سان جاري ڏسون ٿا. قومن ۽ ملڪن جي سجاڻ هڪ ٻئي جي ڀيٽ ۾ گهڻو ڪري انهن سان ٿيندي آهي. نبي سڳورا جيڪو دين کڻي آيا، سو بہ پنهنجي پيروڪارن کي ڪجھ رسمن ۽ اخلاقن جو پابند بڻائي ٿو. دين جو مقصد نفس جي پاڪائي آهي، تنهن ڪري دين جون اهي رسمون ۽ اخلاق بہ انهيءَ مقصد کي اڳيان رکندي مقرر ڪيا ويا آهن. اهي رسمون ۽ اخلاق هيٺ بيان ڪجن ٿا:

1. الله جو نالو وٺي سڄي هٿ سان کائڻ

انهن مان پهرين شيءِ الله تعاليٰ جي نعمتن جي مڃتا ۽ اقرار ۽ ان ۾ برڪت جي دعا جي لاءِ آهي ۽ ٻئي ان حقيقت جي ساڳي وقت يادگيري جي لاءِ آهي تہ بهشت جون نعمتون قيامت جي ڏينهن جن ماڻهن کي ملنديون، تن جو اعمالنامو


"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

انهن کي سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو.

2. هڪ ٻئي سان ملڻ وقت اسلام عليڪم چوڻ ۽ ان جو جواب.
3. ڇنڇ اچڻ تي "اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ" ۽ ان جي جواب ۾ "يَرْحَمُكُ الله" چوڻ
4. مُڇن کي ننڍو ڪرڻ.
5. دن ڪان هيٺ وارن کي صاف ڪرڻ.
6. بغل جا وار صاف ڪرڻ.
7. وڏيل ننهن ڪٽڻ.
8. ڇوڪرن جو طهر ڪرائڻ.
9. نڪ، وات ۽ ڏندن جي صفائي ڪرڻ.
10. طهارت يا استنجو.
11. حيض يا نفاس کان پوءِ جو تڙ.
12. مٿي ميرائي جو تڙ.
13. ميت يا لاش کي تڙ ڏيڻ، ڪفن ڏيڻ ۽ دفن ڪرڻ.
14. عيد الفطر ۽ عيد الاضحيٰ جا ڏڻ.

www.javedahmadghamidi.com
www.al-mawrid.org



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

10

# قسم ۽ ان جو ڪفارو

دين ۾ قَسم جي تمام وڏي اهميت آهي. واعدو پورو ڪرڻ اسلام جي بنيادي اخلاقي ضابطن مان آهي. قسم انهيءَ واعدي کي بلڪل آخري درجي ۾ سگهارو بڻائي ڇڏيندو آهي. مسلمان جڏهن ڪنهن پختي ارادي يا واعدي تي قسم کائيندو آهي ته ڄڻ هو پنهنجي ۽ جهانن جي پالڻهار ۽ بادشاهه کي، پنهنجي ڳالهه تي شاهد بڻائيندو آهي. قسم جي انهيءَ اهميت جي باوجود ڪيترائي دفعا اهڙي صورتحال پيدا ٿي ويندي آهي، جو ماڻهو جي لاءِ پنهنجو قسم پورو ڪرڻ ناممڪن بڻجي ويندو آهي يا هو محسوس ڪندو آهي ته اهو قسم پورو ڪرڻ سان ڪائنس الله تعاليٰ يا سندس نفس يا ٻئي ڪنهن جو حق مارجي ويندو. انهيءَ صورت ۾ قسم ٽوڙي سگهجي ٿو. اجا ٻه ڪن صورتن ۾ ته قسم ٽوڙڻ دين ۽ اخلاق جي لحاظ کان ضروري ٿي ويندو آهي. شريعت ۾ انهيءَ جي ڪفاري جو هڪ طريقو مقرر ڪيو ويو آهي جنهن جو حڪم هيٺ بيان ڪجي ٿو:

1. قسم ڪڏهن ته بلڪل اجايو بي فائدي ۽ بي مهل هوندو آهي. ان ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته مومن ٻانهي کي ان قسم جي قسم کڻڻ کان به پاسو ڪرڻ گهرجي، پر پنهنجي



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

ٻانهن تي الله تعاليٰ جو هي تمام وڏو احسان آهي جو هو ان قِسم جي قَسمن تي دنيا ۽ آخرت ۾ڪو بہ پڇاڻو نہ ڪندو.

2. ان جي برخلاف جيڪڏهن قسم پڪي ارادي سان ۽ دل جي ارادي سان ڪنيو ويو آهي، ان جي ذريعي سان ڪو واعدو وچن ڪيو ويو آهي، انهيءَ سان حق ۽ ذميوارين تي ڪو اثر پوي ٿو يا اهي الله تعاليٰ جي ڪنهن حلال يا حرام ڪيل شيءِ تي اثر انداز ٿين ٿا، تہ انهيءَ تي الله تعاليٰ ضرور پڇاڻو ڪندو. تنهن ڪري اهڙي قِسم جي قسم بابت ماڻهوءَ کي بي پرواهہ ۽ سست بلڪل بہ نہ ٿيڻ گهرجي، پر مڪمل ذميواريءَ سان انهيءَ جي سنڀال ڪرڻ گهرجي.

اهڙي قسم جو قسم جيڪڏهن ڪنهن سبب جي ڪري ٽوڙڻ ضروري ٿي وڃي تہ ان لاءِ ضروري آهي تہ ان جو ڪفارو ادا ڪيو وڃي. انهيءَ جو طريقو هي آهي تہ قسم ڪٽڻ وارو ڏهن مسڪينن کي انهيءَ معيار جو کاڌو کارائي جيڪو هو عام طور تي پنهنجي گهر وارن کي کارائيندو آهي يا انهن کي پهرڻ لاءِ ڪپڙا ڏي يا هڪ غلام آزاد ڪري. انهن مان ڪجهہ بہ ملي نہ سگهي تہ پوءِ ڪيس ٽي ڏينهن روزا رکڻا پوندا.



"All rights of this book are reserved for the publisher and the author. This copy is for reading purpose only. This copy cannot be uploaded on any website except those of the publisher and the author."

المورد

علمي تحقيق جو ادارو